# تنوير چئي



تنوير عباسي

With the Compliments of the
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO.

# تنوير چئي

( ١٩٥٠ع کان ڊسمبر ١٩٨٨ع تائين جو مڪمل ڪلام )

تنوير عباسي

Institute of sindhology

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄامشورو
١٩٨٩ع

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر ۱۴۳

پهريون ايڊيشن : ڊسمبر ۱۹۸۹ع
ڪاپي رائيٽ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سڀ حق محفوظ

عبدالقادر جوڻيجي، ڊئريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ، نيو ڪئمپس، ڄام شوري،
ضلعي دادو، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.
ولي رام ولڀ، پبليڪيشن آفيسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
جي نگراني هيٺ يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس، ڪراچي
ڪمپوز ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ آفسيٽ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ.
۾ ڇپيو.

ملھ ۱۵۰ رپيا

ISBN 969 - 405 - 029 - 4
TANVEER CHAI (TANVEER SAYS)
A Collection of Poetry in Sindhi From 1950 to December 198 8
By
TANVEER ABBASI
Printed by
Sindhi Adabi Board Offset Press Jamshoro, Sind.
Published by
**Institute of Sindhology,**
University of Sind, Jamshoro,
District Dadu, Sindh, Pakistan
First Edition : December 1989
Price Per Copy : Rs. 150

# پبلشر طرفان

تنوير عباسيءَ جو نالو سنڌي ادبي حلقن ۾ موجوده دؤر جي وڏن شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ١٩٥٠ع کان وٺي هيل تائين سندس شاعريءَ جا چار مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. هتي اسان سندس چُنڊ چيپل مجموعن سان گڏ سندس اڻ ڇپيل شاعري پڻ سهيڙي پيش ڪري رهيا آهيون.

اسان جي خيال ۾ ڪلاسيڪي شاعرن کي ڇڏي موجوده دؤر جي شاعرن جي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل شاعريءَ کي گڏ ڪري هڪ ئي جلد ۾ ڇپائڻ جي ڪم جي شروعات اسان ئي ڪئي آهي. ايئن ڪرڻ سان شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙ عام پڙهندڙن ۽ شاگردن کان سواءِ تحقيقي ڪم ڪندڙ سڄڻن لاءِ بہ سهوليت ميسر ٿيندي ۽ شاعر جي مختلف دورن جي ڪلام جو ارتقائي جائزو وٺڻ ۽ تجزيو ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

اسان کي اميد آهي تہ اسان جي هي نمائي ڪوشش قبول پوندي.

جام شورو. ڊئريڪٽر

٢٦ فبروري ١٩٨٩ع

# ڪجھ تنوير عباسيءَ جي باري ۾

تنوير عباسيءَ جو اصل نالو نور نبي ۽ والد جو نالو گل حسن آهي. سندس جنم 7 ڊسمبر 1934 ع تي ڳوٺ سوڀي ديري ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. مئٽرڪ اين-جي-وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان، انٽر سائنس ڊي-جي سنڌ گورنمنٽ ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم-بي-بي-ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد مان 1960ع ۾ پاس ڪيائين.

تنوير عباسي بنيادي طور تي شاعر آهي ۽ سندس شمار سنڌيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن وقت تائين سندس شاعريءَ جا چار مجموعا- 'رڳون ٿيون رباب' (1958)، 'شعر' (1970)، 'سج تريءَ هيٺان' (1977) ۽ 'هيءَ ڌرتي' (1985) شايع ٿيل آهن.

شاعريءَ کان سواءِ نثر جي مختلف صنفن ۾ پڻ قلم آزمائي ڪئي اٿس. سندس چونڊ ۽ ترتيب تي ٻڌل- 'ٻاراڻو ٻول' (1973)، 'جديد سنڌي شاعري' (1981)؛ تحقيق ۽ ڪوجنا تي ٻڌل- 'شاهہ لطيف جي شاعري' جلد پهريون (1976)، 'شاهہ لطيف جي شاعري' جلد ٻيون (1985)، 'شاهہ لطيف جي شاعري' جلد ٽيون (جلد پهرئين ۽ ٻئي سان گڏ ڇپيل- 1989)، 'نانڪ يوسف جو ڪلام' (1982)، 'خير محمد هيسباڻي جو ڪلام' (1983)؛ پرڏيهہ جي سفر تي ٻَڌل سفرنامو- 'ڏوري ڏوري ڏيهہ' (1984)؛ هڪ ويٽنامي ناول جو ترجمو- 'جي ماريا نہ موت' (1973جي ڇاپي کان پوءِ هيل تائين ٽي وڌيڪ ڇاپا ڇپيل)؛ سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور جي ڪتابي سلسلي 'سرمست' جا 9جُلد سهيڙيل(1980ع کان 1989)؛ ۽ مضمونن، خاڪن، يادگيرين، انٽرويو ۽ دٻئي جي سفرنامي جو مجموعو

'ترورا' (1988) کان سواءِ ادب ۽ ڪلچر جي مختلف موضوعن تي سؤ ڪان وڌيڪ مقالا ڇپيل آهن. سنڌس تحقيقي ڪم ، جيڪو هن 'شاهه جي رسالي جي 1275 هجريءَ واري قلمي نسخي' تي ڪيو آهي ، پڻ ڇپائيءَ لاءِ تيار آهي.

تنوير عباسي ادبي دنيا ۾ هڪ معروف شخصيت آهي. پاڻ ڪيترن ئي ادبي ۽ ڪلچرل جماعتن سان لاڳاپيل رهيو آهي. هن وقت بہ شاهه عبداللطيف ڪلچرل ڪميٽي ڪراچي ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ائڊوائيزري بورڊ ڄامشورو ۽ سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو رُڪن آهي. کيس سنڌس شاعريءَ تي ڪيترائي ادبي انعام پڻ ملي چڪا آهن.

تنويرعباسي هن وقت پنهنجي زال ڊاڪٽر قمر تنوير سان گڏ خيرپور ۾ 'سرمد جو گهر' ۾ رهي ٿو ۽ سائنس گڏ پنهنجي 'سنڌ اسپتال' هلائي رهيو آهي. کين چار ٻار آهن - رُوبي (ڌيءُ - 31 ورهيہ) ، پارس (پُٽ - 24 ورهيہ) ، مارئي (ڌيءُ - 20 ورهيہ) ۽ سرمد (پُٽ - 19 ورهيہ).

# ارپنا

چيٽ جي پھرئين ڦونھڙي جي نالي،
ساوڻ جي پھرئين وسڪاري ناني،
مند بسنت ۾ ٽڙندڙ پھرينءَ مکڙيءَ نالي.
نئين چاول جي پھرئين پھرئين ساھ جي نانءِ.
گليشيئر مان، ساوڻ جي اس سان ڳڙندڙ،
پھرئين ڦڙي جي نانءِ
نئينءَ ڪنوار جي ڳل تي، پھرئين ھٿ ڇھاءَ سان،
ايندڙ سرخيءَ نانءِ.
پھرئين قوم پرست جي ھاريل،
پھرئين رت ڦڙي جي نانءِ.
پيڙيل قوم جي پھرئين پھرئين،
بي اختيار ۾ باغي نعري جي نالي.
تنھنجي نانءِ
جنھنجو ڪوئي نالو ناھي،
سيئي نالا جنھنجا آھن.

- تنوير عباسي

تنوير چئي

# ترتيب


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ۱. 'رڳون ٿيون رباب' کان اڳ ۾<br>(۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۴ع تائين) | ۱ – ۵۷ |
| ۲. رڳون ٿيون رباب<br>(۱۹۵۵ع کان ۱۹۵۸ع تائين) | ۵۸ – ۱۶۷ |
| ۳. شعر<br>(۱۹۵۹ع کان ۱۹۷۰ع تائين) | ۱۶۸ – ۳۰۰ |
| ۴. سج تريءَ هيٺان<br>(۱۹۷۱ع کان ۱۹۷۷ع تائين) | ۳۰۱ – ۴۱۰ |
| ۵. هيءَ ڌرتي<br>(۱۹۷۷ع کان ۱۹۸۵ع تائين) | ۴۱۱ – ۴۹۴ |
| ۶. 'هيءَ ڌرتي' کان پوءِ<br>(۱۹۸۵ع کان ۱۹۸۸ع تائين) | ۴۹۵ – ۵۳۶ |

# ۱

# رڳون ٽيون رباب کان اڳ ۾

(۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۴ع تائين)

## فهرست


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ١ - جي ذرو عزمِ عمل منهنجي دوستن ۾ هجي | ٦ |
| ٢ - هي جام ِ دري با نظام الله | ٧ |
| ٣ - ستم مون اهڙو ڪتي چرخ نيلگون نہ ڏٺو | ٨ |
| ٤ - جڏهن پي راهرو ڪجھ بي نيازِ رهبران ڏسبا | ٩ |
| ٥ - چار قطعا | ١٠ |
| ٦ - غمِ دنيا ۽ فڪرِ روزگار آهي مليو مون کي | ١١ |
| ٧ - وري بزمِ سخن ۾ ڪونئون معيار پيدا ڪر | ١٢ |
| ٨ - آخر تہ مون بہ ضبطِ مسلسل ڇڏي ڏنو | ١٣ |
| ٩ - بجلي ڪري تہ فڪر ناهي مگر ڏسو | ١٤ |
| ١٠ - هو مون کان بي خبر بہ آ هن کي سندم خبر بہ آ | ١٥ |
| ١١ - نہ ڪاروان جي نہ منزل نہ رهگذر جي تلاش | ١٦ |
| ١٢ - چمن ۾ چاڪِ دامان ياد آيم | ١٧ |
| ١٣ - آواز حق جو نڪري ٿو هردم زبان مان | ١٨ |
| ١٤ - نظر ۾ منهنجي وسي ڪيئن وئين پلي پچ پر | ١٩ |
| ١٥ - لبن تي هڪ سڪوت آهي زبان تي خامشي آهي | ٢٠ |
| ١٦ - پہ دوها | ٢٢ |
| ١٧ - سو وقت بہ ڪهڙو وقت هيو جو ڪنهن سان محبت هوندي هئي | ٢٣ |
| ١٨ - چمن ۾ آهي اي دل موسمِ بهار اچا | ٢٤ |
| ١٩ - هاڻي باقي سا بيخودي نہ رهي | ٢٥ |
| ٢٠ - ڪنهن مقام تي آندو مون کي آرزو آهي | ٢٦ |
| ٢١ - رواياتِ ڪهن کي ڪجھ تہ دورِ آسمان بدلي | ٢٧ |
| ٢٢ - ٺوڪرن سان مقابلو ٿيندو | ٢٨ |
| ٢٣ - آزادي | ٢٩ |

۲۴- هيءَ ڪنهن جي نگاهن جو ٿيو زيست تي احسان هو ۳۰
۲۵- طرزِ تڪلم توبہ توبہ ۳۱
۲٦- جنهن دم ڪان دوست توکي گريزان ڏٺو اٿم ۳۲
۲۷- زندگيءَ ۾ ڪمي ٿي اڄ ڏسجي ۳۳
۲۸- قطعو ۳۴
۲۹- چو بضد آهين تہ زلفِ يار جون ڳالهيون ڪريون ۳۵
۳۰- چمن ۾ آهي اي دل موسمِ بهار اچا ۳٦
۳۱- نوان فتنا نوان طوفان ڪٺي دل ۾ قرار آيو ۳۸
۳۲- ديدهٔ شوق کي جلون جي مقابل تہ ڪريون ۳۹
۳۳- ڪيئن ٿي سگهي ڪو رحمتِ يزدان کان بي نياز ۴۰
۳۴- اڄ تمنائون ٿيون وري بيدار ۴۱
۳۵- اوهان جو درد آ جيڪو ٿو ڌڙڪي ۴۲
۳٦- نينهن جو مينهن ڪو وساءِ پرين ۴۳
۳۷- هڪڙي سُرڪ پيار ۴۴
۳۸- آزاديءَ جي عيد ۴۵
۳۹- آگيت پريت جا ڳايون ۴۷

جي ذرو عزمِ عمل منهنجي دوستن ۾ هجي
نہ ممڪن آهي ستم پوءِ ڪو زمن ۾ هجي

ڇڏي نہ پنهنجي نشيمن ڪي آهہ سان ساڙي
خزان جي وقت نہ بلبل ڪڏهن چمن ۾ هجي

رهڻ ڏي دستِ جنون تار هڪڙي دامن ۾
يادگارِ جنون ڪجهہ تہ پيرهن ۾ هجي

سڙي ويو جنهن جو نشيمن برابر آ تنهن لئہ
چمن ڪان دور هجي يا ڪڏهن چمن ۾ هجي

ڪئي ستارو يا برسات يا ڪئي شبنم
پلي هي اشڪ سندم گردشِ ڪهن ۾ هجي

تون پنهنجي رونقِ محفل جو ڪجهہ خيال تہ رک
زبون حال ڪوءِ تنهنجي انجمن ۾ هجي

انهي ڪان آهي غريب الوطن چڱو تنوير
بغير دوست جي حيران جو وطن ۾ هجي

هي جام دري با نظام الله
جنون ۾ خرد جو مقام الله

رهيا تشنه ميڪش رهيو تشنه ساغر
تنهنجي ميڪدي جو نظام الله

گلن يي ڪيو چاڪ دامن چمن ۾
هي تنهنجي فغان زيرِ دام الله

منهنجي خونِ ارمان جي سرخي شفق تي
منهنجي زندگيءَ جي سا شام الله

مسلسل هي ناڪاميون توبه توبه
منهنجي ڪاوشِ نا تمام الله

جتي بيخودي ٿئي خوديءَ تي مسلط
اي تنوير اهڙو مقام الله

ستم مون اهڙو ڪٿي چرخِ نيلگون نہ ڏٺو
ٿيو دل جو خون مگر دل جو خون مون نہ ڏٺو

ڏسين ها لال تون شبنم جو رنگ اي همدم
چڱو ٿيو جو گلن منهنجو اشڪِ خون نہ ڏٺو

مان پنهنجي چاڪِ گريبان کان بيخبر ٿي رهيس
جنون جي دور ۾ مون حاصلِ جنون نہ ڏٺو

بوقتِ جلوه گري منهنجو هوش اڏامي ويو
نگه نہ جلوو ڏٺو بدنصيب مون نہ ڏٺو

تون آئين برمِ جهان ۾ تہ سيني توکي ڏٺو
خرد نہ ڏٺو ۽ جنون جنون نہ ڏٺو

تصورات جي دنيا بہ ڪهڙي دنيا هئي
ڏٺم ٿي توکي مقابل جي توکي مون نہ ڏٺو

رفيق پنهنجو جهان هڪ الڳ جهان آهي
ڪڏهن خرد نہ ڏٺو جو ڪڏهن جنون نہ ڏٺو

جنون کان دور ٿي تنوير ٿي خرد جو جهان
ڏٺو تہ خوب مگر اهڙو پر سڪون نہ ڏٺو

جڏهن بـ راهـرو ڪجهـ بـي نيـاز رهبـران ڏسبـا
نيون ڪي منزلون ڏسيون نوان ڪي ڪاروان ڏسبا

جـي انسـانـن جـا سجـدا بـي نيـازِ آسـتـان ڏسـبـا
مڪان ۾ لا مڪان ۽ لا مڪـان ۾ ڪجهـ مڪـان ڏسبا

اهو ارمان تـ رهندو خاڪ ٿي ويا منهنجا سپار مان
اي بجـلي آشيـانـي جـا اگـر بـاقـي نشـان ڏسبـا

هينئر ڪي مرده دل هستيءَ جو افسانو ٿا ڏُهرائن
هينئر دنيا ۾ بس عنـوان ئـي زيـبِ داستـان ڏسبـا

جنون ۾ منهنجي حالت ڪهڙي ٿئي ٿي ڪجهـ خبر ناهي
اهـي منظـر بـ ڏسبـا پـر بـ چشـمِ ديگـران ڏسبـا

نهـاري ابـر مـان هـر هـر نگهبـانـي ڪنـدي بجـلي
گهٽـا ئـي آشيـان پـروردۂِ بـرقِ تپـان ڏسبـا

هتـي انسـانيـت جـو خـون انسـانـن هٿـان ٿـو ٿئـي
سـتـم ڪهـڙا اجـا تنـويـر زيـرِ آسمـان ڏسبـا.

# قطعا

.مون کي هي درد نه هو غم نه هو فرقت نه هئي
جنهن زماني ۾ ڪنهين سان بہ محبت نہ هئي
تون ئي هڪ خار آن دامن سان جو الجهايو اتم
ورنه ڪنڊن سان مون کي ايتري رغبت نہ هئي

◎

ڇا چئجي هن کي منهنجي محفل ۾ ڪنهن تي آندو
هن شوقِ ديد منهنجي يا ذوق خود نمائي
مان حالِ دل هي پنهنجو هن کي ئي ڇئي ڇڏيندس
جي خوش ٿئي تہ بهتر جي ٿئي خفا - خفائي.

◎

ڪيئن تصور منهنجو هن جي زلفِ پيچان کي ڇڏي
بلبل بي آب و دانہ ڪٿ تي زندان کي ڇڏي
هن جو دامن ويو ڇڏي منهنجي هٿن مان ان ڪري
ڪين تو دستِ جنون منهنجي ئي دامان کي ڇڏي
ياد هوندو ڪنهن کي هاڻي محفلِ ياران ۾ هو
ڏينهن ٿيا تنوير ويو بزمِ رفيقان کي ڇڏي

◎

ڏس اي همدم تہ آهي ڇا نہ ٿيو
درد پي تشنئہ دوا نہ ٿيو
غم جي ديوانگيءَ کان ٿهڪ ڏنم
اشک هارڻ جو حق ادا نہ ٿيو.

غمِ دنيا ۽ فڪرِ روزگار آهي مليو مون کي
جنون بدران خرد کي راز دانِ دل بنائڻ ۾

ويس تي ايترو مشڪل پسند اڄ مشڪلن ۾ جو
اچي تو لطف هر آسان کي مشڪل بنائڻ ۾

اهو آهيان شڪسته پا ملي تو لطف دل جنهن کي
هِتي منزل بنائڻ ۾ هُتي منزل بنائڻ ۾

جمودِ اشڪ ۽ ضبط فغان يي ڪم اچي ويندا
ڪڏهن طوفان آڻڻ ۾ ڪڏهن ساحل بنائڻ ۾

اي قاتل خونِ عاشق سان ڀريل دامن سنڀالي رک
هي ڪم ايندءِ ڪڏهن رنگينئي محفل بنائڻ ۾

تصور موت جو ويو زيست ۾ تي مشغلو آهي
لڳي ويو هاڻي ڪان مان آهيان مستقبل بنائڻ ۾

دل ويران ۾ اڄ تصوير تنهنجي تو ڏسان اي دوست
مليو چا تو کي ويراني اندر محفل بنائڻ ۾

جي يومِ عيد ۾ ڏسندس تہ رشڪِ ماهِ ڪامل کي
مزو آهي مہِ نو کي مہِ ڪامل بنائڻ ۾

وري بزم سخن ۾ ڪو نئون معيار پيدا ڪر
نوان افڪار پيدا ڪر نوان اشعار پيدا ڪر

بخيل آهين اگر ساقي ته پنهنجي ميڪدي ۾ اڄ
پين جي تشنگيءَ جو غم اهي ميخوار پيدا ڪر

جلائي آهه سان دنيا وهائي خونِ دل پنهنجو
بيابان ڪر ڪٿي پيدا ڪٿي گلزار پيدا ڪر

مريضِ عشق جو باقي علاج آهي اهو هڪڙو
مسيحا پنهنجي سيني ۾ دل بيمار پيدا ڪر

رُسي ۽ پوءِ پرچڻ ۾ عجب لطف آهي اي همدم
چوي ٿي دل ته هن سان ڪو نئون تڪرار پيدا ڪر

متان بيهوش ٿي پئين مثل موسيٰ تنهنڪري پهرين
نظر اهڙي سهي جا تابشِ انوار پيدا ڪر

متان سمجهي مٺِ گلگون لڳائي لب سن توکي هو
تون چشمِ شوق مان ڪا ديدهٔ خونبار پيدا ڪر

فدا هر فرد ملت تو متان ٿيندو پر شرط آهي
فدائيءَ قوم ٿي ۽ جذبهٔ ايثار پيدا ڪر

وڃي صحرا تو بڻجي رشڪ جنت ڪيئن نه ڏس تنوير
فقط پنهنجي تخيل ۾ تون ڪوئي يار پيدا ڪر

آخر تہ مون بہ ضبطِ مسلسل ڇڏي ڏنو
آزاد مون کي ايترو اڄ دل ڇڏي ڏنو

مقصود آزمائشِ ذوقِ سفر هئي
مون ڪاروان کي سرِ منزل ڇڏي ڏنو

ديوانگي ٿي رونقِ محفل وٺي ٿي دوست
جي مون خيالِ رونقِ محفل ڇڏي ڏنو

دؤرِ جنون ۾ عالمِ عقل و خرد کان دور
دل کي ڇڏيو هو مون ڪِ مون کي دل ڇڏي ڏنو

موجن پناهہ مون کي ٿي آغوش ۾ ڏني
جڏهين بہ ٿي مون دامنِ ساحل ڇڏي ڏنو

جڏهين ڏنم تہ آهي هتي بندشِ فغان
تڏهين مون گلستان کي بمشڪل ڇڏي ڏنو

تون ٿي تصورات ۾ آئين ۽ پئي وئين
ڪئي بار تو کي مون ڪري حاصل ڇڏي ڏنو

تنوير هن جهان تمنا کان دور دور
ڪهڙي جهان ۾ مون کي آهي دل ڇڏي ڏنو

بجلي ڪري تہ فڪر نہ آهي مگر ڏسو
مون ٻي وڃي بنايو هئو آستان ڪٿي

پُر نور اڄ فضائي چمن کي ڏسان ٿو مان
شايد جلي رهيو آ سندم آشيان ڪٿي

الله خير مون ڏي اچي ٿو هو بار بار
ذوقِ نظر جو هي نہ هجي امتحان ڪٿي

مان تنهنجي در تي جراتِ سجده ڪري سگهان
منهنجي جبين ڪٿي ۽ سندء آستان ڪٿي

سمجهان ٿو هي بہ آهي فريبِ نظر اي دوست
ورنہ بهار ڪٿ ۽ سندم گلستان ڪٿي

هو مون کان بيخبر بہ آ  هن کي سندم خبر بہ آ
مون کان پري پري بہ آ مون تي سندس نظر بہ آ

منزل کان پي ڪجھ اڳيرو آهي ويو وٺي مون کي
منهنجو هي ذوقِ جستجو رهزن بہ راهبر بہ آ

ٿيو نہ دعا مان ڪجھ اگر آهَ سان ويو جلي فلڪ
آهي دعا جي نارسا آهَ تہ پُر اثر بہ آ

ٿي تنهنجو زلف و رخ پيو ياد مون کي جتي جتي
منهنجي زندگيءَ جي ٿي شام بہ آ سحر بہ آ

جيڏانهن ٿو هو وٺي وڃي اوڏانهن ئي ٿو هليو وڃان
منهنجو هي ذوقِ جستجو رهبر بہ همسفر بہ آ

نہ ڪاروان جي نہ منزل نہ رهگذر جي تلاش
رهي ٿي مون کي فقط هڪڙي همسفر جي تلاش

ڪڏهن رهي ٿي اي همدم مون کي نظر جي تلاش
هينئر جي آهي تہ پنهنجي دل و جگر جي تلاش

تون منهنجي چاڪِ گريبان ۾ ڏس ليئو پائي
رهي ٿي مون کي انهي ۾ دل و جگر جي تلاش

نہ ڪو جواب مليو ۽ نہ باز گشت آئي
منهنجي فغان کي سدائين رهي اثر جي تلاش

ڏٺو مون شام کان گردش ۾ ماه و انجم کي
ڪئي ٿي ظلمتِ شب ۾ انهن سحر جي تلاش

رسايو آهي ڪڏهن رهزنن بہ منزل تي
غلط غلط آهي دنيا ۾ راهبر جي تلاش

وڃي ٿي غرق غمِ دوجهان جنهن ۾ اي دوست
جهانِ غم ۾ اتم اهڙيءَ چشمِ تر جي تلاش

روان نہ آهي اجا شعر تنهنجو اي تنوير
چڱو اٿئي تہ ڪر استادِ ڪارگر جي تلاش

چمن ۾ چاڪِ دامان يار آيم
بهارن ۾ بيابان ياد آيم

گلن جي چاڪ دامن کي ڏسڻ سان
وري پنهنجو گريبان ياد آيم

وٺي جي شمع سوزان ڪا وسامي
ته پنهنجو سوز پنهان ياد آيم

ڪيم ٿي چاڪ پهرين چاڪ هو جو
جڏهن يي جيبو دامان يا آيم

وري آنسو روان چشمن مان ٿي ويا
وري ساغر ۽ پيمان ياد آيم

وساريو هو نءَ ته هو تنوير کي مون
جڏهن ٿيو هو غزلخوان ياد آيم

آواز حق جو نڪري ٿو هر دم زبان مان
ايندو نه آهي قصئہِ دارو رسن مون کي

وارفتگيءَ ۾ منهنجي ڏٺو ڇا اٿن ڀلا
حيران ٿي ڏسن ٿا ڇو اهلِ زمن مون کي

غنچي جو اک پٽي ته مون کي ڪُنج ۾ ڏٺئين
حسرت سان مون چمن کي ڏٺو ۽ چمن مون کي

ڪجھ ڏيمي ياد آهي مون کي هن جهان جي
شايد پڪاري آ رهيو منهنجو وطن مون کي

سمجهي وٺان مان ڪاتب تقدير جو مزاج
فرصت ڏي ايتري تون اي چرخِ ڪهن مون کي

بس هاڻ ڪو به غم نه الم ڏيندو مون کي جو
پنهنجو ڪري ڇڏيو آ مون غم کي غمن مون کي

هو ٿي ڏين جواب نه مان ٿي ڪيان سوال
تو 'ڇا' چوان هنن کي هو 'ڇا؟' ٿا چون مون کي

تنوير ذڪرِ ماضي رنگين ڪي ڪين ڇيڙ
مان انجمن کي ياد نه ڪو انجمن مون کي

نظر ۾ منهنجي وسي ڪيئن وئين ڀلي پڇ پر
جهان منهنجو ويو ڪيئن ٿي تباهه نه پڇ

جفا جي بت کي ڏيڻ بو سو چاهيو ٿي مون
ويس مان ڪيئن ٿي آمادهٔ گناهه نه پڇ

قدم قدم تي هيون ٿو ڪرون ڏڪا ٿاٻا
عبور ڪيئن ڪئي همسفر مون راهه نه پڇ

پڇين سراغ جي مون کان ته ميڪدن جو پڇ
مگر اي شيخ مون کان راهه خانقاهه نه پڇ

هو روبرو به ٿيو پر نگهه ملي نه سگهي
هو هن جي شوخ نگاهن جو انتباهه نه پڇ

لبن تي هڪ سڪوت آهي زبان تي خامشي آهي
نهايت مختصر اي دوست منهنجي زندگي آهي

جهانِ دل تي طاري ٿي وئي جي بيخودي آهي
نہ ڪر ٻي زيست جي ڳولا اهائي زندگي آهي

نہ حاصل زيست ۾ اي دوست مون کي زندگي آهي
مون اڪثر زندگيءَ ۾ زندگي حيران ڏٺي آهي

رفو چاڪِ گريبان کي ڪرڻ ٻي ساختہ ويٺس
جنون ۾ بارها اهڙي بہ حالت منهنجي ٿي آهي

ڏسن حيرت مان ڇو ٿا مون کي هي اهلِ جهان اي دوست
منهنجي ديوانگيءَ ۾ ڇا نهان ڪا دلڪشي آهي

جتي مون ذوقِ بربادي مان پنهنجي جان تي کيڏيو
اتي حيرت سان مون کي زندگي ڏسندي رهي آهي

وڃان ٿو بارها بيخود ٿي دنيائِ خوديءَ ۾ دوست
خودي ٻيو ڪجھ نہ آهي پر فقط هڪ بيخودي آهي

انهي غم کان ڪناره ڪش ٿيڻ لئہ ٿو چوين اي دوست
رهي جنهن سان منهنجي عمر ڀر وابستگي آهي

ٻـــڌائـــي مختصـــر لفظـــن ۾ رازِ زنــــدگـــي جيڪـــو
اهـــو ئـــي شعـــر آهـــي ۽ اهـــائـــي شـــاعـــري آهـــي

اي ذوقِ جستجو ڇئو تنهنجي منزل آخر آهي ڪِٿ
دل مـضـطـر گـهـٽـيـن راهـن مـٿـان گـذري چڪـي آهـي

بيابـان ڏي وڃـن ٿيـون پيرهـن جـون ڌجيـون اڏري
هـوا جـي دوش تـي تـن دشـت پيمـائـي ڪـئـي آهـي

◎

◎

مبـــح جـــو وقـــت مـــاڪ ڪـــو هيـــڙو
دور ڪـــوئـــي ڏئـــي ٽـــو ڏوهيـــڙو

چشـــمِ نـــم هـــائـــي ڏســـي ٽـــي ڏنـــڏلـــو
جنهـــن ڪـــڏيـــو رات ســـاري او ســيـــڙو

◎

◉

سو وقت ٻه ڪهڙو وقت هيو جو ڪنهن سان محبت هوندي هئي
ڪجهه منهنجي شرارت هوندي هئي ڪجهه هن جي شڪايت هوندي هئي

جلون جو حريم ناز منجهان نڪرڻ تر هيو ٿي عام مگر
دل کي ٻه خرد جي قيدن مان نڪرڻ جي اجازت هوندي هئي

هن کي ته جفاتي ناز هيو هن کي ته جفاتي ناز رهيو
پر منهنجي وفا ۾ هن جي لئه هڪ وڃِندامت هوندي هئي

اکين ۾ بيڪ وقت اشڪ هجڻ ۽ لبتي تبسم جو کيڏڻ
منهنجي لئه مصيبت هوندي هئي تنهنجي لئه ڳجهارت هوندي هئي

دورانِ جنون ۾ ٻي همدم مون چاڪ گريبان ڪين ڪيو
هر رسمِ ڪهن کان بيگانه مون مست جي فطرت هوندي هئي

تنوير فسانو الفت جو انجام تي ڪڏهين ٻي نه رسيو
ڪجهه دل جي دل ۾ رهندي هئي ڪجهه لب تي حڪايت هوندي هئي

◎

چمن ۾ آهي اي دل موسم بهار اڃا
خدا ٿو ڄاڻي رهان ڇو ٿو بيقرار اڃا

حيات ڏيندي اڃا ساٿ مون کي اي همدم
ڪريان ٿو وعدهٔ فردا تي اعتبار اڃا

مدد اي دستِ جنون آهي ننگِ وحشت هيءَ
جو آهي رهجي وئي دامن ۾ هڪڙي تار اڃا

هينئر نہ روڪ روئڻ کان تون مون کي اي همدم
اکين ۾ اشڪ کي آهن رهيل بہ چار اڃا

اهو فسانو حقيقت بہ جنهن کي داد ڏنو
ٻڌاءِ مون کي اي تنوير ٻار ٻار اڃا

◎

هاڻي باقي سا بيخودي نہ رهي
زندگي جيڪا منهنجي هئي، نہ رهي

ناهي ڪنهن شيءِ ۾ لطف ڪو باقي
غم نہ غم ۽ خوشي خوشي نہ رهي

منهنجي دنيا ۾ ڪا خوشي اي دوست
ڇا ٿيو جي رهي رهي نہ رهي

مان تہ هرچند ٿو رهان زنده
پر اها منهنجي زندگي نہ رهي

ڪنهن جي نظرن ڦرڻ سان اي تنوير
منهنجي باقي سا شاعري نہ رهي

◎

کنهن مقام تي آندو مون کي آرزو آهي
منهنجي زندگيءَ کي خود منهنجي جستجو آهي

ها اهو ته سمجهان ٿو ڪجهه وڃايو آهي مون
پر خبر نه آ ڇا جي مون کي جستجو آهي

هي حسين فريب آهي مون مڃيو مگر اي دوست
رنگ و بو سان وابسته منهنجي آرزو آهي

انتهائي جبر آهي انتهائي ضبط آهي
تنهنجو ناز هي آهي منهنجو فخر هو آهي

اڄ جهان کي پنهنجي جي لڳايو مون ڇا ٿيو
هيءُ ته منهنجي عادت هئي هيءَ ته منهنجي خو آهي

آهي هڪڙو ئي تنوير جنهن جي ٿي ڪمي ڏسجي
ورنه پنهنجي محفل ۾ جام ۽ سبو آهي

روایاتِ کهن کي ڪجھ تہ دورِ آسمان بدلي
هُتي طرزِ ستم بدلي هِتي طرزِ فغان بدلي

نہ مون سان ڇيڙ جهڳڙو زندگيءَ ۾ موت جو همدم
فقط عنوان بدلجڻ سان نہ تو ڪو داستان بدلي

جهڪائڻ سر کي سجدي ۾ بهر صورت عبادت هئي
زماني ۾ ڏٺا مون پي گهڻائي آستان بدلي

زمانو رنگ ڪهڙا هائي بدلائي تو اي تنوير
ذرا پنهنجي طبيعت کي ڏسان تو هائي مان بدلي

◎

تَو ڪرن سان مقابلو ٿيندو
اڄ روان منهنجو قافلو ٿيندو

دردِ دل جو ٻـ ڪو بلو ٿيندو
منهنجي قسمت جو فيصلو ٿيندو

آڏو عاشق جي اڄ مزاجِ حسن
ڪجهه نه ٿيندو ته ڇلولو ٿيندو

تنهنجون نظرون ٻڏائينديون جي ڪجهه
منهنجي نظرن ڪي حوصلو ٿيندو

اختتامِ حيات تي اي دوست
ختم آهُن جو سلسلو ٿيندو

هڪڙي دنيا هتي آ زير و زبر
هڪ قيامت ۾ زلزلو ٿيندو

جيترو تو کي مان قريب ايندس
اوترو دور فاصلو ٿيندو

جي ملي ويو هو اوچتو تنوير
ڇا چوان ڇا معنا ملو ٿيندو

◎

# آزادي

مليو تي خون سان پُر آهي جامِ آزادي
ملي اسان کي غلامي بنامِ آزادي
اجا نه طوق غلاميءَ جو نڪتو گردن مان
ته پيو اسان جي ڳچيءَ ۾ هي دامِ آزادي

وري وطن ۾ اچي ويو هي يومِ آزادي
وري ڪي ماٺهو مسرت جا گيت ڳائيندا
مگر ڪي خسته و مفلس ۽ درد جا ماريل
لڪي لڪي وجهي آنسو ڪٿي وهائيندا

عجب تي ملڪ جي آزادي ۽ عجيب نظام
بشر بشر جي اڳيان تو ڪري قيود و قيام
اهو جي حال ٿيو آزاد ملڪ جو همدم
ته سوچ ڪهڙي مصيبت ۾ هوندا ملڪ غلام

بشر بشر جي اڳيان پنهنجو سر جهڪائي سدا
ٿئي تو اهڙو ڪٿي يي جي رنگِ آزادي
ته بدتر آهي غلاميءَ کان دوست سا سو بار
جو تي وجي تي سا آزادي ننگِ آزادي

اگر ڏسين تون غريبن جون جهوپڙيون همدم
۽ ظلمتن ۾ جي گريان ڏسين ڪٿي غربت
يقين آهي رکين تو جي دل تون پهلو ۾
ته توکي تي وجي آزادي لفظ کان نفرت
(اگست ١٩٥٤ع)

هيءُ ڪنهن جي نگاهن جو ٿيو زيست تي احسان هو
هر اشڪ ۾ دريا هو هر آهه ۾ طوفان هو

تنهنجي نگهِ الفت ۽ دل جي پريشاني
هڪ زيست جو سامان هو هڪ موت جو سامان هو

اڄ چاڪ ٿيو بارِ احسان جنون ڪان جو
سو منهنجو ئي دامن هو منهنجو ئي گريبان هو

دنيا ۾ ته هر انسان هر دؤر ۾ نالان هو
ڪنهن کي غمِ ساحل هو ڪنهن کي غمِ طوفان هو

اڄ ڪنهن جي تصور ۾ منهنجو به ڇا عالم هو
نظرن ۾ هئو سوئي جو دور نظر ڪان هو

هئي ڪشمڪشِ غم ۾ تنوير جي ڇا حالت
دل هن ڪان پريشان هئي هو دل ڪان پريشان هو

◎

طرزِ تڪلم توبہ توبہ
طرزِ تبسم الله الله

محفلِ خوبان بنجي وئي اڄ
محفلِ انجم الله الله

دنيا ساڪت رات انڌاري
موجِ ترنم الله الله

رڙ ۾ لڳائي جيڪو ڪناري
اهڙو طلاطم الله الله

راهه ۾ ويندي ويندي مون سان
هن جو تصادم الله الله

منهنجو تخليل تي ويو آهي
تارن ۾ گم الله الله

جنهن دم کان دوست تو کي گريزان ڏٺو اٿم
دل ۾ نه پنهنجي ڪوئي پي ارمان ڏٺو اٿم

پنهنجي وفا تي چو نه ڪريان ناز مان پلا
هن کي وفا تي ٿيندي جو نازان ڏٺو اٿم

جي خون تو وهي ته به دامن کان هن جي دور
عاشق جو خون ڪيترو ارزان ڏٺو اٿم

شبنم کي ابر کي ۽ سڄي رات شمع کي
دنيا کي پنهنجي درد تي گريان ڏٺو اٿم

افسانو غم جو هاڻي اي تنوير ختم ٿيو
جيڪو ڏٺو مون هاڻي سو گريان ڏٺو اٿم

◎

زندگيءَ ۾ ڪمي ٿي اڄ ڏسجي
ناهي ڪو غم اهو ئي غم آهي

راهه سائي ڦري ٿي منزل کان
مون ئي جنهن تي رکيو قدم آهي

غم ڏيڻ آهي تنهجي ئي وس ۾
اشڪ هارڻ ته منهنجو ڪم آهي

سجدو هر حال ٿو رهي سجدو
چاهي بتخانو چا حرم آهي

جنهن تان دنيا جو هر سرور نثار
سو حسينن جو چشمِ نم آهي

بدگمان مون کان ۽ نظر مون تي
هڪ ستم آهي هڪ ڪرم آهي

هن کي سمجهو ته هڪڙو بحر آهي
ورنه تنوير چشمِ نم آهي

# قطعو

روز هڪڙي نئين جفا آهي
روز هڪڙو نئون ستم آهي
سنڌ ۾ نيٺ انقلاب ايندو
منهنجي هٿ ۾ اجا قلم آهي

چو بضد آهين تہ زلفِ يار جون ڳالهيون ڪريون
هم نشين اڄ وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون

چاڪ داماني‌ءَ تي آماده تين اهلِ خرد
اهڙي ديواني جنون آثار جون ڳالهيون ڪريون

تي مسيحائي‌ءَ جي لئہ بيتاب ڪوئي خود اچي
ان طرح سان اڄ دلِ بيمار جون ڳالهيون ڪريون

خونِ دل هاري اسين اڄ خارهائي دشت تي
پنهنجي دل سان رونقِ گلزار جون ڳالهيون ڪريون

دور ناهي پنهنجو سر ٽڪرائي پنهنجي جان ڏئي
اهلِ وحشت سان در وَديوار جون ڳالهيون ڪريون

پنهنجي ڳولا ۾ حياتِ جا وَ دان ايندي سيان
هم نفس اڄ زندگي‌ءَ سان دار جون ڳالهيون ڪريون

گرچہ هو دنيا جي هن ظلمت ڪدي ۾ تو رهي
پر اچو تنوير سان انوار جون ڳالهيون ڪريون

چمن ۾ آهي اي دل موسمِ بهار اڃا
خدا ٿو ڄاڻي رهان ڇو ٿو بيقرار اڃا

مدد اي دستِ جنون آهي ننگِ وحشت هي
جو آهي رهجي وئي دامن ۾ هڪڙي تار اڃا

هينئر نه روڪ روئڻ کان تون مون کي اي همدم
اکين ۾ اشڪ ڪي آهن رهيل ٻه چار اڃا

فريب ڏئي لٽيو ٿي اسان کي راهبرن
انهن ئي رهزنن تي ۽ اعتبار اڃا

اڃا ڏسان ٿو فضاءِ چمن تي ويراني
نگاهه ناهي ٿي مانوسِ نو بهار اڃا

زمانو ٿيو جو چمن پنهنجو هي ويو لُٽجي
اچي ٿو ياد پر افسانۂ بهار اڃا

تيان تو نذرِ قضا هاڻ مان محبت ۾
حيات منهنجي تون مون کي ڀلي پڪار اچا

اچا ته جام دري آهي پنهنجي ئي وس ۾
جنون ۾ دل تي رهي تو کجهه اختيار اچا

تي جنهن نگاهه سان منهنجي حيات وابسته
انهي نگاهه سان مون ڏي پيو نهار اچا

بهار آيو ته کهڙو چمن ۾ هي يارب
ڏسان تو گل جي گريبان کي تار تار اچا

سکن ته اهلِ چمن کجهه بهار جا آداب
بهار آهي چمن کي نه سازگار اچا

هي اشکهائِي مسلسل هي داغهائِي جگر
گذشته دوُر جا آهن هي يادگار اچا

اهو فسانو حقيقت بہ جنهن کي داد ڏنو
ڀڏاءِ مون کي او تنوير بار بار اچا

◉

نوان فتنا نوان طوفان ڪٿي دل ۾ قرار آيو
الاهي خير جو منهنجي چمن ۾ اڄ بهار آيو

جڏهن مان زندگانيءَ کان ويس ٿي تنگ دنيا ۾
تڏهن اي موت تنهنجي اهميت تي اعتبار آيو

ازل کان وادي الفت ۾ اڄ تائين ڏٺو آ مون
ويو جو مُرڪندو ۽ جيڪو آيو اشڪبار آيو

خزان جي خون جي سرخي گلن ۾ اڄ ڏسان ٿو مان
بہ اندازِ دگر منهنجي چمن ۾ اڄ بهار آيو

ملائڪ خود ٿيا حيران انهي جي جرمِ جرات تي
کڻي سو بارِ عصيان پيڪرِ مشتِ غبار آيو

يقين ڪهڙو رکي سگهندو اهو تنوير ڪنهن شي ۾
نہ جنهن کي زندگيءَ ۾ زندگيءَ تي اعتبار آيو

◎

ديدهٔ شوق کي جلون جي مقابل تہ ڪريون
حيرتِ ديدهٔ حيران کي ڏسي رهنداسين

سنڌ، جيڪو بہ مٽائڻ تو گهري تنهنجو وجود
اهڙي ڪم ظرف ۽ نادان کي ڏسي رهنداسين

اڄ تہ روشن ڪريون اڄ صبح وطن کي تنوير
ظلمتِ شامِ غريبان کي ڏسي رهنداسين

◎

◎

كيئن ٿي سگهي ڪو رحمتِ يزدان کان بي نياز
انسان جڏهن نہ ٿي سگهيو انسان کان بي نياز

ڪائيندي زندگيءَ ۾ فريبن پٺيان فريب
منهنجي نظر ٿي جلوهٔ جانان کان بي نياز

ڪنهن جي وڃڻ سان بزم ۾ هڪ ٿرٿلو متو
هي ڪير ٿي ويو محفلِ ياران کان بي نياز

اهڙو بہ وقت عشق ۾ ايندو آهي ڪڏهن
جو درد ويندو آهي ٿي درمان کان بي نياز

مان ڪهڙي فڪر ۾ پيس الجهي اي دوست اڄ
جو ٿي ويس مان زلفِ پريشان کان بي نياز

◎

اڄ تمنائون ٿيون وري بيدار
يعني دل جي چمن ۾ آئي بهار

ڪنهن جي قدمن نوازيو هن ڪي
مسڪرائي ٿي چو ڏهي راهگذار

بي نياز آهي سا مسيحا ڪان
جنهن ڪبي سيٽا چون دلِ بيمار

مون ڪي پومبر جي تون ڪر تلقين
پهرين دل ڪي ته پنهنجي پاڻ سنهار

نغمئِ انقلاب ڇيڙيندي
منهنجي دل جي اها شڪسته تار

◎

اوهان جو درد آ جيڪو تو ڏڙڪي
اسان جي سيني ۾ ڪا دل نه آهي

سڪون دل جو جتان آندو هئو سين
رهي باقي اها محفل نه آهي

اسان جو ذوق هيو ڪجهه ئي تو ڳولي
هي منزل پنهنجي لئه منزل نه آهي

هتي ڪجهه راهبر آهن مسلط
هي منزل پنهنجي لئه منزل نه آهي.

◎

◎

نينهن جو مينهن کو وَساءِ پرين
باھ دل جي اچي وِساءِ پرين

ساھ کي منھنجي جيڪو سيائي
گيت اهڙو اچي ٻڌاءِ پرين

ڪنهن نهايو نہ آهي ڪنهن سان پر
نينهن مون سان تو نڀاءِ پرين

آ رهاڻيون ڪريون ڪي پل ويهي
آيون چانڊوڪيون پنهنجي لاءِ پرين

نيٺ آهي ڏٺي ڇڏيو نياپو
ڪا تہ منزل ڪٿي ٻڌاءِ پرين

مان چڪي پي چريو ٿيو آهيان
سڪ ۾ هاڻي نہ تون سڪاءِ پرين

دل تي تنوير ڪهڙو وس آهي
جي لڳي وئي تہ پو لڳاءِ پرين

◎

# هڪڙي سرڪ پيار

هڪڙي سرڪ پيار - ساقي
مون کي هڪڙي سرڪ پيار

مکڙيءَ ڏي ڏس ڪيئن ٿي مرڪي
منهنجي پيئڻ تي دل ٿي سرڪي
موٽي آيو بهار - ساقي
مون کي هڪڙي سرڪ پيار

دل کي پياس اجا ڪجهه آهي
تو ۾ آس اجا ڪجهه آهي
منهنجي آشا جيار - ساقي
مون کي هڪڙي سرڪ پيار

سرڪ پيان ۽ سرت وڃايان
مان هيراڪ ازل کان آهيان
مون کي ڪجهه ته ڏيار - ساقي
مون کي هڪڙي سرڪ پيار

جيئڻ تي ويساهه نه آهي
اڄ آ سِياٽي ساهه نه آهي
گذريل وقت وسار - ساقي
مون کي هڪڙي سرڪ پيار

# آزاديءَ جي عيد

آزاديءَ جي عيد ملهايو
دل جا دک اڄ دل ۾ لڪايو
آزاديءَ جي عيد ملهايو
آهون پنهنجي دل ۾ دٻائي
آزاديءَ جا گيت ڳايو
دودي ڪي اڄ گهر ڏي اماڻي
شاھ چنيسر ڪي ٿي بڻايو
پل لٽجي مارئيءَ جي عصمت
گيت عمر جا زور سان ڳايو
آزادي جا مفت ملي آ
تنهن ۾ گڏجي عيش اڏايو
آزاديءَ جي نالي سان ٿي
پنهنجي پنهنجي دل پرچايو
آزاديءَ جي عيد ملهايو

آزادي ، افلاس جي ماريل
ويٺي آهي آس لڳايو
چپ تي ان جي آهي صدا هيءَ
آزاديءَ ڪي ڪجھ تہ ڏياريو

هيءَ آزادي آهي اگهاڙي
آزاديءَ کي ڪجھ پهرايو
هيءَ آزادي آهي بکايل
آزاديءَ کي ڪجھ کارايو
ميرن قاتل ڪپڙن ۾ هوءَ
عرض ڪري ٿي عرض اگهايو
ها اي آزاديءَ جا سپوتو
پنهنجي وک کي اڳتي وڌايو
گدليءَ ميريءَ آزاديءَ کي
ڊوڙي وجي اڄ ڀاڪر پايو
آزاديءَ جي عيد ملهايو

آزاديءَ جي اڄ کي اجهايو
آزاديءَ کي خون پياريو
دوست اسان آزاديءَ جي لئه
ڇا قربان ڪيو هو ٻڌايو
آزادي اڄ قربانيءَ جو
قرض گهري ٿي - قرض چڪايو
ساڙي جيڪا ڪوٽ عمر جا
دل ۾ اهڙي باھ دکايو
آزاديءَ جي عيد ملهايو

# آ گيت پريت جا ڳايون

آ گيت پريت جا ڳايون
نغمن ۾ هستيءَ کي وڃائي هَوا تي اڄ لهرايون
جهرڻن مان کي سُر چورائي مٽڙا ساز وڄايون
پاڻ سان گڏ هن جڳ کي بي گيتن جي لئہ ۾ وڃايون
آ گيت پريت جا ڳايون

آ چنڊ سان راند رچايون
لهرون تي ۽ هنج ۾ پنهنجي چانڊوڪيءَ کي لوڏيون
بادل ٽيون ۽ ايہ چنڊ جي منهن کي لڪايون کوليون
اڄ تہ چڪور جان پنهنجي من کي چنڊ ڏي هاڻ اڏايون
آ چنڊ سان راند رچايون

آ گلڙن سان لنو لايون
هير ٿي ۽ پربات جو پنهنجو ن جهوليون ڀريون خوشبو سان
ماڪ ٿي ۽ کي رنگ چورايون مکڙين جي تہ ڳلن مان
ڀونئر ٿي گل گل جي چوڌاري ڦيرا هر هر پايون
آ گلڙن سان لنو لايون

# ٢

# رڳون ٽيون رباب

(١٩٥٥ع کان ١٩٥٨ع تائين) ○ترتيب غلام رباني آگرو

پهريون ڇاپو مارچ ١٩٥٨ع
پبلشر : مقبول پٽني ،
سنڌي ڪتاب گھر ،
حيدرآباد سنڌ.

ٻيون ڇاپو : ١٩٧٩ع
پبلشر : آگم پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد سنڌ

# فهرست


| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| ١ - رڳون تيون رباب جي باري ۾ (پهريون ڇاپو) | تنوير عباسي | ٧ |
| ٢ - رڳون تيون رباب ـ هڪ تاثر : (ٻيو ڇاپو) | نصير مرزا | ١٠ |
| ٣ - تنوير جي شاعري (ٻيو ڇاپو) | نياز همايوني | ١٢ |

## گيت

| | |
|---|---|
| ١ - منهنجي من تي اٿيهينءَ جي اونده آهي ڇانئي | ١٦ |
| ٢ - من جا قوڳ قلهاريا | ١٧ |
| ٣ - مُرڪ گهڙيءَ پل لاءِ ، مڪڙي ! | ١٨ |
| ۴ - توڙي ڪوبہ سهارو ناهي | ١٩ |
| ۵ - پنهنجو پاڻ پتوڙ او قيدي | ٢١ |
| ٦ - پيار مان چوندين مون کي تون | ٢٢ |
| ٧ - ڪنهن کي خبر هئي هيئن ملنداسين | ٢٣ |
| ٨ - ڪنهن جا ڏينهن ڪٽن تا ڪڏهين ... | ٢۴ |
| ٩ - پيار جو سمنڊ اجهاڳ پيارا | ٢۵ |
| ١٠ - ننڊ ڪان ڍرڪن نيڻ اکين تي اوجاڳن جو بار | ٢٦ |
| ١١ - ڏينهن لڙئي پاڇن جان وڌندي | ٢٧ |
| ١٢ - تون نہ رئين او مٺڙا | ٢٨ |
| ١٣ - پوپٽ مڪڙيءَ کي ڳل لائي | ٢٩ |

| | |
|---|---|
| ۱۴- تنهنجا پور پچايان سهڻا | ۳۰ |
| ۱۵- آ گيت پريت جا ڳايون | ۳۱ |
| ۱٦- آءُ تہ پنهنجي سُر کي مڃايون | ۳۲ |
| ۱۷- ڪونہ ٻڌائي واٽ | ۳۳ |
| ۱۸- صبح نہ آهي دور ساٿي | ۳۴ |


## نظم

| | |
|---|---|
| ۱- پيجل ڏانهن | ۳٦ |
| ۲- سسئيءَ ڏانهن | ۳۷ |
| ۳- سهڻيءَ ڏانهن | ۳۸ |
| ۴- مارئيءَ ڏانهن | ۳۹ |
| ۵- نئين مارئي | ۴۰ |
| ٦- پنهل ڏانهن | ۴۱ |
| ۷- موهن جو دڙو | ۴۳ |
| ۸- نئون دستور | ۴۵ |
| ۹- جهونگار | ۴٦ |
| ۱۰- هڪڙي خاموش ۽ تذيريءَ رات | ۴۹ |
| ۱۱- مونجهارو | ۵۰ |
| ۱۲- چڪتاڻ | ۵۲ |
| ۱۳- روح رهاڻ | ۵۳ |
| ۱۴- پيڻ جو پيام | ۵۵ |
| ۱۵- پهريون وار | ۵٦ |
| ۱٦- جوڳي | ۵۸ |
| ۱۷- ڦٽيون چونديندڙ | ٦۰ |
| ۱۸- پهاڙن جي پري | ٦۱ |
| ۱۹- مانداڻ | ٦۳ |
| ۲۰- چتاءُ | ٦۵ |


## غزل

| | |
|---|---|
| ۱-رحمتون اهڙيون گناهن کي جي شرمائي سگهن | ٦٦ |
| ۲- وري کي مرده دل هستيءَ جو افسانو تا دهرائن (شعر جو هڪ بند) | |

| | |
|---|---|
| ٣١-تن جي لئہ اڄ وبال آهي حيات | ٩٤ |
| ٣٢-جيئڻ تا گُهرن جيڪي هن دؤر ۾ سي | ٩٦ |
| ٣٣-مُلهہ تنهنجو مهانگو جي تو هوت کي پرچايو | ٩٧ |
| ٣٤-خامشي جنهن جو اشارو ٿي ويو | ٩٨ |
| ٣٥-تون تہ ڪين آئين پنهنجي وعدي تي | ٩٩ |
| ٣٦-پيالي مان ٿو پيان يا نيڻن منجهان پيان ٿو | ١٠٠ |
| ٣٧-بادلن جان مان ۾ٿڪندو ئي رهيس | ١٠١ |
| ٣٨-روح ريجهي ويو اتم جن ساڻ | ١٠٢ |
| ٣٩-ڪنهن بہ نہ سمجهيو ڪنهن بہ نہ چاتو | ١٠٣ |
| ٤٠-پيار جو بار ڪيئن ڪٿي سگهبو | ١٠٤ |
| ٤١- يا تہ هڪ باھ لڳائي ڇڏجي | ١٠٥ |
| ٤٢-هيءَ عمر سوا تنهنجي گذري تہ وجي ٿي پر | ١٠٦ |
| ٤٣-سڀ ڪو سچ جو ساٿي آهي | ١٠٧ |
| ٤٤-اڏيءَ تي اوهان کي پڪاري ڇڏيو سين | ١٠٨ |

## ڪجھ رڳون ٿيون رباب جي باري ۾

ايسپ جي آکاڻين ۾ هڪ جوان جماڻ ، ملوڪ مهانڊن واريءَ چوڪريءَ جو ذڪر آهي ، جيڪا شهر ڪان پري ، رڻ پٽ ۾ اڪيلي اڪيلي ، اڪيون هيٺ ڪري ويٺي هئي. نڪو هوس اوهي ، نہ واهي. اوچتو ڪو مهاجهو جوان اتي اچي نڪتو ، جنهن سندس دل ورتي ۽ پڇيائينس تہ "تون ڪير آهين؟" هن وراڻيو تہ "منهنجو نالو سچ آهي." جوان وري پڇيس تہ "هتي اڪيلي ، اڪيون هيٺ ڪري چو ويٺي آهين ، شهر ۾ چو نہ ٿي هلين؟" تنهن تي هن وراڻيو تہ "جڏهن مان شهر ۾ رهندي هيس تڏهن ڪوڙ رڳو ٿورن ماڻهن وٽ هوندو هو. جڏهن سڀني ماڻهن مون کي ڌڪاري ڇڏيو ۽ ڪوڙ کي پاڻ وٽ رهايو تڏهن مان شهر ڇڏي هلي آيس."

ايسپ کي گذري ڪئي صديون ٿيون. انهي زماني ۾ بہ سچ کي ڌڪاري ڪيڊيو ويو هو ۽ اڄ بہ سچ کي ڌڪاريو ٿو وڃي. اڄ تائين اها جوان جماڻ چوڪري ، شهر ڇڏي ، رڻ ۾ ، اڪيلي اڪيلي ، اڪيون هيٺ ڪري ويٺي آهي!

سچ ڪڏهن مارئي تي ڪوٽ ۾ ڳوڙها ٿو ڳاڙي ، تہ ڪڏهن سسئي تي ڏونگر ٿو ڏاري. هر دور ۾ ، "سچ" ۽ "ڪوڙ" ، بہ مختلف طاقتون ، هڪٻئي سان پئي ٽڪريون آهن ۽ هر وقت جي شاعر سچ کي سهارو پئي ڏنو آهي ، انهي آس تي ، تہ من اها ايسپ واري رڻ چوڪري پرچي ، ماڻهن جي

بستيءَ ۾ موٽي اچي.

هن جڳ ۾ انسان متعلق هڪ تعبير هيءَ بہ آهي تہ جڻ ڪيس بيهوش ڪري ڪنهن ڪاڪ محل ۾ پهچايو ويو هجي، ۽ هوش ۾ اچڻ سان سندس دل تان سموريون گذريل يادگيريون ميٽجي ويون هجن ۽ هو وائڙو ٿي، هيڏي هوڏي واجهائي، هن ڪائنات جي ماندڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. واقعن، تجربن ۽ مشاهدن جڏهن انسان جي ذهن تي ڪي اڻ مٽجندڙ عڪس وڌا، تڏهن هن چاهيو تہ اهي عڪس هو ٻين جي ذهنن ۾ پلٽائي ۽ ائين شاعري وجود ۾ آئي.

پنهنجي ٿوريءَ عمر آهر، مون بہ جيڪي ڪجھ ڏٺو وائٺو آهي، جيڪي واقعا منهنجي اکين آڏو گذريا آهن، جيڪي ڪجھ بہ منهنجي احساس کي اٿاري ۽ جذبن کي جاڳائي سگهيو آهي، جنهن بہ نظاري اکين کي آرام ڏنو اٿم، ان کي ڪوشش ڪري، اهڙيءَ ريت لکيو اٿم، جيئن ٻين جي دل ۾ بہ اهڙائي احساس اٿن ۽ اهڙائي جذبا جاڳن، جيڪي منهنجي دل ۾ جاڳيا - جي پنهنجي ڏکندڙ ڏيئي جي وسامڻ کان اڳ ۾، ان جي لاٽ مان ڪي ٿورائي ڏيئا ٻاري سگهيس، تہ منهنجو جيئڻ سجايو ٿيو.

منهنجي شعر، خاص ڪري منهنجي تازن غزلن، گيتن ۽ نظمن ۾ ٻولي ۽ موضوع ڪجھ اوپرا ٻيا ڀانئبا. اهي موضوع، شعر لاءِ تہ اوپرا آهن پر سنڌ جي ماڻهن جا ڏٺل وائٺل ۽ ٻڌل آهن. ان لاءِ ايترو ضرور چوندس تہ مان پنهنجي شعر ۾ ڪوشش ڪري پنهنجي ذاتي جذبن ۽ احساسن جي اپٽار ڪندو آهيان. ايراني اثر واريءَ شاعريءَ کان مون کي هي نمونو وڌيڪ سهڻو لڳو، ڇو تہ ان طرح مان پنهنجا خيال چڱيءَ طرح

ظاهر ڪري ٿو سگهان ۽ منهنجا هم وطن انهن کي پوريءَ ريت پروڙي ٿا سگهن.

سنڌيءَ کي پنهنجو لهجو ۽ پنهنجي مخصوص لئه آهي. فارسيءَ جو لهجو ۽ موسيقيت، سنڌي شعر ۾ اجنبي پيا لڳن، ان ڪري نون لکيل غزلن ۾ سنڌي لهجي ۽ موسيقيت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ ان سان گڏ، موضوع پڻ سنڌي ماحول مان چونڊيا اٿم.

بهرحال چونڊجو سچو بار "ربانيءَ" تي آهي، جنهن جي راءِ منهنجي لاءِ ڳري قيمت واري آهي.

تنوير عباسي

# رڳون ٽيون رباب - هڪ تاثر

ادبي اتهاس تي نظر ڦهلائي ڏسنداسين تہ هر يُگ ۾ ڪي اهڙا ڪلاڪار ( شاعر ، اديب ۽ چترڪار ) نظر ايندا جيڪي پنهنجي دور جي ڪلا کي نئون شعور نئون موڙ ، نئين سوچ ۽ نئون رنگ ڍنگ ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا ۽ وقت جي حالتن سان مقابلو ڪندا نظر ايندا. اڳتي هلي جڏهن هن يُگ جو اتهاس جڙندو ، تڏهن تنوير عباسي جو نالو بہ انهن امر نالن مان هڪ ڳڻيو ويندو.

تنوير جو جديد سنڌي شاعري جي سونهن سنوار ۾ بہ تمام وڏو حصو آهي. سندس شاعري جو هي پهريون مجموعو "رڳون ٿيون رباب" سندس شاعري جو هڪ اهڙو دستاويز آهي جيڪو جتي جديد سنڌي شاعري جي ڪيتر ۾ سندس چڱي سڃاڻپ جو سبب بڻيو آهي اتي سندس فني انفراديت جو اهڃاڻ پڻ آهي.

اڄ تنوير جيتوڻيڪ گهڻو ، تمام گهڻو اڳيان وڌي آيو آهي ، پر تڏهن بہ سندس هي ماضي واري رچنا (جيڪا منهنجي اڳيان آهي) سندس حال وانگي ڏاڍي خوبصورت ،ڀرپور ، جاندار ۽ ساهہ سان سانڍڻ جهڙي آهي.

هن مجموعي ۾ تنوير جي ذات جو اظهار مختلف صنفن ، گيت ، غزل ۽ نظم ۾ پرچيل آهي.

تنوير هڪ آدرشي شاعر آهي ۽ هڪ آدرشي شاعر پنهنجي وقت ۽ وقت جي دکدائڪ حالتن کان ڪڏهن بہ منهن موڙي نہ سگهندو آهي ، اهوئي سبب آهي جو تنوير جي هن مجموعي واري شاعري جنهن وقت جي حالتن ۾ سرجي ويئي آهي ، ان جا پاڇا ۽ اولڙا هن شاعري ۾ ڏسي پسي سگهجن ٿا.

ڪلاسيڪل ڪهاڻين جي آڌار تي لکيل تنوير جي نظمن کي ساهتڪ رچنائون چئي سگهجي ٿو. نظمن سان گڏ ڪجهه غزلن ۾ بہ تنوير انهيءَ سمي وارين دکدائڪ حالتن کي پنهنجو موضوع بنايو آهي. جديد سنڌي شاعري ۾ سندس غزل پنهنجي رنگ ڍنگ ۽ مزاج جي لحاظ کان الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. سندس غزل ۾ خيال جي تازگي ، پرڪشش نغمگي ، داخلي غنائيت ۽ پاتال جهڙي گهرائي موجود آهي.

تنوير ، موناليزا جي امر مرڪ جهڙا مڌر مڌر گيت بہ لکيا آهن. هن مجموعي جي گيتن ۾ سندس اظهار وڻندڙ ، انوکو ۽ دل ۾ لهي ويندڙ آهي. تنوير جو گيت جديد سنڌي شاعري جي مٿي جو جهومر آهي. تنوير امن ، نيچر ۽ محبتن جو شاعر آهي.

تنوير کي پڙهندي سچ تہ من ۾ ڪنهن نئين ساماڻيل نينگريءَ جي نرم ڪومل ڳل کي ڇهڻ جهڙو مٺڙو احساس ايري ٿو. ۽ ذهن جي دشائن ۾ سُر ڊِيمي تال ۾ ٻُرندا خوشبوءِ وانگي ڦهلجندا پاسندا آهن.

- نصير مرزا

# تنوير جي شاعري

افادي شاعريءَ جي واڪاڻ اها آهي ته ان ۾ سچ ۽ سونهن جا اُهي اهڃاڻ اندلٺ جي ريکائن جيان اجاگر ٿيل هجن جن جو انسان جي نجي توڙي سماجي زندگيءَ سان گهرو لاڳاپو رهي ٿو. شاعر نجي طرح جيڪي مشاهدا ڪري ٿو تن جو اظهار تڏهن ئي وزنائتو ٿي سگهندو جڏهن ڪيس سماجي حالتون بہ ڏيان ۾ رکيون پونديون. اهڙي شاعر ڪي جتي بہ ڪا چڱائي نظر اچي ٿي تہ ان ڪي سچ جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ساراهي ٿو ۽ جڏهن بہ ڪا اوڻائي ڏسي ٿو تہ ان ڪي نفرت مان نندڻ لڳي ٿو ڇاڪاڻ تہ بنيادي طرح هي زندگيءَ جي بهترين قدرن ڪي برقرار رکڻ جو خواهشمند رهي ٿو.

مون هڪ دوست جي حيثيت ۾ تنوير جي شاعري توجه سان پڙهي آهي ۽ سندس زباني پڻ ڪيئي ڀيرا ڪانئس ٻڌي چڪو آهيان. مونکي سندس شاعريءَ ۾ اهي سيئي خوبيون نظر اچن ٿيون جيڪي هڪ شانائتي شاعريءَ ۾ جهلڪنديون آهن. ساڳئي وقت دوستيءَ جي ناتي هئڻ ڪري تنوير جي شخصيت بہ منهنجي لاءِ ان ڪتاب جيان آهي جنهن ڪي ڪيئي دفعا چاهہ سان پڙهيو ويو هجي، مان هن يار جي خوشين ڀري زندگي ڪي ڏسندي بعضي اهو سوچيندو آهيان تہ هي شخص جنهن وٽ حاصلات جي ڪا ڪمي نہ آهي سو ڪيئن ٿو ٻين ڪنهن جي محرومين جو احساس ڪري سگهي ۽ هن ڪي ڪهڙي ضرورت آهي جو ٻين جي غم تي ڳوڙها ڳاڙي هرويرو پنهنجي خوشي ختم ڪرڻ ٿو چاهي؟ پر سڀ ئي محسوس ٿيندو اٿم تہ اهو سيڪجهہ ان ذات جو ڦل آهي جا ڪنهن انسان دوست شاعر جي ڀاڳ ۾ اچي ٿي جنهن جي وسيلي ٻين جو غم پنهنجو ۽ ٻين جي

خو شي پنهنجي خو شي تصور ڪئي ويندي آهي.

هي مجموعو تنوير جي ابتدائي شاعريءَ تائين محدود آهي جنهن ڪي ڪنهن حد تائين تجرباتي شاعري چئي سگهجي ٿو. هن ۾ جيتو نيڪ گهٽ وڌايون موجود آهن تنهن هوندي به هيءَ شاعري نظر انداز ڪرڻ جهڙي نه آهي ان لاءِ جو منجهس سچائيءَ جي ساک نروار نظر اچي ٿي. اها سچائي جنهن جو اظهار زندگيءَ جي سونهن سنوارڻ لاءِ ضروري آهي. انهيءَ سچائي ۾ هلڪي طنز ڪان وٺي پرپور وار جو تاثر به ملي ٿو ته اميد ۽ مايوسيءَ جون اونداهيون ۽ رو شنيون پڻ ذهن ۾ تري اچن ٿيون جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تنوير جيڪي تجربا ڪيا آهن سي سندس مشاهدن تي مدار رکن ٿا ۽ انهن جي اظهار جون ڪڙيون وڃي سماجي سلسلي سان ڳنڍجن ٿيون مثال طور:

١ - اي دوست زندگيءَ ڪي نه ايڏو قريب وڃ
ڪٿ زندگي ٿي تو ڪان گريزان نه ٿي وڃي

٢ - جئن ڪرڻن جي تيرن جي وسڪاري ۾ مرڪن ٿا گل
موت جي منهن ۾ تئن اسان پي ڪلندا ڪلندا هلنداسين

٣ - تنهنجو ته بهارن تي ڪو حق به نه آهي جو
ڪنڊن سان ڪڏهن پي تو آپاند نه اٽڪايو

٤ - پياسين منهنجي ڪاڪ ۾ ايترو اڄ
جو مومل ڪي دل تان وساري ڇڏيو سين

٥ - بدلائي ڇڏيندي هيءَ دنيا او پرين تو ڪي
جي تو ڪري همت هن دنيا ڪي نه بدلايو

٦ - هي بهار آهي يا ارمانن جو آهي قتل عام
خون جي بو آ مليل گلڙن سندي سرهاڻ ۾

٧ - جنهن نه لڪن ۾ لوڏا ڪاڏا
تنهن به پنهل سان پيچ نه پاتو

٨ - جن هٿن ٽڪرايا ساغر ساڻ ساغر عمر پر
ڪيئن اهي تلوار سان تلوار ٽڪرائي سگهن

۹ - او هان ٿا کهو جن کي ابتي چريءَ سان
اهي ڪجهه تہ لڇيندا اهي ڪجهه تہ ڪڇيندا
۱۰ - آزادي يا موت ہنهي مان هڪڙو ماڻهاسانجو آهہ
جنهن بہ ڏنو آواز انهيءَ ڏي ڪلندا ڪڏند ا هلنداسين
۱۱ - دوست اڄ اڄ تہ وٺون سمجهي مزاج عالم
يار جي زلف پريشان کي ڏسي وٺنداسين
۱۲ -روز تارن تان ترڪندي ٿي رهي
هي نظر چنڊ لاءِ آهي چري
هي تنوير جي مختلف غزلن جا چوند شعر هيا جن مان اندازو لڳائي
سگهجي ٿو تہ سندس شاعري مختلف مشاهدن ۽ تجربن جي آڌار تي
ڪيتري قدر ڪاميابيءَ جا مرحلا طئي ڪندي رهي آهي.
هن مجموعي ۾ تنوير جا گيت ۽ ڪي نظم بہ شامل آهن جن جا
رنگ روپ غزل جي انداز کان الڳ هوندي بہ زندگيءَ جي پيار ۽
انسانيت جي ڏک درد سان سنمک ٿيندا اچن ٿا:

ڪونہ پڏائي واٽ اسين اڻ سونهان سونهون
هوريان ڏاڍيان وڙهندي رڙهندي
ڪرندي ٿڙندي ۽ ٿاپڙندي
ڳولي لهبي واٽ . اسين اڻ سونهان سونهون

اهڙي طرح سندس نظم 'جوڳي' جو هڪ بند آهي:

مان بہ زماني جي دردن کي دل تان هٽائڻ چاهيان ٿو
زهريلن جي زور کي ماري زور گهٽائڻ چاهيان ٿو
جن کان حياتي هانو ٿي هاري تن کي مڃائڻ چاهيان ٿو
پيار سان هر ڪنهن کي مان پنهنجي وس ۾ آڻڻ چاهيان ٿو
وقت جي وهہ ۾ محبت جو ميناڄ ملائڻ چاهيان ٿو
تو جان مان او جوڳي من جي مرلي وڄائڻ چاهيان ٿو
تنهنجو من پي روڳي آهي، منهنجو من پي روڳي
او مرليءَ وارا جوڳي.

تنوير جي اجوڪي شاعري کي ڏسندي سندس ابتدائي شاعريءَ جي مختلف تجربن جو احساس ٿئي ٿو جنهن جي روشنيءَ ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو ته هن پنهنجي شروعاتي دور ۾ جيڪي ٻوٽا پوکيا تن جي سرهاڻ مارئي ۽ ملير جي چارن ۽ ويچارن ۾ سدائين سچ ۽ سونهن جي ساڃاهه جا سوجهرا اُپائيندي رهندي.

**- نياز همايوني**

# گیت

⊙

منهنجي من تي اٿيهينءَ جي اونده آهي ڇانئي
آئي رات سهائي

اکڙيون الجهيون اوجاڳن سان منڙا تنهنجي وٺي پڇاڻان
چنڊ به ساڳيو رات به ساڳي پر ڇا تي ويو آهي نه ڇاڻان
ساچاندو کي ڇهنديون پائي جنهن تي کئي ڪتڪائي
آئي رات سهائي

مون کان سواءِ جيئڻ ڪونه سڄائي توکي اڄ ائين پاڻ لڪائي
منهنجا چنڊ هليو آ ڪڪرن واري ڪاري چادر پائي
ڏڄندي ڏڄندي مون دنيا کان رات اها چورائي
آئي رات سهائي

نيڻ سُتا جي خواب ٿي جاڳيا خواب ستا جاڳي پيا نيڻ
ساري رات سياريم توکي پر تنهنجو من کين ٿيو ميڻ
ڪرٽا ڪر موڙي جاڳيا مون کي اوٻاسي آئي
آئي رات سهائي

◉

مــــن جـــا ڦـــو ڳ ڦلهـــاريـــا
اڄ مـــن جـــا ڦـــو ڳ ڦلهـــاريـــا

سرڪ جي هٿي سالن ڪان سڪايل
ڌرتـي منهنجـي مـن جـان اجـايـل
مينهـــن وري اڄ پيـــالا پيـاريـــا

اڄ ســـارو جـــڳ دل ڪـــي وٺـــي ٿـــو
مـــن چيلـيـن جـان چـال هٿـي ٿـو
دل دڪـڙن جـا ڏينهـن و ساريـــا

مـــارن وانگـــر رلنـــدي رلنـــدي
روح ٽڪـــي پيـــو هلنـــدي هلنـــدي
ماڳ رسيا منزل جـــا ماريـــا

◉

مرڪ گهڙيءَ پل لاءِ، مکڙي! مرڪ گهڙي پل لاءِ
جوڀن جون هي چار گهڙيون تون روئي ڪين وڃاءِ
مکڙي مرڪ گهڙيءَ پل لاءِ

منٺڙي منڙي هير لڳي ٿي
تنهنجي منهن تي ٽپڪي هٽي ٿي
تنهنجي ڪن ۾ ڪجهه ڀڻڪي ٿي
نينهن جا نياپا توکي ڏئي ٿي
هير جي منٺجي جهولي تيڻ ڪان اڳ ڪا راند رچاءِ
مکڙي مرڪ گهڙيءَ پل لاءِ
جوڀن جون هي چار گهڙيون تون روئي ڪين وڃاءِ

پيار جا سُر ڪي جهونگاريندو
ڀونئر هوا تي ترندو ايندو
توتي هر هر ڦيرا ڏيندو
توتان پنهنجو سر گهوريندو
هن جي دکي تي موٽڻ ڪان اڳ هن سان نينهن نڀاءِ
مکڙي مرڪ گهڙيءَ پل لاءِ
جوڀن جون هي چار گهڙيون تون روئي ڪين وڃاءِ

هر ڪنهن سوچ ڪان تي ٻُري تون
ماڪ جا پيالا پيءُ ٻري تون
فڪر نه مرجهائڻ جو ڪري تون
هوريان هوريان، هري هري تون
موت جي ماريءَ تي مرڪي ڪي پيار جا نغما ڳاءِ
مکڙي مرڪ گهڙيءَ پل لاءِ
جوڀن جون هي چار گهڙيون تون روئي ڪين وڃاءِ
مکڙي مُرڪ گهڙي پل لاءِ

◎

توڙي ڪوبہ سهارو ناهي
هر ڪو جيءُ جنڻ تو چاهي
ڪوئي ڪنهن جي پيار سهاري ڏينهن ڏکن ۾ وينو گهاري
وهم سان پنهنجي دل وندرائي هيڏي هوڏي تو واجهائي
ڏِڍ ڏئي ڏکڙن کي پرچائي
وات ۾ نيڻ وچائي تو ۽ ڪوبہ اچڻ وارو ناهي
هر ڪو جيءُ جنڻ تو چاهي.

ڪنهن جي جڳ ۾ سانجهي سهڙي اوندهہ چانئي اوندهہ جهڙي
سڄهندو ڪين سڄهيو تي ڪوئي پنهنجي حال تي روئي روئي
اميدن سان ڪارنهن ڌوئي
پره ڦٽي ءَ جي آس لڳائي اوندهہ دل تان لاهي
هرڪو جيءُ جيئڻ تو چاهي.

ڪل ڪهڙي تہ ڪٿان ڪو آيو هر ڪو هلي تو پير وڌايو
نڪتو ڪڏهين ڪو چاچاٿي ڪاڏي هلي تو پان پلاٿي
ويندو ڪهڙي تاڪ ۽ تاٿي
ماڳ نہ آ معلوم تہ ڏهن يي هلندو هلي تو ڪاهي
هر ڪو جيءُ جنڻ تو چاهي.

اميدن سان جان جڙندي هڪڙي پارس کي ڳولهيندي
پهڻن سان ٿي پاند پري تو جن جي بار ڪان جيءُ جهري تو
دامن سيڪو تار ڪري تو
سيڪو سکن لاءِ سور سهي تو سر جو سانگو لاهي
هر ڪو جيءُ جنڻ تو چاهي.

تلخيءَ کي تسکين ڏيڻ لاءِ ماکيءَ جي مٺاڄ چکڻ لاءِ
هر ڪو مکين جاڏنگ سهي ٿو هٿ تان هيٺ نہ ڪوئي لهي ٿو
سور سهڻ کان ڪين رهي ٿو
ڪو ڇا ڄاڻي مانارِي ۾ ڦر آهي يا ناهي
هر ڪو جيءُ جڻ ٿو چاهي.

◎

پنهنجو پاڻ پتوڙ او قيدي
پنهنجو پاڻ پتوڙ

همت آڏو پهڻ مکڻ جيان رجندو رهندو آهي
همت جو سج چڙهندو رهندو آهي لهندو ناهي
وقت جون واڳون تنهنجي هٿ ۾ جيئن ٻه وٽي تيئن موڙ
جيئن ٻه وٽي تيئن موڙ او قيدي
پنهنجو پاڻ پتوڙ

چمڪي ٿي تون هر ڪي پنهنجو پاڻ نه ٿيءُ اسير
روپا آهن يا سونا ته ٻه آهن هي زنجير
هار گلن جا توکي قيدي ڪن تن کي ٻه مروڙ
ها تن کي ٻه مروڙ او قيدي
پنهنجو پاڻ پتوڙ

ڪنهن کي ڪوٺي بنائي ٻاندي ڪنهن جي ڇا هي مجال
سيکو جار اٿي تو پنهنجي لاءِ ٿئي جنجال
تو ئي پنهنجي لاءِ بنائي آهي هي پنجوڙ
ها ها هيءَ پنجوڙ او قيدي
پنهنجو پاڻ پتوڙ

او قيدي هيءَ آزادي ئي پنڌي کين ملي ٿي
رت ۾ ماس جي قربانيءَ ريءَ راضي کين ٿئي ٿي
زور لڳائي خون وهائي زنجيرن کي ٽوڙ
زنجيرن کي ٽوڙ او قيدي
پنهنجو پاڻ پتوڙ

◉

پيار مان چوندين مون کي تون
مان پيار مان چوندو سانءِ
منتڙا گهر تہ گهرانءِ

راهہ ۾ ويندي ويندي تو سان
کنهن البيلي وڻ جي هيٺان
اڄ تيون چار نگاهون آهن
دل مان دل کي راهون آهن
تون جي دل ڏيندين مون کي
پو مان پي ڏيندو سانءِ
منتڙا گهر تہ گهرانءِ

تنهنجي نظرن ڇا سمجهايو
سمجهہ ۾ مون کي ڪجهہ بہ نہ آيو
دل ۾ هڪڙو ارمان پيڙ ڪيو
منهنجو هنيون ڪجهہ زور سان ڌڙڪيو
هاڻي مون کي سمجهائڻ لئہ
ڪجهہ ترس الهہ جي نانءِ
منتڙا گهر تہ گهرانءِ

كنهن كي خبر هئي هيئن ملنداسين
گڏجي ۽ خوش ٿي كلنداسين
الفت جي هن دوراهي تي
اوچتو كيئن ٻئي پاڻ ملياسي
هاڻي پير ڀري مون سان
تون كجهه اڳتي هلجانءِ
مٺڙا گهر ته گهرانءِ

كاهكشان جا رستا گذري
هلجي هن دنيا مان نكري
هل ته وسايون تارن جو جڳ
جنهن ۾ ناهي ويو كوئي اڳ
پيار جي متوالن كي هوا
هاڻ جڳ جي نه پوندي ڀانءِ
مٺڙا گهر ته گهرانءِ

◎

کنهن جا ڏينهن ڪٽن تا ڪڏهين ڪوئي ڪين ٿو ڇاڻي
توکي الهه شل آڻي          او شال جواني ماڻي

تو بن ڪٽي برساتيون ڪاٽيم نيڻن مان جل هاري
تنهنجي واٽ نهاري
نيڻ سڪي ويا آس نہ لاٿي منهنجي نينهن نماڻي
توکي الهه شل آڻي          او شال جواني ماڻي

ديرَ ڪيئہ جي پو ٿي ويندا جوڻر جا لابارا
ٿيندا پڌر سيپارا
اهڙي پر جي آئين پو ڪٽ ملبو رات جي ٽاڻي
توکي الهه شل آڻي          او شال جواني ماڻي

اکڙيون پائي هر دم ويٺي تنهنجي واٽ نهاريان
او ساجن توکي ساريان
دل کي آٿت ڏيان ٿي پريتم ايند و اڄ نہ سياڻي
توکي الهه شل آڻي          او شال جواني ماڻي

◎

◉

پيار جو سمنڊ اجھاڳ پيارا  پيار جو سمنڊ اجھاڳ

لهر ڪناري سان ٽڪرائي
مٺڙا مٺڙا ساز وڄائي
جھومي ناچ ڪري لهرائي
تون ئي چيڙ ڪو راڳ پيارا  پيار جو سمنڊ اجھاڳ

لڏندڙ لهرون چلندڙ چوليون
آءُ هنن مان ماڻڪ ڳوليون
اڇ تيريون موتين سان جھوليون
ڪٿن اسان جا ڀاڳ پيارا  پيار جو سمنڊ اجھاڳ

جن جن لهرن سان لنو لاتي
تن ٿي ماٺي آهي حياتي
جن موجن مان جھاتي پاتي
آهي تن جو ماڳ پيارا  پيار جو سمنڊ اجھاڳ

◉

◉

ننڊ ڪان ڍرڪن نيڻ اکين تي اوجاڳن جو بار
اکين تي اوجاڳن جو بار

منهنجي اکڙين جي اوجاڳي
اونداهين جا دريا جهاڳي
تو سان ملڻ جي لئه او منتزا پهچڻ چاهيو پار
اکين تي اوجاڳن جو بار

خواب جي دنيا مون به نه ماڻي
ننڊ اڏاڻي ننڊ اڏاڻي
توکي ڳولڻ خاطر نڪتي جڏهن ستو سنسار
اکين تي اوجاڳن جو بار

روز وهي اکين مان پاڻي
رات نئين ۽ ڳالهه پراڻي
ياديون نئين سر ايندي نئون تيون ڪن هي پيار
اکين تي اوجاڳن جو بار

جوت جلي وئي ويل ٽري وئي
رات هلي وئي باک ڦٽي وئي
ڪرڻن جي ڦوهاري سان آ ڌوتو منهن گلزار
اکين تي اوجاڳن جو بار

صبح سمي جو لال افق تيو
ڳاڙهو رنگ تيو اکڙين جو
صبح جي بدران ليڪن مون کي تنهنجي رهي تي سار
اکين تي اوجاڳن جو بار

◎

ڏينهن لٿئي پاڇن جان وڌندي اوندهه جو ٿيو دل تي گهيرو
سانجهيءَ آئي پکيئڙن وانگر من ۾ مونجهه ڪيو واهيرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو

اجرو نيرو اڀ او مٽڙا اوندهه ۾ گدلو ٿيندو ويو
منهنجي من تي تارن وانگر هڪ جي پٺيان ٻيو غم ايندو ويو
پر منهنجو من ڪين ٿيو ميرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو

اونداهين ڪارين راتين جان ڇانيا آهن ڏڪڙا من ۾
چمڪو ڏئي ۾ گم ٿي وئي آ ٽانڊاٽي جان آس انهن ۾
موٽ ته ٿئي ڪو صبح سويرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو

پوئين پهر ۾ ٻاڪ جو ڦٽندي سونهري ڪرڻا ڪر ڪٽندا
هير به ٻچندي نيڻ به ٻچندا اوجهن ويل ڪڪڙ دم هٽندا
ٻيچ ٻنيءَ جو ڪج ڪو ٻيرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو

نور جا ڪرڻا نانگن وانگر منهنجي ساهه ۾ سرندا رهندا
تو کان سواءِ ڪرڻا ڪنڌن جان منهنجي هانو ۾ هرندا رهند
دل ۾ ڏکڙن جو ٿيو ديرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو

◎

تون نه رئين او منڙا پر جڻ رسي ويون سي راتيون

جن جي ڪارڻ تنهنجي اکين ۾ سرمو ٿي پئي سونهين
جن ۾ تارن جي چٽڪن ٿي دل ۾ دکائي دونهين
جن ۾ تو کي مون کي اونده وڏي ڳرائيون پاتيون
تون نه رئين او سهڻا پر جڻ رسي ويون سي راتيون

تنهنجي منهنجي سانت ڪيون ٿي جن ۾ روح رهائيون
جيڪي ويٺي ويٺي هڪ ٻئي کي ڏسندي ئي وهائيون
منهنجي مات ڪيون ٿي جن ۾ منهنجي اندر جون باتيون
تون نه رئين او سهڻا پر جڻ رسي ويون سي راتيون

ڏينهن هنيا ٿي ڏنگ اسان کي رات خوشي ٿي آندي
چار پهر هو وقت اسان جي وس ۾ جڻ هڪ باندي
شام خوشي هئي پنهنجي لئه ۽ درد هيون پرياتيون
تون نه رئين او سهڻا پر جڻ رسي ويون سي راتيون

اڄ ٻي پرچي وڃ او پيارا وڇڙيل وقت ورايون
اڄ به اسان جي لاءِ رهن ٿيون اهڙيون راتيون آتيون
تون نه رئين او سهڻا پر جڻ رسي ويون سي راتيون

◎

پوپٽ مکڙيءَ کي ڳل لائي تنهنجا منهنجا سور سٺائي

تنهنجو ۽ منهنجو افسانو
ورجائي ٿو سارو زمانو
سونهن اوهان جي پيار اسان جو
سارو جڳ ٿو ڳائي
ٽڪي پوندر گلن کي تنهنجي منهنجي ڳالهه ٻڌائي

چٽنگ ٻري جا چاهه جي دل ۾
باهه لڳائي تنهن محفل ۾
تنهنجي منهنجي پورن مان هي
جڳ ٿو سور پرائي
ساري جڳ جي دل ۾ چڙهي سين باهه برهه جي لائي

هر ڪنهن جي اک آهي آلي
هر ڪو پئي پورن جي پيالي
توتي مان سر ڏيان
پروانو شمع تي پاڻ پچائي
پنهنجي پنهنجي پياري خاطر هر ڪو سر سهسائي

تنهنجا پور پچايان سهڻا توکي پل پل ساريان

ساھ کي منهنجي سيءُ لڳي ٿو تنهنجي جدائي ماري
ڏک جي ڏکڻيءَ کي روکيان ٿو محبت جو مچ ٻاري
ساري جون هي لمبيون راتيون ڪيئن اکيلي گهاريان
تنهنجا پور پچايان سهڻا توکي پل پل ساريان

سک جو نازک نازک سلڙو اپريو منهنجي من ۾
موٽ مسافر جاڻ سڙيو هي پورن جي پارن ۾
نظرن کي واٽن ۾ ڄمائي تنهنجي لاءِ نهاريان
تنهنجا پور پچايان سهڻا توکي پل پل ساريان

هڪ پاسي ٿو واءُ اتر جو جيءُ ۾ سيءُ اتاري
منهنجي آه ٻئي پاسي ٿي باھ برھ جي ٻاري
آگ اندر جي ٿاري ٻاريان ٻاري هر هر ٿاريان
تنهنجا پور پچايان سهڻا توکي پل پل ساريان

جوت جهڪيءَ سان سانت ستارا ائين ٿا من کي پاسن
جڻ اب جي دامن تي ڳوڙها سيءَ جا ڄمي پيا آهن
تارا مون ڏي نهارن ٿا ۽ مان تارن ڏي نهاريان
تنهنجا پور پچايان سهڻا توکي پل پل ساريان

◎

آ گيت پريت جا ڳايون

نغمن ۾ هستيءَ کي وجائي هوا تي اڄ لهرايون
جهرڻن مان کي سر چورائي منٺڙا ساز وڄايون
پاڻ سان گڏ هن جڳ کي ٻيي گيتن جي لئه ۾ وڄايون
آ گيت پريت جا ڳايون

آچنڊ سان راند رچايون
لهرون تي ۽ هنج ۾ پنهنجي چانڊوڪيءَ کي لوڏيون
بادل تيون ۽ اب ۾ چنڊ جي منهن کي لڪايون کوليون
اڄ تہ چڪور جيان من کي پنهنجي هاٿي چنڊ ڏي اڏايون
آچنڊ سان راند رچايون

آ گلڙن سان لنو لايون
هيرتي ۽ پريات جو پنهنجيون جهوليون ڀريون خوشبوءَ سان
ماڪ تي ۽ کي رنگ چورايون مکڙين جي تہ ڳلن تان
ڀونئر تي گل گل جي چوڏاري ڦيرا هر هر پايون
آ گلڙن سان لنو لايون

◎

◎

آءُ تہ پنھنجي سُر کي مٽايون
ھن جڳ کي بدلايون
راڳ پراڻا آلاپيندي
پنھنجي دل ۾ پرجي ويئي
ساڳي سُر تي ڪن لائيندي
خلق خدا جي ٿڪجي پيئي
ساز نوان ڪي آڻيون پيارا
راڳ نوان ڪي ڳايون
ساز ۾ سوز سمايون

چارڻ چوري چنگ ٿڪي پيا
پر نہ مليو ڪو سِر جو دان
گيت مري ويا ساز ڀڄي پيا
چپ ٿي ويو ھي سارو جھان
ڀئي جي سر جي آ جي ضرورت
پنھنجي سر کي وڌايون
سر جو سانگو لاھيون

لٽڪ و سائي و سائي ٿڪا سين
پر نہ و ساڻي دل جي آڳ
سارنگ ڳائي ڳائي ٿڪا سين
ھاڻي ڳاءِ نئون ڪو راڳ
سر ۾ سمائي آڳ اندر جي
آءُ تہ ديپڪ ڳايون
آءُ تہ باھ دکايون

◎

ڪونہ پڌائي واٽ اسين اڻ سونهان سونهون

هوريان ڏاڍيان رڙهندي رڙهندي
ڪرندي ٿڙندي ۽ ٿيڙندي
ڳولي لهبي واٽ اسين اڻ سونهان سونهون

اوندھ ۾ ڪيئن گهاريندا سين
نيٺ تہ ڳڏجي ٻاريندا سين
واچوڙن ۾ لاٽ اسين اڻ سونهان سونهون

ڪنوٺيون اڪ نہ ملائي سگهنديون
پنهنجو سر نہ جهڪائي سگهنديون
رکبو اوچو ڳاٽ اسين اڻ سونهان سونهون

منهن نہ ورائي پويان ڏسبو
منزل تي پهچي دم پٽبو
لاهبي دل اساٽ اسين اڻ سونهان سونهون

◎

صبح نہ آهي دور ساٿي
صبح نہ آهي دور

لمبي رات وهامي ويندي
دک جي آگ اجهامي ويندي
آس نہ لاٿي جي تو ساٿي
اوندھ مان ٿي باکون ڦٽنديون
ڪاريون راتيون نيٺ تہ ڪٽنديون
چو ٿو وچين وهلور ساٿي
صبح نہ آهي دور

ڪارن پردن مان پرڀاتيون
اوڀر ڪان ٿيون پائن جهاتيون
صبح ٿئي ٿو نور وسي ٿو
رات ٿي پنهنجو دم ٻوساٽي
اونداهين جو هانءُ ٿو ڦاٽي
چاٺ لٽا هي سوز ساٿي
صبح نہ آهي دور

ڏس تہ شفق مان صبح سہاڳو
ڪر موڙي آنند مان جاڳيو
نور جو پھريون پھريون ڪرڻو
اونداھين جو سينو چيري
وڌندو اچي تو ڏيري ڏيري
ڄاڻ و سي تو نور ساٿي
صبح نہ آھي دور

ھل تہ رفيقن کي جاڳايون
صبح سان گڏجي جوت جلايون
منھنجا ساٿي منھنجا سنگتي
آءُ تہ ڳايون گيت سحر جا
اڄ تہ ڪريون دنيا ۾ اجالا
چو تو پچائين پور ساٿي
صبح نہ آھي دور

◎

نظام

# ٻيجل ڏانهن

آڻ وري ساڻ اهو چنگ کڻي آءُ
تن کي تپائي جو اهو تند کي ڏي تاءُ

نغمي جا درياهه اڙي نغمي جا درياهه
قيد ڪنارن جا ٻڌي اڄ ته اٿل ڪاءُ

سال ٿيا سر لئه سڪيا ساهه رکي چاهه
سانت هٺا ساز پڙاڏو هو نه پڙلاءُ

چڻگ لڳي جيڪا ٻيڙ ٿي ۽ دکي پئي
وارُ ٿئي جيڪو گهڙي دل ۾ ڪري گهاءُ

ساهه ۾ اڄ باهه لڳائڻ جي طلب آهه
ساز جي آواز سان وجهه ڏيهه ۾ ڏهڪاءُ

ڇيڙ کڻي ساز سڄڻ ميڙ کڻي سِرَ
آهي جي هڪ مگڻو ته دنيائي سڄي راءُ

هونئن ته ڇڙاڇٽ ۾ ٿا چٽڪن مگر اڄ ڪلهه
گيت ڪپن جيڪي گهڙي روح ۾ ڪن گهاءُ

آءُ وري آءُ وري سر جو هٺي داءُ
آڻ وري ساڻ اهو چنگ کڻي آءُ

# سهڻي ڏانهن

سهڻي اڄ پائي ليٺو مهراڻ جي موجن منجهان
هن پريشان حال جو هيڪر ٻڌي وڃ داستان
تو محبت لاءِ ئي سر تان ڪنيو هو آسرو
مون ٻه الفت لاءِ پنهنجو سِرُ سهائي آ ڇڏيو
توکي تنهنجن ئي سمهاريو موت جي هن سيج تي
مان ٻه سمجهان تو ته منهنجا ئي مٿائيندا مون کي
تو ٻه سر ساهي ڪنيو هو پاڻ سان ڪچو گهڙو
مون ٻه ڪلمه ڪن بيوفائن تي ڪيو هو آسرو
تيو گهڙو پرزا پُرزا پُري پهتينءَ تون لهرن ۾ جڏهن
مان ٻه سمجهان تو ڇڏيندا ساٿ هي منهنجو ڪڏهن
توکي ڇا ميهر جي ٻانهن جو سهارو ويو ملي
ڇڻڪ طوفانن ۾ توکي هڪ ڪنارو ويو ملي
منهنجو ميهر آ ڪٿي جو منهنجي سڏ ۾ سڏ ڏئي
جو ملي مون سان ۽ لهرن ۾ سهارو منهنجو ٿئي
منهنجو جيڏن ۾ ڪو آهي مون سان جو گڏجي هلي
جو گهڙي "گهوريس" چئي ۽ پنهنجي ساهڙ سان ملي
تون ٻه سهڻي مان ٻه سهڻي عشق تان قربان ٿئي
سنڌ پنهنجي تان اچو گڏجي هي سر گهوريون سئي

# مارئي ڏانهن

مارئي جنت مان اچ پنهنجي وطن ڏي ڪر نظر
جنهن جي لئہ حيران رهينءَ تي ڪوٽ ۾ شام و سحر
مون پڌو آهي وطن جي توکي هئي ڏاڍي اڪير
قيد ۾ يي تي رهينءَ مارن جي الفت جي اسير
هڪڙي ماروءَ تي چيو تو جبر جو سر خم ڪيو
عيد ڪئي حب وطن ظلم و ستم ماتم ڪيو
ڪوٽ جي ديوار ڪان اوچي سنڌ حب وطن
حڪمراني ڪان متي تنهنجي اسيري تا چون
هاءِ صد ارمان سنڌ اهل چمن ڪي چا ٿيو
سنڌين جي جذبہ حبِ وطن ڪي چا ٿيو
قوميت آڏو سدا دولت ۽ زر ٿيا شرمسار
هي وطن وڪئي بہ چاهن ٿا حصولِ اقتدار
تنهنجي آڏو خود حڪومت جو جهڪي ويو گردن
۽ هنن ڪرسيءَ جي لئہ ايمان يي وڪئي ڇڏيو
بيڪس و لاچار هوندي يي رهينءَ تون با ضمير
هي حڪومت هوندي يي غيرن جا ٿيا آهن اسير
قيد ۾ هوندي بہ توکي ياد هئي مارن جي ريت
هي وطن ۾ هوندي يي ڳائن پيا غيرن جا گيت
تنهنجي لوئيءَ جا هي دشمن ۽ هنن جو تر سان وير
هي غلام آهن عمر جا تنهنجي لئہ آهن هي غير
اچ هنن جي عيش جون سب محفلون برهم ڪيون
اچ بئي گڏجي اسين هن قوم جو ماتم ڪريون

◎

## نئين مارئي

کله عمر ڪي تي مجايائين روئڻ سان ليڪن
اڄ اهي لڙڪ قري چٽنگون ٿيڻ تي آهن
مارئيءَ ڪاله تي سڏڪا پريا ڪوٺن ۾ پر
اڄ سندس آڳ ۾ هي ڪوٽ جلڻ تي آهن

ڪاله محلن ۾ تي مجبور سگهي پي ليڪن
مارئيءَ روح جا زنجير پڳا آهن اڄ
جن بہ لوهن تي ڪيس قيد ۾ مجبور اڳي
سي قري منهن تي عمر جي ئي لڳا آهن اڄ

ڪاله واجهائي پئي مارن ڏي مدد لاءِ مگر
مارئي هاڻي اتي پنهنجي مدد پاڻ ڪندي
اڄ سندس حب وطن ٿيندي وري ايڏو بلند
جو حڪومت جي جبين تنهنجي اڳيان خود جهڪندي

◎

# ڀٽائي ڌڻي

او سهڻا شاهه ڀٽائي
تنهنجي گيتن جون گونجارون ٿينديون رهن سدائي
تنهنجي ديس جا ماڻهو نماڻا شل پيا توکي ڳائن
جن جي دل ۾ جڳ جي دکن ۽ دردن آهي جلائي
ساهه اڙيا سي تنهنجي گيتن سان ٿا دل وندرائن

تنهنجي سسئي پنهنجي پنهونءَ لئه اڄ به ٿي ڏونگر ڏاري
اڄ به پنهون جا پيرا وقت جي واءُ سان وئڙا لٽجي
جبلن جهنگن ۾ رلندي ٿي رهبر لاءِ پڪاري
اڄ ٻي پهڻن جي سختيءَ سان پير سندس پيا ڦٽجي

مدت ٿي جو ماڻهو وڃا سُر جي لئه کن لائي
گيت ڪٿي جن جي گرميءَ سان دل جا دريا اڀرن
ماڻهن سر سهسايو پر ڪو چارڻ سر سهسائي
اڄ ٻيجل جي چنگ منجهان سي چٽگون ڪين ٿيون نڪرن

اڄ تائين ٿا ڪاڪ ۾ ڦرجن ۽ لٽجن ڪيئي مانجهي
مومل جي ماڻن ۾ ڪوئي ڦير نه آيو آهي
اڄ به اميدن جي ڪرڻن کي ويڙهي وئي آ سانجهي
ڪنهن جي دل جي دنيا ۾ ڪو صبح نه آيو آهي

آهي اڃا تائين ٻي تنهنجي مارئي بند ۾ ٻاندي
اڄ به عمر جو زور هلي ٿو ويچارن مارن تي
آزاديءَ جي خوشخبري اڄ تائين ڪنهن به نه آندي
ضرب اڃا تائين به لڳي ٿي روحن جي تارن تي

تنهنجي گيتن جون گونجارون ٽينديون رهن سدائي
تنهنجي ديس جا ماڻهو نماڻا ڦل پيا توکي ڳائن
جن جي دل هن جڳ جي دکن ۽ دردن آهي جلائي
ساهه سڙيا سي تنهنجي گيتن سان ٺا دل وندرائن

او سهڻا شاهه ڀٽائي

# موهن جو دڙو

اي اسان جي چمڪندڙ ماضيءَ جي پيرن جا نشان
تنهنجي ويرانيءَ ۾ چڻ ايڏي ڪشش آئي ڪٿان

تنهنجي بربادي تان صدقي تنهنجي منجهڻ تان نثار
تنهنجي بربادي ئي ٿي وئي آهي تنهنجو يادگار

بي ڪفن مردي جي مٽيءَ ۾ ڍڪيل هيءَ کوپري
جنهن ڏني هئي سنڌ جي تهذيب کي هڪ زندگي

تنهنجو هي خاموش ساڪن گهٽيون، هي رڪ جا ڍير
دور ديسن کان ڏسڻ لئہ ٿا اچن ڏس ڪير ڪير

تو ڏٺا آهن زماني جا گهڻائي انقلاب
تنهنجي سيني ۾ لکل تاريخ جا آهن ڪي باب

تون زماني ڏي زماني کان نهاريندو رهئين
سنڌ کي ماضيءَ جي عظمت ڏي پڪاريندو رهئين

۽ سدائين سنڌ تنهنجي سڏ ۾ سڏ ڏيندي رهي
پنهنجي ماضيءَ جي بلنديءَ ڏي وري ايندي رهي

قافلا تهذيب جا منزل طرف وڌندا رهيا
سنڌ جي گلشن ۾ ڪي ئي گل نوان ڪلندا رهيا

اڄ وري مهراڻ جي مي ساڻ پر پيالا ٿيا
هن اجايل سر زمين جا چپ وري آلا ٿيا

اوچتوئي اوچتو توکي کهڙو پور پيو
جو ڪٿي ويران نظرون سنڌ ڏي تو هيئن تڪيو

تنهنجي نظرن جي انهن ويرانين جو هو اثر
جو ويا هڪ پل ۾ ٿي ويران ڪئي آباد گهر

ٿي اڪئين سڀ ڪنهن ڏٺو منزل هئي پنهنجي قريب
اوچتو ئي اوچتو ڪي راهزن ٿي ويا نصيب

وقت جا طوفان اکري پنهنجو ٻيڙو پار ٿيو
پر ڪنارن تي اچي ٽڪرائجي پرزا ٿيو

وقت جي ڦيري هنن باغن کي بدلي ٻَرُ ڪيو
ڪالهه هئا جت هنج اڄ ڪانون اتي آ گهر ڪيو

ڪلهه ڪچهرين ۾ لڳل رهندو هئو جت ٺهڪڙو
موت جي خاموشين آهي اتي واسو ڪيو

ڳوٺ خالي ٿي ويا ۽ شهر ويران ٿي ويا
خواب هئا جيڪي ترقيءَ جا پريشان ٿي ويا

هي دٻيل جايون ڦٽل رستا ڏسي تون شاد ٿي
هي ٻـ شايد تو جيان ويندا ڪڏهن برباد ٿي

تنهنجي ويرانيءَ ۽ بربادیءَ کي وسعت ٿي ملي
سنڌ ساري جان جو ٿي تنهنجي ياڪر ۾ اچي

# نئون دستور

جي مطمئن نہ ٿيا سين قرار ڪجھ تہ مليو
اٿاھ سمنڊ مان ھڪ قطرو يار ڪجھ تہ مليو

ھزارين درد سوين غم ويا اسان جا ٿي
مليو نہ دل کي اگر ھڪ قرار ڪجھ تہ مليو

اسان کي ماڳ جي بدران مليا ڏکا ٿابا
اسان کي دوست سر رھگذار ڪجھ تہ مليو

اسان تہ حق جي ٿي ڳولھا ڪئي زماني ۾
مليو اسان کي جي بدلي ۾ دار ڪجھ تہ مليو

اسان چمن کان تہ مايوس ٿي ويا ھئاسين
خزان ملي نہ مليو جي بھار ڪجھ تہ مليو

اسان تہ بوند گھري ٿي اسان کي باھ ملي
فلڪ ڏنو جي ھي برق و شرار ڪجھ تہ مليو

اوھان کان ڪجھ بہ ملڻ جي اميد ڪونہ ھئي
لٿو جي ٿورو گھٽو دل جو بار ڪجھ تہ مليو

اوھان کان ڪڏھين بہ مايوس ڪين موٽيا سين
اوھان جي بدران مليو انتظار ڪجھ تہ مليو

مليو نہ صبح جي تنوير چاڻ جو ٿو ملي
ويو ٿي گھٽ جي فضا تان غبار ڪجھ تہ مليو

## جھونگار

مشڪ جان عشق تنهنجو تو هڪار ڏئي
ڪيئن جڳ ڪان پلا مان لڪايان پرين

جيئن پوي ڏند تي چنڊ جو اولڙو
جھول چوليءَ جي ۾ پينگھه ويهي لڏي
نير نيرو پوي جيئن اچو ڪير تي
لهر تي مست جھومي نچي ۽ ڪڏي
پيار منهنجي تي ايئن تنهنجو پاچو پيو
اوچتو سونهن سان جيءَ جر ڪي اتيو
مان به تي مست تڙندو رهان تو سدا
پاڻ کي ڪيئن پلا مان سنڀاليان پرين

جيئن ساوڻ جي موسم تي سرهي اچي
مينهن چم چم ڪري چير پائي نچي
تيئن منهنجي اندر ۾ او سهڻا سڄڻ
تنهنجي ٺهڪن جو هردم پڙاڏو اچي
مان به ڪڪرن جيان مست تي تو رلان
تو ڪي ڳولڻ جي خاطر تو ڊوڙان ڊڪان
نيري اڀ جي اڱڻ ۾ تو رلندو رهان
تو کي ڪيئن ڳوليان ڪيئن پايان پرين

منهن کي موڙي سمورن خيالن کان مان
دل جي ڳڙڪيءَ مان هر دم ٿو واجهون وجهان
رات جو روز جڳ کان لکي ننڊ جا
ريشمي نرم پردا هٽايان ٿو مان
ننڊ ۾ پي نٿا نيڻ آرام کن
خواب راتيون سڄيون جاڳندا ٿا رهن
خواب آ خواب ۾ جاڳ آ جاڳ مان
خواب کي جاڳ ۾ کيئن مٽايان پرين

هير جي وير هر هر چڙهي صبح جو
جيئن پير جي پنن کي ڏڪائي ڇڏي
ياد تنهنجي اچي تيئن اڙي شل جيئين
منهنجي لونءَ لونءَ کي هردم ڪنبائي ڇڏي
منهنجي رڳ رڳ ۾ ٿو پيار تنهنجو سُري
تنهنجي صورت سادا هانوَ ۾ ٿي هُري
درد دل جو ٿو اکڙين مان اٿلي پوي
سور دل ۾ پلا کيئن سمايان پرين

جيئن اسُر جو ٿڌي هير ٿڏڙا ڪيدي
هلڪڙيون هلڪڙيون ڪتڪتايون ڪري
ساهه مان سيسرائيون ٿيون اڀرن تيئن
جي پلؤ تنهنجي پوتيءَ جو مون کي ڇهي
پور تنهنجا ٿا ڪر موڙي جاڳي پون
سور تنهنجا ٿا مون کان سانديا ٿين
سرر ڪنهن سان ورهايان ونڊيان او سڄڻ
ڪنهن کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايان پرين

جي ستارن ۾ توکي لکائڻ گهران ٿو
تہ تون چنڊ وانگر کڙي ٿو پوين
توکي مکڙين جي وچ ۾ رکان ٿو تہ تون
گل جيان هکڙي پل ۾ ٽڙي ٿو پوين
توکي کوئي پلا کيئن لکائي سگهي
سونهن تنهنجي سدائين پئي ٿي بکي
جي هجي کو ڏيئو مان و سائي ڇڏيان
جوت سج جي پلا کيئن وسايان پرين

سونهن سرهي سدا پيار پڌرو سدا
جي لکايون تڏهن پي نہ لکندا پرين
ڇو نہ پردا سيئي پو هٽايون سڄڻ
ڇو نہ دنيا جي سامهون ڪريون پيار اسين
تون ٿي ڳانو تہ توکي ڳچيءَ ۾ ٻڌان
گيت ٿي تون تہ توکي چپن تي رکان
تون ٿي گل مان ٿيان هير ءِ
تنهنجي سرهاڻ گهر گهر رسايان پرين

◎

◎

هڪڙيءَ خاموش ۽ ڌيريءَ رات
هو ڏنو چنڊ مڪڙين کي جنم
جڻ لهي ويو هو ڪائنات جو غم

مرڪيون مڪڙيون جڏهن ٻه ٽي پريات
هير جيئن جيئن سحر جو لهرائي
ماڪ مڪڙين جو منهن چمڻ آئي

جڏهن روشن ٿيو صبح جو آڪاس
ڪرڻا مڪڙين جو هار بنجي پيا
چٽڪ سونهري چار بنجي پيا

ٿي وئي ساري ڪائنات اداس
مڪڙين جو گلو گهٽيو ڪرڻن
تن کي مرجهائي ڇڏيو ڪرڻن

◎

# مونجهارو

سج ڪڍيو منهن رات پوري ٿي وئي
ساري جڳ تي ڇانئجي وئي روشني
سج مٿي آيو ۽ ڏر ڪيو ۽ لڙيو
شام ٿي آخر ۽ سج ٻي ويو لهي
ساري جڳ ۾ ٻاٽ اونده ٿي وئي
ڏينهن جي ڇا زندگي
مان پيو آهيان منجهي

صبح جو گلشن ۾ هڪ مکڙي ٽڙي
ماڪ موتين جي مٿس مالها وڌي
ڪجھ گھڙين لئه جهومي مرڪي ۽ نچي
۽ هوا جي پينگهه تي ويهي لڏي
تير تاڻيا پنهنجي ڪرڻن جا سحر
جيڪي ويا مکڙيءَ جي سيني ۾ چڀي
۽ ويو مکڙيءَ جو منهن ڪومائجي
ڪجھ گھڙين جي مرڪ هئي
مان پيو آهيان منجهي

چنڊ دريا تي نظر هڪڙي وڌي
جنهن جي سيني ۾ اچي هلچل متي
لهر هڪ اميد جي آئي چڙهي
چنڊ ٻي دريا ۾ آخر ويو ٻڏي
لهر ٻي ڪجھ ٿاٻڙي ڍر ڪي پئي
ڪجھ گهڙيون اميد هئي
مان پيو آهيان منجهي

جي ويس دنيا جي غم کان تنگ ٿي
تنهنجي اکڙين ۾ جڳهه مون کي ملي
سر ڪهڙي سڪ منجهان مون پي چڏي
تو سوا دنيا سڄي وسري وئي
ڪجھ گهڙين کان پوءِ جڏهن مون اک پٽي
ساڳيا غم ۽ ساڳي منهنجي بيڪسي
ڪي پلڪ هئي بي خودي
مان پيو آهيان منجهي

©

# چڪتاڻ

ڏيهہ جي ڏاتن سان اميدن جا سر ويا ڪاٽجي
ڏاڍ جي ڏاندن جي پيرن هيٺ ويا چيپاٽجي
تہ اجا تائين جيئڻ جي آس آهہ
زندگيءَ جي راهہ ۾

ماڳ ڏي وڌندا رهياسين جهڙپ جهولن جي سهي
پنهنجي عظمت اڪ اُن سان تي ملائيندي رهي
ها اجا تائين هلڻ جي آس آهہ
زندگيءَ جي راهہ ۾

پاڻ طوفانن جي ئي پيٽن ۾ پلندا تا رهون
هنس جان سينو ڪڍي لهرن تي لڙهندا تا رهون
ها اجا تائين وهڻ جي آس آهہ
وقت جي هن واهہ ۾

جيئُن پچڻ جو پهہ ڪيو سين ڪئي پيڙ پڙڪي پيا
نيٺ سهٽيءَ جي گهڙي جان ئي پچي تيا سين پڪا
ها اڄ تائين جلڻ جي آس آهہ
عشق جي آڙاهہ ۾

زندگي چڪتاڻ ڪان مايوس ڪڏهين تي نہ آهہ
هير جان هلندي آ هردم پر ڪڏهن تڪبي نہ آهہ
ها اجا تائين رهڻ جي آس آهہ
وقت جي وٺراهہ ۾

# روح رهاڻ

ڪجھ گھڙين جي لئہ فلڪ ڪجھ گھڙين جي لئہ زمين
ڇا خبر جو هيءُ دم ٿي هجي دم آخرين
ڇو نہ ڪجھ مرڪي وٺون ڇو نہ ڪجھ ڳايون اسين
وقت هي آهي پرين روح ريجھائي وٺون

روح ريجھائي وٺون اڄ تہ ڪجھ ڳائي وٺون
يونئر تي مڪڙين مٿان ڦيرا ڪجھ پائي وٺون
ماڪ تي گلڙن جو منهن ڪجھ تہ چمڪائي وٺون
هير تي گلزار ۾ ڪجھ تہ لهرائي وٺون
اڄ تہ لنوَ لائي وٺون موت کان اڳ ۾ سڄڻ

موت کان اڳ ۾ سڄڻ، آس جيئڻ رهجي نہ ڪا
ڇو بهارن ۾ پلا گل وڃن ڪومائجي

ڪجھ گھڙين جي لاءِ ٿو مينهن ساوڻ جو وسي
ڪجھ گھڙين جي لاءِ ٿو ميوو محبت جو رسي
ڪجھ گھڙين لئہ اڪ ڪٿي پيار مان ڪو ٿو پسي
ڪجھ گھڙين جي لاءِ ٿو نينهن جو نياپو رسي

وقت ٿورو آهي ۽ سو بہ وڃٿو آ پرين
ڇو پلا روئي رڙي سو وڃايون هيئن اسين

عمر آهي هڪ گهڙي سال ساعت ۾ وڃن
سا گذاريون چو سڙي پيار ڪان پاسو ڪري

وقت جو هي واھ تو دائما وهندو رهي
تنهنجي چولين جو لهي ڪين سگهندو انت ڪو
آئي هڪڙي ٻي وئي آهي بس هي ڇهڇڻو
انت ازل جو ناهي ڪو يا ابد جو ڪو پتو
تنهن ڪان منهن ڦيري نہ چو پيار مان توڏي ڏسان

# پيڙ جو پيام

پري پيءُ اڄ هڪ بہ جام
هليو وقت ويندو وري ڪين ايندو

پري جام وانگر هي گردش جهان جي
پيڙ جو ڏئي ٿي پيام
پيڙ سان ٿي پيارا زمانو مڃيندو

خبر ناهي ڪنهن کي اڄوڪي سحر جي
ٿئي يا نہ ٿئي ڪابہ شام
الائي وري وقت ايندو نہ ايندو

سمان سال جي ڏک جو هڪ ڏينهن آهي
تہ پو عمر ڪيئن ٿئي تمام
اهو راز هي جام توکي ڏسيندو

حياتيءَ کي ماڻ گهرين تو جي سهٽا
تہ وٺ وقت کان انتقام
جو هي وقت ڪنهن کي سڪون ڪين ڏيندو

◎

# پھريون وار

ڪري وار هي وقت توتي او سهڻا
انهيءَ ڪان اڳي وار ڪر

زمانو ٿئي سخت توتي او سهڻا
انهيءَ ڪان اڳي پيار ڪر

ڪلي وٽ گھڙي پل جو لمحا ڪلڻ جا
هتن مان نہ ڪسڪي وڃن

هي ڳل تنهنجا يعني هي چاڻا مکڻ جا
متان وقت ويندي رچن

حياتيءَ جا پيالا ڀريل غم جي وهہ سان
پيئڻ ڪان سوا ڪيئن ڪريون

گڏي مرڪ جو تن ۾ ميٺاج تن مان
گھڙين جون ٿا سرڪون ڀريون

عجب آهي مڪڙيءَ تي جو چانڊي پـي
تہ پـل لاءِ آهـي شبـاب

ڏسي تيز ڪرڻن ڏي هڪ مرڪ مرڪي
ڏئي موت کي تي جواب

ڪئي سال هڪڙيءَ گهڙيءَ جي خوشي لئہ
سوين غم تا سهڻا پون

مگر مرڪ ايندي ڇپن تي گهڙيءَ لئہ
سيئي ڏک تا وسري وڃن

◎

# جوڳي

او مرليءَ وارا جوڳي!

پنهنجي مِٺن کي ڦوڪيندي تون مرلي ايئن وڄائين ٿو
جڻ ڦوڪي تون روح فضا ۾ نغمن جان لهرائين ٿو
دريا شاهه جي لهرن وانگر سينو لاهين چاڙهين ٿو
جڻ ته فضائن ۾ گيتن جو هڪڙو واهه وهائين ٿو
يا ته فضائن ۾ نغمن جو هڪڙو جار وڇائين ٿو
زهريلن نانگن جي روحن کي جنهن ۾ ڦاسائين ٿو
يا ته اندر جي اونهائيءَ مان سر آٿي تون ڳائين ٿو
پنهنجي برهه جي باهه تون ساري جڳ جي دل ۾ لڳائين ٿو

جڻ ساري جڳ تنهنجي سورن واري يوڳ آ يوڳي
او مرليءَ وارا جوڳي!

پنهنجي راڳن سان رڳ رڳ ۾ ڪو ميٺاج ملائين ٿو
دک ۽ درد جا نانگ هزارين پيار منجهان پرچائين ٿو
جن کي پنهنجي تن جي تارن تي هي ناچ نچائين ٿو
مرليءَ جي ميٺاج سان تنهن جي زهر جو زور وڃائين ٿو
اهڙن زهريلن جي دل ۾ جادو ڪيئن نه لڳائين ٿو
پنهنجي دشمن تي يي حاڪم بنجي حڪم هلائين ٿو

هن دنيا جي رڻ ۾ تنهنجي مرلي جڻ مينهوڳي
او مرليءَ وارا جوڳي!

مان ئي من جي مرليءَ تي ڪي گيت وڄائڻ چاهيان ٿو
مان ئي پنهنجو پاڻ وڃائي سر ۾ سمائڻ چاهيان ٿو
مان ئي هن مائي دريا ۾ لهرون آڻڻ چاهيان ٿو
مان ئي دلين جي دنيائن ۾ باھ لڳائڻ چاهيان ٿو
مان ئي ڳائڻ چاهيان ٿو ها مان ئي ڳائڻ چاهيان ٿو

سهندي سور صدين کان منهنجي دل تي وئي آ موڳي
او مرليءَ وارا جوڳي!

مان ٻـ زماني جي دردن کي دل تان هٽائڻ چاهيان ٿو
زهريلن جي زهر کي ماري زور گهٽائڻ چاهيان ٿو
جن کان حياتي هانو تي هاري تن کي مڃائڻ چاهيان ٿو
پيار سان هر ڪنهن کي مان پنهنجي وس ۾ آڻڻ چاهيان ٿو
وقت جي وھ ۾ محبت جو ميناج ملائڻ چاهيان ٿو
تو جان مان او جوڳي من جي مرلي وڄائڻ چاهيان ٿو

تنهنجو من ئي روڳي آهي منهنجو من ئي روڳي
او مرليءَ وارا جوڳي!

# ڦٽيون چوندينڙ

شاعر جي تصور کان سهڻي
ننڊپڻ جي يادن کان پياري
ايڏي سادي ايڏي مٺڙي
جڻ آهي ٻنائيءَ جي ڪافي

اونده ۾ ڦٽيون ٽيون ائين جرڪن
جڻ جهرمر لاٽي آ تارن
يا اڀ ڌرتيءَ تي ڦهلايو
موتين سان ڀريل پنهنجو دامن

ڇپ ڇاپ پلو هوءَ پوتيءَ جا
چانديءَ سان جڻ تـ ڀري ٽي يا
هوءَ حور فلڪ جي آهي ڪا
تارن ڪي وڃي ٽي ڇنندي جا

جيئن چنڊ جي آئي و سامن ٽيون
تارن جون اڀ ۾ ڪٽي ڏياٽيون
تيئن هن جي پلاندن ۾ هي ڦٽيون
هڪ هڪ ٽي وڃن ٽيون گم ٿينديون

هوءَ گيت اهو آهي جيڪو
ڪنهن جي ٻـ چپن تي ڪين آيو
هوءَ اهڙو گل آهي جنهن کي
ٽڙندي نـ ڪهين ڀي آهه ڏٺو

◎

# پهاڙن جي پري

زندگي پنهنجي رواجي چال سان هلندي رهي
چو هيءَ نبض ڪائنات اچ اوچتو بيهي رهي
او پهاڙن جي پري

روح مائيءَ ڀنڊ جي ڪنهن سطح جان خاموش هو
تو خبر ناهي تہ چو نندڙو پٿر اڇلي ڇڏيو
آيون لهرون ڪر ڪٺي

جيئڻ هلي ڪو زندگيءَ جي راھ تي بي فڪر تي
ٿاهو ڪائي چرڪ ماري ۽ وڃي گهبرائجي
اهڙي حالت منهنجي ٿي

جي وڃي ٿي اوچتو ڪسڪي هٿن مان ڪا گهڙي
حيثيت ان جي رهي ٿي بس فقط هڪ خواب جي
وئي هٿن مان سا وئي

ها اهو سمجهان تو آهي عارضي دورِ بهار
پر خوشيءَ جي هڪ گهڙي آ عمر ڀر جو يادگار
توڙي سا گذري وئي

هي بہ جاڻان تو تہ ٿيندس جلدئي تو کان مان دور
پر هنن ڏينهن جي يادن جو ڪٺي ويندس سرور
جن ڏني آهي خوشي

چنڊيا ڊن جي ڪڙين ڪي هر ڪو ماڻهو خود جڙي
پاڻ ئي زنجيرن ٿا هي قيد تو خود ڪي ڪري
عمر ڇڻ آ مارئي

زندگي جي خواب وانگر آهه پو اي مهجبين
ڇو نه اڄ ان کي بنايون هڪڙو مٺڙو خواب اسين
وس ٻه پنهنجي آهي هي

◎

# ماڻداڃ

زندگيءَ ۾ ڪڏهين تنهنجي مرڪ جو ميٺاڄ هو
تنهنجي اکڙين جو خمار
تنهنجي جوڀن جو بهار
وقت جو اهڙو جو دل تي سونهن جوئي راڄ هو
ساري دنيا هئي حسين
مون به ٿوريءَ دير لئه لاتي هئي لنو او پرين

زندگانيءَ ۾ حقيقت جي ڪڏهن تلخي هئي
زندگيءَ جي جام مان
جو پريل هو زهر سان
مون به ڍيتو ن ڏئي دکن دردن جي وهه پيتي هئي
جام پر خالي نه ٿيو
جيئن ڪپاٽ تي گهريو مون تيئن تي سو پر بو ويو

جي حياتيءَ کان ڪان پري تي ۽ حياتيءَ کي ڏئم
موت کان پي سخت هئي
هيءَ دکن جي زندگي
هن مصيبت کان پڇي آ کيرو ڏهڻ تي گهريم
تنهنجي اکڙين ۾ مگر
وقت جي طوفان هر پيري ڪيو تي دربدر

جي گهٽو ويجهو ويس تي زندگيءَ کي او پرين
جيڪڏهن منهنجون اکيون
زندگيءَ سان چار ٿيون
ان جي اکڙين ۾ نياپو ڇڻ جيئڻ جو هئو پرين

تو جيان پياري هئي
سونهن سوپيا ساپريل هيءَ زندگي ساري هئي

ماک رئندي تي رهي مکڙي رهي تي مرڪندي
اهڙي حالت کي ڏسي
مان پيو آهيان منجهي
مرڪن ۽ لڙڪن جو ڇڻ ميلاپ آهي زندگي
ڪوئي کلندي تو روئي
اوچنگارون ڏيندي ڏيندي ڪوئي تو مرکي ڏئي

زندگي ٿڪن ۽ سڏڪن جو سچو مانداڻ آ
يا حقيقت جان ڪڙي
يا ڇپن وانگر مٺي
خون جي بُو آهي يا گلڙن سندي سرهاڻ آ
يا شراب آ زندگي
جنهن ۾ تلخي پي ملي تي ۽ ملي تو لطف پي

◎

# چتاءُ

اوهان جي زهر جي سقراط کي چڏيو ماري
تڏهن بہ سچ تہ اجا تائين زندگي ماڻي
اوهان جي دار و رسن تي مئو تہ هو منصور
تڏهن بہ حق تي سگهيو ڪوبہ حرف ڪين آڻي

اوهان تہ ماڪ ڏسي خوش ٿيو تہ مڪڙين ۾ ئي
اوهان جي زور ڪان آهي چڏي ڏنو مرڪڻ
مگر اوهان جي اکين جو قصور هو ان ۾
رئڻ جي وقت بہ تن جي چپن تي هو مرڪڻ

اوهان جي سچ کي ٽڪر ۾ ڪيو تہ ڇا ٿي پيو
جي رات آئي تڏهن ۾ ڪڏهن نہ اونده ٿي
انهيءَ ئي سچ جا هزارين لکين ڳهل ٽڪرا
ستارا ٿي ۽ فلڪ تي ويا ٽڙي پکڙي

هي ظلمتون ۽ هي اونداهين جا واچوڙا
سدائين ڪين ڏيئن جون دليون ڏڪائيندا
هي ذرا نور جا يعني هي چمڪندڙ تارا
ملي جي هڪ ٿيا تہ سچ کو نئون اپارئيندا

هي زرد پن ڏسي مايوس ڪين ٿيندا سين
جو ڇاڻون تا تہ اهي جلد ئي ڇڻي ويندا
رکي اميد بهارن کي پيا سڏيندا سين
جي پنهنجي لاءِ نوان گونچ گل ڪڻي ايندا

# غزل

◎

رحمتون اهڙيون گناهن کي جي شرمائي سگهن
سي ڪرم جي هر ستم جي سر کي نِوڙائي سگهن

هڪ نگاهِ لطف فرمائن جي فرمائي سگهن
جيڪي چائن تا رئاري سي تا پرچائي سگهن

جن هٿن ٽڪرايا ساغر سان ساغر عمر ڀر
ڪيئن اهي تلوار سان تلوار ٽڪرائي سگهن

جن سموري عمر چاتي آهي خاڪِ رهگذر
سي اسان کي منزلن تي ڪيئن تا پهچائي سگهن

◎

وري ڪي مردهِ دل هستيءَ جو افسانو تا دهرائن
هينئر دنيا ۾ بس عنوان ئي زيب داستان ڏسبا

◎

جا پٽر کي پاڻي نہ ڪري ان ديدهٔ تر مان ڇا حاصل
هر دل ۾ اُتاري درد نہ جو ان دردِ جگر مان ڇا حاصل

آرامِ نظر مان ڇا حاصل تسڪينِ جگر مان ڇا حاصل
هي رنگ و بو جي فريب آهي پو ذوقِ نظر مان ڇا حاصل

هڪ باھ جو سيني مان نڪرڻ مقصود جڏهن آهي همدم
پو ضبطِ فغان جي ڇا معنيٰ آهُن جي اثر مان ڇا حاصل

يا هر ڪنهن جو غم دل ۾ رک يا هر دل ۾ غم پيدا ڪر
محدود جو هڪڙي تائين رهي ان دردِ جگر مان ڇا حاصل

هي پي تہ فريب نظر جو آهن تي نہ ڪڏهن پلجي و يجان
جو تاريڪين مان پيدا ٿئي تنهن نورِ سحر مان ڇا حاصل

تنوير مان پنهنجي گيتن سان هڪ باھ لڳائڻ چاهيان ٿو
جنهن سان نہ جليو ڪو ڪاشانو تنهن برق و شرر مان ڇا حاصل

◎

⊙

کنھن جي نظر جو عشق تي احسان نہ تي وڃي
الفت جو غم حيات جو سامان نہ تي وڃي

پنھنجي ڪرم ڪي عام نہ ڪر ايترو خدا
جو تو کان بي نياز ھي انسان نہ تي وڃي

ھڪ اشڪ اک ۾ آھي جو دريا نہ تي پوي
ھڪ آھ لب تي آھي جا طوفان نہ تي وڃي

آھستي اچ نسيم جو مڪڙي نہ کلي پئي
غنچي جو خوابِ صبح پريشان نہ تي وڃي

اي دوست زندگيءَ کي نہ ايڏو قريب وڃ
ڪٿ زندگي ئي تو کان گريزان نہ تي وڃي

دل ۾ جا خواھش آھي تي پيدا ھينئر اي دوست
اڳتي ھلي سا زيست جو ارمان نہ تي وڃي

⊙

◎

اسان کي نہ چڏ تون اکين جو اجايل
جو ڪڏهين تہ هي جام تي ويندا خالي

اوهان جون اکيون جڻ جوابِ بهاران
اسان جون اکيون جڻ سوالي سوالي

نظر آهي صورت جي محتاج ڪڏهين
ڪڏهن حسن آهي نظر جو سوالي

اسان جي خوشين تي تي پاڻي ڦري ويو
ڏٺيسين ڪڏهن اک اوهان جِي جي آلي

دنيا سان ٺهي هلبو تہ پرين
هن دنيا ۾ جي رهڻو آ
پي چڙيا پيالا جي تنهنجي
نيڻن جا نشانا ياد آيا
ڏس آيون گهٽائون گهور ڪري
ڏس مينهن پيو گجگوڙ ڪري
هن وقت ۾ منهنجو چا ٿيندو
جي توکي بهانا ياد آيا
جيئن و سريل گيت ڪو چپ تي اچي
جيئن اوچتو سور جي سَٽَ ايري
ايئن تنهنجون ڪهاڻيون ياد آيون
ايئن تنهنجا فسانا ياد آيا
سالن ڪان ستل اڄ سور اٿيا
اڄ مون کي تنهنجا پور پيا
و سري ويو زمانو مون ڪان جو
مون کي کي زمانا ياد آيا
ان سانت ۾ هو سنگيت سڄڻ
ان ماٺ ۾ هو ميناچ پرين
جي روح چيا جي روح ٻڌا
مون کي سي ترانا ياد آيا
جڏهين بہ ويس مان بيوس ٿي
هن جڳ جي سورن ڪان سپرين
تون ياد آئين مون کي هر هر
۽ تنهنجا فسانا ياد آيا

◎

روشني دل جي دکن آهي لٿي او سهڻا
رات چوڏهينءَ جي سوا تنهنجي ڇني او سهڻا

چنڊ جي سونهن ڏنو ساھ انهيءَ دم سائين
تنهنجي منهن مان ٿي جڏهن باک ڦٽي او سهڻا

تنهنجي خاطر ٿي ڏنو مرڪي مون ايئن سورن ۾
خشڪ واريءَ ۾ ڪنول جڻ پيا ڦٽي او سهڻا

رات جو ڏينهن جو غم ڏينهن جو هئي رات جي تات
عمر ڪٽندي وئي مصيبت نہ ڪٽي او سهڻا

عمر ڀر پٽندي بہ اڄ ڪين لٿي هئي منهنجي
ءِ نہ مَي تنهنجي اکين مان ئي ڪٽي او سهڻا

هيءَ گهڙي آهي فقط هڪڙيءَ گهڙيءَ لءِ مهمان
جي هٿن مان وئي کسکي تہ ڇٽي او سهڻا

هن ڪي انسان ازل کان ئي لٽيندو آيو
سونهن جي کاڻ نہ ڪٽندي نہ ڪٽي او سهڻا

پاڻ کي جٽري رکڻ لاءِ وڏا خون ڪيم
مون نڙي پنهنجي اميدن جي گهٽي او سهڻا

◎

اوهان نـاهيو تـ پنهنجي دل بـهارن سان ٿاوندرايون
اسان ڏي جي اوهان ايندؤ بهارن کي نہ ڏسنداسين

اڪيلائي اڪيلا موج سان پونداسين الجهي اڄ
سهارن کي نہ ڏسنداسين ڪنارن کي نہ ڏسنداسين

اسان سونهان زماني جا اسان جو ماڳ سان مطلب
ڏکين واٽن ورن وڪڙن ۽ چارنَ کي نہ ڏسنداسين

اجهو نڪتو وهائو هاٿي ڪاري رات تي پوري
اجهو تي روشني ٿئي هاٿي تارن کي نہ ڏسنداسين

◎

ٽڙندا سين ٽاڀڙندا سين پر اڳتي هلندا هلندا سين
لهرن وانگر اٿندي ڪرندي ماڳ ڏي وڌندا هلندا سين

جيئڻ ڪرڻ جي تيرن جي وسڪاري ۾ مرڪن ٽاگل
موت جي منهن ۾ تيئن اسان پي ٽلندا ڪلندا هلندا سين

ڪڏهين ٿورو ڪڏهن گهڻو ۽ ڪڏهين ڪاسو ڪڏهن ڪٽو
نور ونڊيندي چنڊ سمان ٿي گهٽبا وڌندا هلندا سين

ڪنهن جو هانوَ چنڊن سان ٺاري ڪنهن جي دل دڙ ڪن سان ڏاري
ڪڪرن وانگر وسندي وسندي گجندا گجندا هلندا سين

پاڻ جلائي لاٽ ڏبي هن جڳ کي هڪڙي واٽ ڏبي
اوندهه کي چيريندي تارن وانگر ڪڙندا هلندا سين

ڪر موڙيندا آهن ڪانئر ڪر ڪٽندا آهن دل وارا
هلندي هلندي جي ٽڪبا سين رڙهندا هلندا سين

آزادي يا موت پنهنجي ڪان هڪڙو ماڳ اسان جو آ
جنهن ٻڌنو آواز انهي ڏي ڪلندا ڪڏندا هلندا سين

◎

⊚

هاڻي اونداهين جي حد آ ٿي وئي
رات ڪاري ڇاڻ جو ٿي دور ٿئي

روشنيءَ سان جام ڇلڪي ٿا پون
جي ستارن جو جهڪو ٿو نور ٿئي

هڪ ڏيو ٻاري و سائن ٿا پيو
ڪنهن جي اونده ڪنهن جي لئه ٿو نور ٿئي

تون ته گهرائي هئي پي ٿو وڃين
پر نه تو مون کان ڪڏهن غم دور ٿئي

دل ڀري اکڙيون ڀريون بادل ڀريا
پاڪ جو پيالو وري ڀر پور ٿئي

⊚

⊙

جيئن سدائين کان پيو ن چوليون چلن مهراڻ ۾
منهنجو من ٻي تيئن ازل کان آهي هڪ مانڌاڻ ۾

يا روئي تي ماڪ يا مرڪن پيون مکڙيون هتي
مان پيو آهيان منجهي گلزار جي مانڊاڻ ۾

هر ثواب آ بي سکون بي لذت آهي هر گناهہ
ذهن آ جذهين کان نيڪ و بد جي هن ڇڪتاڻ ۾

هي بهار آهي يا ارمانن جو آهي قتلِ عام
خون جي بو آ مليل گلڙن سنديءَ سرهاڻ ۾

جنهن ڪي پنهنجي عزم تي آهي يقين اي ساٿيو
ڪين رکي سگهندو ڀلا سو آسرو اڳواڻ ۾

ساز جي تارن سان ڪنجي تا سگهن اڄ ٻي ڪي سِرَ
سئن هڻ سُر جي رکين تو ڀروسو جي پاڻ ۾

⊙

◎

داغهاي دلِ ويران کي ڏسي رهنداسين
ٿيندي گلزار بيابان کي ڏسي رهنداسين

دوست اڄ اڄ تہ وٺون سمجهي مزاجِ عالم
يار جي زلف پريشان کي ڏسي رهنداسين

ظلم جي هٿ مان پَلَوَ پنهنجا ڇڏائي تہ وٺون
حالتِ حبيب و گريبان کي ڏسي رهنداسين

جنهن بہ نور آندو ٿئي کنهنجي گهران جي چورائي
هاڻ ان جشنِ چراغان کي ڏسي رهنداسين

شوقِ ساحل ۾ تا موجن جي حوالي ٿيون اڄ
آيو طوفان تہ طوفان کي ڏسي رهنداسين

◎

کٽي وڃون ٿا اسين غم ڀنهي جهانن جا
۽ پاڻ سان ڪٽي انقلاب ايندا سين

اگر سوال اٿيو سر ڏيڻ جو او ساٿي
تہ پل ۾ بنجي سراپا جواب ايندا سين

اوهان جون اکڙيون جي اوجاڳي کان پيون ڏرڪي
تہ بنجي رات جو هڪ هلڪو خواب ايندا سين

اسان جو قدر اوهان پاڻ ئي ڪندؤ آخر
جي آهيون ذرا تہ ٿي آفتاب ايندا سين

اسان ڇيون ٿا ڪنڊي مثل جنهن جي نظر ۾
انهيءَ جي لاءِ ڪٽي هٿ ۾ گلاب ايندا سين

ڪجھ ڏئي ويندا سين ڪجھ نہ ڪٽي ويندا سين
ٻور آهيون ڏئي ميوو ۽ ڇٽي ويندا سين

دل جي بازيءَ تان اگر دل بہ ڪٽي ويندا سين
ويندي ويندي بہ ڪوئي داءُ هٽي ويندا سين

توتان هڪ بار تہ گهوري ٿا وڃون سر ليڪن
آس ٻئي پيري مرڻ لاءِ ڪٽي ويندا سين

جي رهيو عشق سلامت تہ محابي ان جي
جي ڏڪارن ٿا انهن کي بہ وٽي ويندا سين

تنهنجي اکڙين جون هي مکڙيون بہ گلن جان کلنديون
صبح جي ويل ٿڌي هير ٻٽي ويندا سين

شل ابد تائين رهي رنگ سلامت گل جو
هير جان پاند ۾ خوشبوئي ڪٽي ويندا سين

◎

رکي تو جيڪو سڄي جڳ جو درد سيني ۾
وجود ان جو زماني تي بار ڇو نہ هجي

ٽڙي تي مکڙي تہ مرڪڻ لئہ مرڪندي رهندي
ڪٿي پو عمر سندس پل ٻہ چار ڇو نہ هجي

سموري عمر جا دک درد تو وساري ڇڏي
قرار ڇڻ گهڙين جو قرار ڇو نہ هجي

اسان کي حڪم ڏيو ان ڳالھ کي لڪائڻ جو
سڄي جهان تي جا آشڪار ڇو نہ هجي

سدائين ساڻ هجي ساھ سونهن جو جنهن سان
انهيءَ جي لاءِ هميشہ بهار ڇو نہ هجي

حيات دارو رسن ساڻ جن ڳنڍي پنهنجي
انهن جي عمر يلا پائدار ڇو نہ هجي

◎

◉

مون پنهنجي تن جون تندون ئي تاڻيون
تارون اگر تيون سازن جون سانيون

هڪڙي ئي سچ کي روشن ڪرڻ لئہ
تارن جون ڪيئي شمعون وساڻيون

چپ چاپ وئي هڪ ٻئي ڏي ڏسندي
ائين ٻي تيون تي پنهنجو رهاڻيون

اهڙيون گهڙيون هڪ ساعت نہ ترسيون
جيڪي تصور جي پر تي اڏاڻيون

نئون تيندو رهندو هي نينهن هر دم
جي ياد ايندڙيون ڳالهيون پراڻيون

تن جي تندن کي جيڪو تپائي
سو ساز آئيون سا تند تاڻيون

ڪرڻن جي تيرن جي وچ ۾ رهندي
گلڙن بهارون مرڪي تي ماڻيون

جن کي ٻڌڻ سان شرمائجي وئين
نادان هيون سي تنهنجون ڪهاڻيون

◉

◎

هڪ غم جاودان مليو مون کي
زندگي منهنجي دائمي نہ سهي

جنهن ۾ آهي سدائين عيش و طرب
منهنجي سا دوست زندگي نہ سهي

تنهنجي دنيا تہ ٿي رهي پُر نورُ
منهنجي دنيا ۾ روشني نہ سهي

اي جنون منهنجو سات ڏيندو ڪر
بعضي بعضي گهڙيءَ گهڙي نہ سهي

تنهنجي دل ۾ رهان ٿو مثلِ خلش
تنهجي مون سان دوستي نہ سهي

◎

◎

اکين ۾ هڪڙو خمار آهي نظر ۾ ڪنهن جو جمال آهي
نه مون کي دل جو خيال آهي نه دل کي منهجو خيال آهي

اسان کي ۽ خواهش مسرت اسان کي ۽ فڪر عيش و راحت
اسان جي ڇا آهي زندگي ۽ اسان جو ڪهڙو مال آهي

اهوئي گل ۽ اهائي شبنم اهو تبسم اهي ئي آنسو
اهوئي تنهنجو جواب آهي اهوئي منهنجو سوال آهي

حيات ۾ ۽ ملي ڪا راحت ۽ قيد ۾ راس اچي مسرت
اهو نظر جو فريب آهي يا ڪنهن جو حسن خيال آهي

نه پڇ اي همدم تون مون کان هي غم پسندين جو فسانو هرگز
جهان کي جنهن مان ملي ٿي راحت اهوئي منهنجو ملال آهي

بيان الفت پڌائيندي اچ ته هن کي تنوير جي خموشي
خرد کي ڪهڙي مجال آهي جنون کي ڪهڙو ڪمال آهي

◎

◎

پُر ٿي مليو هو پيالو ليڪن چپ تي آٿي ڪين سگهيا سين
هڪڙي حياتي حاصل ٿي هئي سا به ماڻي ڪين سگهيا سين

گل تہ ٽڙيا پر دل نہ ٽڙي هر طرف ڪان آيا رنج مڙي اچ
اهڙو بهار آيو هو ساڻي جنهن کي ماڻي ڪين سگهيا سين

ساز بہ هو آواز بہ هو محفل بہ هئي ۽ دل بہ هئي پر
سوچيون ٿا تنهن هوندي به چو تند کي تاڻي ڪين سگهيا سين

ٿرَ جي مارن وانگر رلندي رلندي پنهنجو روح ٿڪي پيو
هن دنيا جي وسعت ۾ ڪنهن ماڳ کي ماڻي ڪين سگهيا سين

چنڊ جو ويس مڻائي آيو هو سپرين ڪلهه رات اسان وٽ
جنهن کي جاڻي ڪين سگهيا سين جنهن کي سڃاڻي ڪين سگهيا سين

تنهنجي اکڙين جي اونهائيءَ ۾ چلڪيا ٿي چاهہ جا چشما
پريت جو مٺڙو مٺڙو پاڻي تن مان آٿي ڪين سگهيا سين

هيئڻ لهرن سان لڙندي لڙندي گذري وئي جي پنهنجي حياتي
مانجهي ڇا ٿيندو جي ڪشتي پار اماڻي ڪين سگهيا سين

مڪڙي مرڪي ماڪ رني پر ڪجهہ سوچي ۽ چپ ٿي ويا سين
راز هو اهڙو جيڪو ڄاڻڻ بعد بہ ڄاڻي ڪين سگهيا سين

◎

◎

یاد آئي ان طرح سان اسان کي خزان جي ڳالھ
و سري وئي بھار و گل و گلستان جي ڳالھ

مرڪي ڏنو تي گل تہ وري ماڪ تي رني
گلشن ۾ ڪنھن بہ ڪين تي سمجھي اسان جي ڳالھ

دنيا ۾ ۽ سڪون ملي ڪنھن غريب کي
تون يي زمين تي ٿو ڪرين آسمان جي ڳالھ

ٿيو ذڪر تنھنجي مرڪ جو ۽ گل ٽڙي پيا
اي جانِ جان ڪٿي اچي پھتي ڪٿان جي ڳالھ

جيڪو افق کان دور ۽ ھن پار ٿو وسي
تنوير ٿو ڪري انھي ئي نئين جھان جي ڳالھ

◎

جڏھن مان زندگانيءَ کان ويس تي تنگ دنيا ۾
تڏھن اي موت تنھنجي اھميت تي اعتبار آيو

◎

◎

منهنجي دل تي جلي بهارن ۾
آهيان گلشن ۾ يا شرارن ۾

بي سهاري تيس سهارن ۾
يعني لڻجي ويس بهارن ۾

شبِ فرقت جي ظلمتن کي پناهه
ملي تنهنجي سياهه وارن ۾

زندگيءَ کي ڏنم تي ناچ ڪندي
تنهنجي مبهم انهن اشارن ۾

منهنجي تقدير جو ڪري روشن
نور اهڙو ڪٿي ستارن ۾

راهبر گم ۽ منزلون ناپيد
زندگانيءَ جي رهگذارن ۾

شور هو زندگيءَ جو موجن ۾
موت جي خامشي ڪنارن ۾

سچ ٻڌائج او گل بجز تنوير
ڪنهن کي ويران ڏٺئه بهارن ۾

◎

◎

وري لبريز پئمانا تين تا
وري آباد ميخانا تين تا

ضرورت ناهي چشمِ تر جي هائي
بيان تارن کان افسانا تين تا

پراون کي اتي پنهنجو ڪجي ڪيئن
جتي پنهنجا ئي بيگانا تين تا.

جڏهن تو خونِ دل تئي تن ۾ شامل
تڏهن رنگين افسانا تين تا

ڪرن تيون بجليون جن تي فلڪ چو
اهي منهنجا ئي ڪاشانا تين تا

غزل تنوير ديواني جو ٻڌنديں
خرد وارا ٻه ديوانا تين تا.

◎

◎

دل جي خلش هڪ مبهم مبهم ٿي ويندي اڄ زيست جو حاصل
ديدهٔ پُرنم مهرِ خموشي چئي ڏيندا احوالِ مفصل

دور افق ۾ حدِ نظر وٽ ڏنڏلو ڏنڏلو ٿو ڏسجي ڪجھ
همت هار نه هاڻي ساٿي دور نه آهي پنهنجي منزل

روزِ قيامت مون کي ڏسي ۽ حيران ٿيو خود داورِ محشر
منهنجا گناه نا قابلِ بخشش منهنجي حالت رحم جي قابل

منهنجا ساٿي منهنجا همدم راهه سان منهنجو ڪهڙو تعلق
پيشِ نظر جي آهي منهنجي هڪڙو مقصد هڪڙي منزل

ساري جهان کي پنهنجو دشمن آهي بنائڻ ڏاڍو آسان
پنهنجو بنائڻ ڪنهن کي يا خود ڪنهن جو بڻجڻ آهي مشڪل

اي چاره گر هن کي ڇڏي ڏي سمجهين ڇا تنوير جو غم تون
پنهنجي پنهنجي دل آ سڀ کي پنهنجي پنهنجي سڀ کي مشڪل

◎

◉

چڏي منزلون جيڪي ڳوليندا رهبر
اهي گم سدا رهگذارن ۾ هوندا

اڃا خون آهي اسان جي رڳن ۾
اڃا ڪجھ نڙيل گل بهارن ۾ هوندا

نه هوندا ته دريا ۾ پي ڪين هوندا
جي هوندا ته طوفان ڪنارن ۾ هوندا

انهن چند غنچن جو الله وارث آهي
جي مرجھائجي ويا بهارن ۾ هوندا

گلن کي مبارڪ بهارون جو هاڻي
اسان جا نشيمن شرارن ۾ هوندا

اهو وقت پي نيٺ تنوير ايندو
جو افلاڪ پنهنجي اشارن ۾ هوندا

◉

◎

سدائين سهندا رهياسين ستمگرن جا ستم
سٺو نہ ٿيندو اوهان جو ستم اي اهل ڪرم

قريب آهي سحر دل نہ هار اي همدم
سياهہ رات جو ماتم ڪري ٿي هيءَ شبنم

اسان جي عزم جي توهين راهبر جي تلاش
۽ تيز ڪائي رسڻ منزلن تي پنهنجو ڪم

اگرچ آهي تنفس ئي زندگيءَ جو دليل
تلاش زيست ۾ آواره آهي هر هڪ دم

ٻڌون ٿا اهڙو زمانو قريب تر آهي
جو سمجهيو ويندو اسان جوئي غم جهان جو غم

گلن جي مرڪ جان تنوير مان بہ اڄ ٿو چوان
ٻڌائي ڪوئي اڇي مون ڪي ڇا هي ٿيندو غم

◎

◎

سهڻ وارا هر دم تہ چپ ڪين رهندا
ڪڏهن دل جا دريا تہ اٿلي بہ پوندا

جن آهن دکايون دلين منجهہ دونهيون
انهن جي هٿان ٻئي جهان نيٺ سڙندا

وري هي اکيون آسمان ڏانهن کڄنديون
وري مينهن وسندا وري پاند پسندا

ٿڌن جي ڇڻڻ ساڻ احساس ويندو
وري سور ملندا وري چاڪ چڪندا

اندر جي اندر ۾ ٿي رهندي سدائين
نڪو سور سلبا نڪو سور لهندا

بهارو اوهان جا ستايل اوهان ڏي
نہ ڏسندا نہ ڏسندا ڪڏهن ڪين ڏسندا

◎

◎

اچــو او ســاٿيــو نئيــن راهہ ڳــوليــون
جـــو پيـــش رهبـــران منـــزل نـــہ آهـــي

اسان جو ڪم تـہ مـوجـن سان لـڙڻ آ
اسـان جـي ذهــن ۾ ســاحــل نــہ آهــي

سڪون دل جو جتان آنـدو هيو سيـن
رهـــي بـــاقـــي اهـــا محفـــل نـــہ آهـــي

اڳـوٺـو ڪشمڪش جو لطف ڪـونهـي
اهـو طـوفـان اهـو ســاحـل نــہ آهــي

غـمِ دوران بـہ ٿـو بـي لطـف ٿـي پئـي
جي ان ۾ تنهنجـو غـم شـامـل نـہ آهـي

تمنـاءِ سڪـون ءِ زنــدگــيءَ مــان
حيــاتــي مـوج آ ســاحــل نــہ آهــي

◎

◉

آءُ ڪا پنهنجي يار او پيارا
ڪنهن کي ڪنهن جي سار او پيارا

ڇڏهي هنگاما دنيا جا
هل ته هلون هن پار او پيارا

تو جئين مون ڏي مرڪي نهاريو
توتي آيو پيار او پيارا

ڇا لئه وڇوڙي جڳ تو مون کي
ويهي ڪجهه ويچار او پيارا

مان ڪيئن تو سان نينهن نباهيان
مون تي حياتي بار او پيارا

مرڪي مرڪي چونه گذاريون
ڏينهن حياتي ڏينهن چار او پيارا

مکڙي جڏهين تو جيان مرڪيو
تي ويو ان سان پيار او پيارا

مون کي اچا ڪجهه ڪرڻو آهي
وقت جي وِڪَ بيهار او پيارا

◉

◎

آئين تي تون يا نور جي بارش هئي پرين
تاريڪين ۾ غم جي چراغان ڏنو هو مون

منهنجي دماغ ۾ اچا خوشبو وسي پئي
توڙي ڪي ڏينهن تيا جو گلستان ڏنو هو مون

منهنجي جهان ۾ هڪڙي قيامت اچي وئي
جنهن ڏينهن هاءِ توکي پريشان ڏنو هو مون

مکڙين جي مرڪ ماڪ جي روئڻ تي پس منجهي
ماتم هو ياڪ جشن بهاران ڏنو هو مون

تنهنجي نگاهه رنگ گلستان مٽي ڇڏيو
تنهنجي اکين ۾ روح بهاران ڏنو هو مون

◎

◎

تن جي لئه اڄ وبال آهي حيات
جن ڪيو موت کي به ماري مات

جيڪا وارن جي چانو ۾ گذري
حاصلِ زندگي اها هڪ رات

جن مان لالاڻ پئي ليئا پاتا
تن اکين ٿي ڏياري ۾ ڪان نجات

ڪن کي حاصل ٿي نينهن جي نعمت
۽ ملي ڪن کي سونهن جي سوغات

جيڪي سوريءَ کي سيج ٿا سمجهن
موت تن لاءِ آهي آبِ حيات

هو نئن ته ڪيئي ستارا ٿا چمڪن
هڪ وهائو ٿي آٿي ٿو پرڀات

تنهنجي موٽڻ جي مند آئي آ
ڏس اکين مان وسي پيئي برسات

هير اهڙيءَ طرح اسر جو لڳي
جڻ ڪنيا ٿي پساهه پويان رات

نينهن جي نير ۾ ٻڏي نہ وڃان
اڄ اتل ڪاڏي آ وري جذبات

هڪڙي ئي هنڌ تي سدا تنوير
قطب تاري جان رهندو عزم حيات

◎

◎

جيئڻ ٽا گھرن جيڪي ھن دور ۾ سي
وڃي نيٺ عزت جو ئي موت مرندا

اوھان جي ڪري جن ڪان دنيا رسي وئي
او سھڻا اوھان ڪان ڪڏھن ڪين رسندا

اوھان جو تہ ڪم ڏک ڏيڻ آھي سائين
نہ سوچو سھڻ وارا سھندا نہ سھندا

اوھان ٽا ڪُھو جن کي ابتيءَ چريءَ سان
اھي ڪجھ تہ لڇندا اھي ڪجھ تہ ڪڇندا

اوھان دار ٽاھي وڻو پوءِ ڏسجو
ھزارين ئي منصور پيدا ٿي پوندا

◎

◎

ملھ تنھجو مھانگو جي تو ھوت کي پرچايو
سو لڙڪ رڳو پاڻي جنھن نياپو نہ پھچايو

ڪٿي گل بہ ٽڙيا ھوندا سرھاڻ بہ ٿي ھوندي
پر تنھنجي وڇڻ ڪان پو مون وٽ نہ بھار آيو

اڄ ھوت مليو آھي سالن جون سڪون لھنديون
ھي وقت نہ پو ايندو ھن وقت کي ترسايو

بدلائي ڇڏيندي ھيءَ دنيا او پرين تو کي
جي تو ڪري ھمت ھن دنيا کي نہ بدلايو

جڻ منھنجو جھان ھڪڙيءَ سرھاڻ سان ڀرجي ويو
ڇا نينھن لڳو تو سان جڻ دورِ بھار آيو

تنھنجو تہ بھارن تي ڪو حق بہ نہ آھي جو
ڪنڊن سان ڪڏھن ڀي تو آ پاند نہ اٽڪايو

تنوير امنگن کي گيتن ۾ الاپيندي
جي ڪوئي رنو مون ڪان مون تنھن کي ٿي پرچايو

◎

◎

خاموشي جنهن جو اشارو تي ويو
آدمي اهڙو ستارو تي ويو

تيو ته مشڪل ساڻ ليڪن اوپرين
تو سوا منهنجو گذارو تي ويو

مون جيئڻ جي لئه بهانا تي گهڙيا
اوچتو تنهنجو اشارو تي ويو

ماڪ جو رئندي ۽ گل جو مرڪندي
نيٺ سيني جو گذارو تي ويو

سو تيو نزديڪ مون کي ساهه کان
دور کان جنهن جو اشارو تيو ويو

◎

◎

تون تہ ڪين آئين پنھنجي وعدي تي
آھيان حيران بھار چو نہ آيو

رات جي ھنج ۾ بہ لينڻ سان
روح کي سو قرار چو نہ آيو

مون تہ دنيا جا سک ڇڏيا تو لئہ
تو کي ليڪن قرار چو نہ آيو

مون نہ سمجھيو تہ تنھنجي مرڪڻ بعد
مون کي مکڙين تي پيار چو نہ آيو

◎

◎

پيالي مان تو پيان يا نيڻن منجهان پيان تو
يا سرڪ لئہ سڪان تو يا مرڪ لئہ مران تو

تنهنجي ستم تان صدقي تنهنجي ڪرم تان قربان
هڪڙيءَ گهڙيءَ مران تو ٻي گهڙيءَ جيان تو

ڪي ڏينهن تيا جو مون ڪي تو پيار مان سڏيو هو
پڙلاءُ تنهنجي سڏ جو اڄ تائين مان ٻڌان تو

او ساز زندگيءَ جا هڪڙو تڪل تڪل سُر
محفل اتڻ تي آهي پنهنجي هينئر ٻڌان تو

دنيا ٻڇي تي سچ ڪان ۽ ڪوڙ اچي نہ مون کي
تنوير تنهن ڪري ئي خاموش مان رهان تو

◎

◎

بادلن جان مان ڦٽڪندو ئي رهيس
تڪ ڪان ڪڏهين ٻه چور ڪين ٿيس

لڙڪ ٿي پلڪ تي ئي ٿي جهلڪيس
ڪنهن جي دل جو سرور ڪين ٿيس

ٿي سگهيس جي نہ ڪنهن جي دل جو سرور
ڪنهن جي پي دل جو سور ڪين ٿيس

جي سراپا نياز ٿي نہ سگهيس
مان سراپا غرور ڪين ٿيس

دونهين جا ٿيس دکي پورو
باهہ ظاهر ظهور ڪين ٿيس

تنهنجي دل ۾ رهيس ٿي غم جي خلش
تو ڪان ڪڏهين ٻه دور ڪين ٿيس

روشنيءَ جي تلاش ۾ ئي رهيس
ڪنهن جي اکين جو نور ڪين ٿيس

مان تہ دنيا جي لئہ هيس تنوير
هڪ جي اکين جو نور ڪين ٿيس

◎

◉

روح ريجهي ويو اتم جن سان
او خدا منهنجي گهر انهن کي آڻ

مون ئي توکي هي رنگ بخشيو آ
اڪ پڻي ڏس او گل تون مون کي سجاڻ

بس ڪچڻ کان رڳو لچڻ ئي لچڻ
مون کي يي لهر جان او ساتي چاڻ

شال هڪ پل جي لئه ليئو پائي
عمر کان منتظر مان جنهن جي ڪاڻ

بزم دنيا ۾ ڪنهن جي سڏ کان سواءِ
مان هلي آيو آهيان پنهنجو پاڻ

لڙڪ ائين چوهه مان پيا چلڪي
جڻ ته ساوڻ ۾ اٿلي پيو مهراڻ

عمر گهوريان انهن گهڙين تان مان
جن ۾ تي منهنجي تو سان روح رهاڻ

منهنجي لهرن سان لنوَ لڳل آهي
تون ئي او نا خدا ڪنارا ماڻ

گلرخن جو ٿيو ذڪر جي تنوير
ساري محفل ۾ تي وئي سرهاڻ

◉

۞

کنهن بہ نہ سمجهيو کنهن بہ نہ ڄاتو
اکين ئي اکين کي سڃاتو

ڄڻ تہ هئي ڪا پريت ازل کان
اڄ مون کنهن کي ائين سڃاتو

تو کي کهڙي ڄاڻ ڏکن جي
نينهن تو ڪنهن سان آهہ نہ لاتو

پيار جو نغمو ڦٿڪي مري ويو
تو بہ نہ ڳاتو مون بہ نہ ڳاتو

اکڙين روئي سارنگ ساريو
آهُن ساڙي ديپڪ ڳاتو

جنهن نہ لکن ۾ لوڏا ڪاڏا
تنهن بہ پنهل سان پيچ نہ پاتو

۞

پيار جو بار کيئن کٺي سگھبو
پيار جي ڳالھ ئي لڳي ٿي ڳري
ساھ ۾ ائين سمائجي وئين تون
جيئن وچي کير منجھ کنڊ ڳري
تو بنا عمر ٿي وئي پوري
تنھنجي غم کان سوا گھڙي نہ سري
تنھنجا ڳل ھي مکڻ سندا چاٺا
وقت جي گرمين ۾ ويندا ڳري
رات پيالي ۾ جنھن ٿي ناچ ڪيو
آئي اکين ۾ اڄ سا لال پري
اڄ تي نکتا شفق منجھان شعلا
صبح جي باھ ۾ ٿي رات ٻري
روز تارن تان ترڪندي ٿي رھي
ھيءَ نظر چنڊ لاءِ آھي چري
دل تي ڇانئي اماس جي اوندھ
ياد چوڏھينءَ جو چنڊ آيو وري
منھنجي دل جي زمين ڪي چيري
آئي ايري سَلي جان ياد وري
دائما پُر ھو تنھنجو جامِ جمال
دل تي سرڪي تہ مون تي سرڪيري
منھنجي لڙڪن جي اونھي پاڻيءَ ۾
تنھنجي صورت ڪنول جان آئي تري
آ تصوّر بہ جڻ تہ ٽانڊاٺو
لاٽ نڪتي ۽ باھ ڪيئن ٻري

◉

يا تہ ھڪ ٻاھ لڳائي ڇڏجي
يا تہ ھي چنگ وسائي ڇڏجي

ماڪ مان دونھون دکائي ڇڏجي
چنگ جو ويس مٽائي ڇڏجي

سمنڊ تي مينھن وسائڻ وارا
تر ۾ ڪا ٻوند وسائي ڇڏجي

جيڪو دردن ڪان ٻچي ڳولي اجھو
تنھن کي سيني ۾ سمائي ڇڏجي

سوچ مان سور پلئہ پوندا دوست
سرڪ ۾ سرت وڃائي ڇڏجي

زندگي گھارجي مرڪي مرڪي
زھر ۾ کنڊ ملائي ڇڏجي

ڪنھن اڳيان ڪنڌ جھڪڻ کان ڏجي
بهتر آ سر ئي وڍائي ڇڏجي

جيڪڏھن روح وڃي تي ماندو
گيت تنوير جو ڳائي ڇڏجي

◉

◎

هيءَ عمر سوا تنهنجي گذري تہ وچي ٿي پر
تون هيئنءَ تہ مٿي هٿي ۽ ناهين تہ ڪڙي آهي

هڪ پل جي سڪون خاطر صدين ڪان دل انسان
هر هر پيِ رني آهي پل پل پي رڙي آهي

ڪنهن وقت ۾ ان مان ئي هر دل ۾ پيتڙ پرندا
جنهن چٽنگ سان دل منهنجي سالن ڪان سڙي آهي

هر سونهن ڀري شئي ڏي چڪجي تہ وڃي ٿي پر
چڪتاڻ ۾ رهندي دل ڪنهن ڏي نہ لڙي آهي

سچ ساڻ سدا جيئندا، ڪڏهين بہ نہ سي مرندا
جن پنهنجي حياتي ئي سچ ساڻ جڙي آهي

تنوير اسان کي تو ميٺاج ملي سچ ۾
جنهن ڳالھ ۾ ڪوڙ آهي سا ڳالھ ڪڙي آهي

◎

◎

سيڪو سچ جو ساٿي آهي
ڪير آ جيڪو نہ چڙهندو ڦاهي

نئون جڳ سوئي سگهندو ٺاهي
هي جڳ جو بہ ڇڏيندو ڏاهي

ڪنهن وٽ چڻنگ تہ ڪنهن وٽ دونهين
سڀ ڪنهن دل ۾ گرمي آهي

دل ۾ تي هيءَ اڻ تڻ پيدا
ماڳ ڪان اڳتي الائي ڇاهي

جڳ سان ڇنو سين ناتو ڇا ٿيو
تو سان ڇڏبو ناتو نباهي

مارن وانگر پنهنجي نظر يي
اڄ هِت آهي سيان هُت آهي

سيڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آ
ڪير تو ڪنهن سان سور ورهائي

◎

◎

اڏيءَ تي اوهان کي پڪاري ڇڏيو سين
مري خود توهان کي جياري ڇڏيو سين

پيا سين منجهي ڪاڪ ۾ ايترو اڄ
جو مومل کي دل تان وساري ڇڏيو سين

گهڙي ڪن تڏي چانو ۾ تڪ ٻڳو سين
اُسن ۾ لُڪن کي وساري ڇڏيو سين

اسان کي ڇڏي ڏيو ته موجن سان الجهون
اوهان کي ته آئي ڪناري ڇڏيو سين

اسان جن سهاري تي گهاري حياتي
انهن ئي اميدن کي ماري ڇڏيو سين

ٻريا سين ته پل پر وسامڻ کان اڳ ۾
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين

حياتي هڪ اهڙو پيالو هئي جو
نڪو پي سگهيا سين نه هاري ڇڏيو سين

جيئن چنڊ چمڪائي ترجي ٽڙن کي
او تنوير جڳ تيئن اجاري ڇڏيو سين

◎

# ٣

# شعر

(١٩٥٩ع کان ١٩٧٠ع تائين)

ڇاپو پهريون. اپريل ۱۹۷۰ع
پبلشرس : رشيد ڀٽي، اعزازي سيڪريٽري،
سنڌو ڪتاب گهر، سکر. سنڌ.

تم تنزيل جي نائي

والٽيئر روسو کي لکيو :

"توڙي مون کي تنهنجي لکڻين سان اختلاف آهي،
پر تڏهن بہ مان توکي لکڻ جي آزادي ڏيارڻ لاءِ پنهنجي جان
جو جوکو بہ کڻندس."

◎

سچي جدت پسندي فڪر جي آزاديءَ ۾ آهي ـ نہ
ذوق جي غلاميءَ ۾
ـ ٽئگور

٢٣- رات ڪٽي او رات ڪٽي ٣٦
٢٤- سهڻا سائين تنهنجي پيار ٣٨
٢٥- جيءُ جهوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي ٤٠
٢٦- مان ڏيئو آهيان پرين تون روشني آهين اٿاهہ ٤١
٢٧- ڪي ٿي راتيون چڏيون اسان گهاري ٤٢
٢٨- سوچي سمجهي ڇاٿي واٿي بنجي ويس اڻ ڇاڻ ٤٣
٢٩- او منڙا او ماڪيءَ جهڙا ايڏو دور نہ گهار ٤٤
٣٠- چولين جو آ چوهہ ٤٧
٣١- شاعر جو ذهن ٤٩
٣٢- ڪوريئڙو ٤٩
٣٣- فڪر ٤٩
٣٤- سوڪڙي ٥٠
٣٥- ٿهڪ ٥٠
٣٦- پيلو پن ٥٠
٣٧- وري وري دل وري پئي ٥١
٣٨- اسان کي نہ ڳوليو اسان کي نہ ڳوليو ٥٢
٣٩- آءُ ڳچيءَ جا هار ٥٣
٤٠- چلڪندڙ چوليون ڏسو ٥٤
٤١- چوسي تنهنجي چپڙن مان، مون ماڪيءَ جي لار ٥٥
٤٢- اکڙيون ٻوٽيان توڙي کوليان آڏو تنهنجو منهن ٥٦
٤٣- چيٽ جو چولو آهي جنهن کي سوسيءَ جي سلوار ٥٧
٤٤- گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ ٥٨
٤٥- سونهن ڪا وٿي آهي منهنجي ساهہ ۾ سيبائجي ٥٩
٤٦- ان ريت بهارن مان گذري ويو سودائي ٦٠
٤٧- رات مان آيو سنڌءِ وارن جو واس ٦١
٤٨- ڳالهہ اوهان جي ڳجهي نہ رهندي ٦٢
٤٩- گهوريا رسڻ جا ڏينهن وي يار ٦٤
٥٠- تون آهين ڪو گيت ٦٥
٥١- مون ڏٺو - آهيان ڏيئو ٦٦
٥٢- جيسين آهيون حال حيات ٦٧
٥٣- تون ئي اڪيلو ڳاءِ چارڻ ٦٨

| | | |
|---|---|---|
| ٥٤ - | ڪاغذ جو گل ڪوڙو ڪوڙو | ٦٩ |
| ٥٥ - | منهنجو جيءُ جهروڪو آهي اُن ۾ ڏس ويهي | ٧٠ |
| ٥٦ - | ڪنهن کي ڪهڙي ڪل | ٧١ |
| ٥٧ - | هن ديس جي ڌرتي اهڙي آ | ٧٢ |
| ٥٨ - | هن اونداهيءَ رات جو سينو | ٧٤ |
| ٥٩ - | ماڻهو مون کان ڪيڏو دور | ٧٥ |
| ٦٠ - | هائو آءٌ نه ٿو چاهان | ٧٦ |
| ٦١ - | راهه نمائي ڪرڻي ٿي جي | ٧٧ |
| ٦٢ - | هتي ته سڀ ڪجهه آهي سپرين | ٧٨ |
| ٦٣ - | جيون ناهي جوا او سپرين دلڙي ناهي داءُ | ٨٠ |
| ٦٤ - | سڏڙيا سوچي سمجهي آءُ | ٨١ |
| ٦٥ - | پنڪڙين جي زبان خشڪ آهي | ٨٢ |
| ٦٦ - | جنهن جنهن ڳوڙها ڳاڙيا | ٨٣ |
| ٦٧ - | موتيءَ جو جرڪو ٻي ڳالهه | ٨٤ |
| ٦٨ - | هيءَ رات جي راڻي هوسون | ٨٥ |
| ٦٩ - | جوت جلندي رهي | ٨٧ |
| ٧٠ - | ماڻهو گلڙن کان سهڻا | ٨٩ |
| ٧١ - | پيڙي لڏندي لمندي هل | ٩٠ |
| ٧٢ - | ڪو صبح جان سهاجهو ڪو شام جان نماڻو | ٩١ |
| ٧٣ - | ڳوڙها ڪيئن نه ڳڙن | ٩٢ |
| ٧٤ - | گهڙي ئي گهٽي آ | ٩٣ |
| ٧٥ - | جنهن وٽ سور سوايا - او | ٩٤ |
| ٧٦ - | جنهن ۾ دل جو خون نه آهي سو آ ڪائو ڪچ | ٩٥ |
| ٧٧ - | ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان | ٩٦ |
| ٧٨ - | او تنوير اسان جو دم آ جڳ ۾ بهارن کان به وڌيڪ | ٩٧ |
| ٧٩ - | مون ته مشعل آهي پنهنجي هٿ ۾ ڪنئي | ٩٨ |
| ٨٠ - | پڙ ۾ آيون آهن اڄ تقديرون يي تدبيرون يي | ٩٩ |
| ٨١ - | نينهن وارن جو انهي ساڻ ڪو رستو ناهي | ١٠٠ |
| ٨٢ - | توڙي تون يي مٽي ٿيندين | ١٠١ |
| ٨٣ - | اکيون مون سڃاتيون اکيون مون سڃاتيون | ١٠٢ |
| ٨٤ - | هي زنجير ٽٽڻ ڪو مشڪل ناهي | ١٠٣ |

◎

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ
جاڻي ڏس تہ سهي اڻ جاڻ

هر ڪا دل درياهہ
تہ جنهن ۾ ڇوليون ماري پيار
هر ڪو سينو سمنڊ
تري ۾ جنهن جي ڪئي اسرار

هر ڪو من مکڻ جو چاڻو
هر چهرو آهي چانڊاڻ
هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ

ويجهو ويجهو واجهائي ڏس
ماڻهوءَ جو من چاهہ
سنگهي تہ ڏس تون خوشبو ان جي
سرهو آهہ ساهہ
گهڙيءَ جي لئہ جو گل ساماڻو
آهي امر ان جي سرهاڻ

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ

ڪنهن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي
آهي ڏٺو تو ڪون
ٻاهر جيڪو ڪارو ڪوجهو
اندر سارو سون
جو ڏک جي ڪوري ۾ ڪاٺو
سوئي ساٿ ڏٺي سرواڻ
هر ڪو ماڻهو مرتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ

پارس تي تون پهرين
پوءِ ڇهي ڏس ڪنهن جي آس
لوهه لوهه ۾ سون ٿيڻ جي
آهي ڪيڏي پياس

هر ڪو روح وتي ويڳاڻو
ڪنهن اڻ حياتي امرت ڪاڻ
هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ
ڄاڻي ڏس ته سڀ اڻ ڄاڻ

◉

⊙

منهنجي دل ٽي چوي
تنهنجي اکڙين جي روشن ڏيئن جي اڳيان
ڪنڌ پنهنجو جهڪائي مان ويهي رهان
تنهنجي ئي روشنيءَ ۾ مان توکي ڏسان
ان ڪان ٻاهر جتي جوت ڪائي پسان
منهنجي دل ٽي چوي ساوسائي ڇڏيان
جا سوا پيار جي سوز جي ٽي ٻري
منهنجي دل ٽي چوي

منهنجي دل ٽي چوي
پيار جي اڻ لکي نرم تيان مان نظر
ماڻڪين کي مان تنهنجي ڪيان پنهنجو گهر
تنهنجي اکڙين جي ڳڙ ڪين مان واجهون وجهان
تنهنجون نظرون ٽي مان پاڻ پنهنجو پسان
تنهنجي اکڙين منجهان آءُ ڪيئن تو لڳان
تنهنجي نظرن ۾ توري ڏسان پاڻ کي
منهنجي دل ٽي چوي

منهنجي دل تي چوي
اوچتو ڪوئي بي ساخته ٽهڪ ٽيان
تنهنجي چپڙن سان يڪ لخت ڇهڻي پوان
اچو رنگ تي چمڪ تي وڃ جيان
تنهنجي ڏندن مان ڪنهن وقت جرڪي اٿان
پاڻ ڳاري ٽيان هڪ مرڪ هڪ ٽهڪ مان
جيڪو توکي گهڙي پل خوشي ڏئي سگهي
منهنجي دل تي چوي

منهنجي دل تي چوي
تي پوان يڪ بہ يڪ پيار جو ڪوئي پور
ڪوئي اونهو ۽ هلڪو ۽ مٺڙو سرور
تنهنجي سيني ۾ خود کي سمائي ڇڏيان
مون کي ڳولين تڏهن پي نہ توکان ليان
اهڙو اڻ ڇاتو جذبو ڪيان پاڻ کي
منهنجي دل تي چوي

◎

وارو ٽي وڃون ويريءَ جي وجود تي
ايا ٽي ترار جيئن جي او دوست ڪڇون
لانڍين جون لڇون لٽجي سگهجن ڪين ڪي

◎

رڃهندو رهندو روح ۾ سڙندو رهندو ساھ
ٻڌندو رهندس او وطن جيسين تنهنجي آھ
منهنجو هڏ ۾ ماھ ٽيندو تنهنجي ملڪ نيٺ

◎

راتِ مون کي خواب ۾ هو شوءَ ڏنو هڪڙو پيام
سنڌ وارن کي ڏجان منهنجا ڳڻي سو سو سلام

سنڌ منڙي جنهن جي خاطر ساهه مون ڪوڙو ڪيو
تنهنجو اڄ ڪوئي نه اوهي ۽ نه واهي آ رهيو

پنهنجي جنري سنڌ کي محفوظ ڏارين کان رکيم
انت ۾ پنهنجي خياتي سنڌ تان صدقي ڪيم

هت جوانن جي اکين آڏو وطن نيلام ٿيو
ڪنڌ هڪڙو يي نه ڪپيو ۽ نه ڪنهن جو رت وهيو

نوجوانن کي وڃي شاعر اهو پيغام ڏي
ڪين پيارو ڪن وطن کان ڪڏهين پنهنجي ساهه کي

⊙

مھڻو ناھي مرڻ اڄ مون لئہ جيئڻ آھي ويڻ
ماڻھوءَ جو ملھ ڪين سڃاڻن تا ماڻھوءَ جا نيڻ

اڪڙيون ڪولي ڪولي ڳوليو سڀ وٽ آھي سچ
ماڻھو ماڻھو ماڻڪ آھي ڪوئي ناھي ڪچ

جيءُ جڏو آ عزم وڏو آ ڏسجان تون ڪنھن ريت
تارن وانگر جرڪي جرڪي جاڳي پوندا گيت

منڙا ماڻھو اوري آ، ۽ وھ جو پيالو پيءُ
سچ جو ناڻو وٺين تو، تون ٻي امرانھي جان ٿيءُ

جيئڻ وارا مري نہ سگھندا لک ھلايو زور
موت گھڻو ئي پاڻ ملھايو ھاٿي ٻيا ڪي طور

ڳالھ چوين تو جيڪا ساتون سوچي سمجھي چئُو
آءُ ڏيئو آھيان، ڏيئي ڪي اوندھ جو چايوُ

طوفانن جي سينن تي ٿي رھي سندم جا ڪوڙ
مان ٻيڙي آھيان ۽ مون ڪي لھرن جي ڇا لوڙ

داٿي پاٿي سان ڪيئن گھنبو آزاديءَ جو ساءُ
ڪڏھن پکي جو ٿيو بہ آھي پڃري سان پرچاءُ؟

مڙندا ڪين مصيبت ۾ ھو ڪيئن مڃيندا آڻ
لڳ لڳ جن جو لوھ تہ جن جو سينو آ سنداڻ

سچ سوريءَ کي سونھن ڏئي تو، سوري سچ جو زيب
ھر ڪو عيسيٰ ڪٺي ڪلھن تي پنھنجو پاڻ صليب

⊙

◎

جهيڙو جهيڙو جهانجهه وڃاءِ
درد ٿئي ٿو هيڻو ٽيڻو
دردن جي دل کي نه دکاءِ
جهيڙو جهيڙو جهانجهه وڃاءِ

هيڻو هيڻو آهي هاڻءُ
ڪنهن نه وهيڻو پيار وهيڻو
ڳهي پيو ڪن ڳالهين لاءِ
جهيڙو جهيڙو جهانجهه وڃاءِ

جهوري جهوري جيءُ نه وڃ
آهي منهنجو من ماٺيڻو
سور ستل هوريان جاڳاءِ
جهيڙو جهيڙو جهانجهه وڃاءِ

ڏيري ڏيري ڍوليا آءُ
پوي نه چرڪي غم لاڪيڻو
سور ستل هوريان جاڳاءِ
جهيڙو جهيڙو جهانجهه وڃاءِ

◎

◎

ڪن ماڻهن جو ڳالهائڻ ٻڌي هوندو آ سانت سمان
ڳالهائڻ تہ بہ دل تي ڪوئي ليڪو پائي ڪين سگهن
جڻ ٻاڙي پاڻيءَ پيتي ڪان پوءِ بہ پياسو رهجي من
هو ڪو لفظ ڦڪو جڻ ڪاغذ جو گل ۽ بي جان
ڪن ماڻهن جو ڳالهائڻ ٻڌي هوندو آ سانت سمان

ڪن ماڻهن جي سانت ستارن وانگر هوندي آهي
ٻهڪي ٻهڪي چمڪي چپ چپ ۾ ڳالهائڻ
سانت سانت ۾ ٻانت ٻانت جا سوين سنيها آڻن
اهڙن ماڻهن ڏي ڏسندي ئي دل خوش ٿيندي آهي
ڪن ماڻهن جي سانت ستارن وانگر هوندي آهي

ڪن ماڻهن جي سوچ پراڻي ٻڙ جان هوندي آهي
سختيءَ سان ڏرتيءَ ۾ پيهن جنهن جون پاڙون ڪي ئي
جڳ جڳن جا بيٺو هوندو آهي اهو اتي ئي
جن جي ڇانو رڳو هڪڙيءَ ئي جاءِ تي ٿيندي آهي
ڪن ماڻهن جي سوچ پراڻي ٻڙ جان هوندي آهي

ڪن ماڻهن جي سوچ ايئن جڻ ڪا ساوڻ جي ڪڪري
جتي وڃي ٿي ڪٿي گهمي جا پاڻ سان ٿڌڙي ڇانو
جهنگ جهر جهاڳيِ بن بن ٻنڪي ٿاري هر ڪو هانو
سڪ سرهائي سدا ورهائي ٻنڪي نگري نگري
ڪن ماڻهن جي سوچ ايئن جڻ ڪا ساوڻ جي ڪڪري

◎

◎

وقت جي بيڪران بحر ۾ هي اکيون
سِپ جيان پُٽر پڻي منتظر ٿي رهيون

نيٺ تن تنهنجي جلوي جو موتي جهڻيو
آئين اکين ۾ تون ملهه انهن جو ٿيو
پنهنجي اکين ۾ توکي سمائي ڇڏيم
تنهنجي هستيءَ ۾ خود کي وڃائي ڇڏيم
ٻن ڏيئن جون ٻه لاٽون ملي هڪ ٿيون
ٻه هستيون ٿيون گم ٻه هستيون مليون

تنهنجي دردن ۾ ڏک پنهنجا وسري وڃن
تنهنجا سڀ سور محسوس مون کي ٿين
توکي جي او پرين واءُ ڪو سو لڳي
روح منهنجو انهي لهس ۾ لهسجي
توکي الڪو ٿئي ساهُ منهنجو سڪي
توکي جي دپ ٿئي هانءُ منهنجو ڏڪي
توکي ڳوڙها اچن آءُ روئي پوان
تون جي سڏڪا ڀرين، اوچنگارو ن ڏيان

تـو ن جـي جـاڳـيـن پـريـن آءُ بــي خـو اب تيـا ن
تــو ن پـريـشـا ن تـيــن مــا ن چـريــو تــي پـو ا ن
درد تنهنجـــو هجــــي دل ۾ منهنجـــي رهـــي
تــو کــي کـنــڊو لڳــي جــيءَ منهنجــي چيــي
تنهنجـو احـسـاس محـسـوس مـو ن کـي ٿـئـي
منهنجـي بـسـتـيءَ ۾ تــي تنهنجـي هـسـتـي رهـي

تو ن جي مر کين ٿئي محسوس مو ن کي خو شي
تــو ن کـلـيـن ٽـهـڪ ڏٿـي منهنجـي ٿـي زنـدگـي
تــو ن چـمـــن ۾ هـجـيــن جــذبــا منهنجــا اتــن
تـــو ن گـلـــن ڏي ڏسـيـــن نيـڻ منهنجــا نــرن
تو ن لـڏيـن پينگـهـ مـن منهنجـو جـهـو مـي اتـي
تـــو ن نچيـــن بـــود ۾ روح منهنجــو اچـــي
جــي تـــڏي هيــر تنهنجــي ڳـلـــن کـــي چهـــي
منهنجـــي مـــن ۾ مئـــي کتکتـــائـــي ٿـئـــي
تنهنجـو احـسـاس محـسـوس مـو ن کـي ٿـئـي
منهنجـي بـسـتـيءَ ۾ تــي تنهنجـي هـسـتـي رهـي

◉

نا سي اکڙين وارا ماڻهو جاڙين ڀرون وارا ماڻهو
منهنجي حياتي منهنجو جياپو منهنجي خوشي توپارا ماڻهو

هيءَ حياتي ڪيئن گذري ها جيئڻ ڏاڍو مشڪل ٿئي ها
جي نہ ملن ها هن دنيا ۾ تو پارا ڪي پيارا ماڻهو

ماڻهو ماڻهن جهڙا پر ڪي ڪنهن لئہ ڪهڙا ڪنهن لئہ ڪهڙا
مکڙين جهڙا ماڪيءَ جهڙا سڀ ڪي پنهنجا پيارا ماڻهو

تنهنجي ٽهڪن جي ٽڙندڙ گلڙن جا هار ڳچيءَ پائيندا
جي دنيا کان هارائي ايندا تو وٽ دکيارا ماڻهو

◎

کنھن پرھ اسان کي پاليو ھئو ھن رات اسان کي روليو آ
تہ بہ اونداھين جي قيدن ۾ در آزاديءَ جو کوليو آ

کنھن جيءُ جھنجھوڙي جاڳايو جو روح بہ پاسو اٿلايو
کنھن سيرانديءَ کان آھي سڏيو کنھن پيارمان ٻھڪيو ھوليو آ

جو لال وڃائي ويٺس مان سو ڪيئن لڀي سو ڪيئن لڀي
مون راتيون رت جي ڳوڙھن ۾ روئي تنھن کي ٻي ڳوليو آ

ڏس واريءَ تي تي باک ڦٽي ڏس اوير کي تي لاڪ لڳي
ڏس مارڳ تي تي ماڪ وسي ھي صبح تہ تو مون ڳوليو آ

اڄ ھيٺا پاڻ وھيٺا تي ھن ڪاروڻيار کان اکرن تا
ھن وقت ڇتين ڇولين وانگر پئي جن جو من ڇاڇوليو آ

◎

تو جيان ٿيو بي نشان ۽ تو جيان بي نام ٿيو
ٿيو جو گم تنهنجي خيالن ۾ ، خيال خام ٿيو

ڏينهن کي کهڙي خبر ڪيڏو ڏکيو گهاريو تي ڪنهن
رات کي کهڙو پتو ڪيئن ڪوئي بي آرام ٿيو

هر پکيءَ کي پنهنجي پنهنجي ريت پنهنجي نيت آ
تنهنجي لئه جو آهي داڻو منهنجي لئه سو دام ٿيو

جي اکيون ٻوٽيو ته اوندهه ۽ جي کوليو روشني
هر ڪنهين جو پنهنجي ظرف آهر ئي صبح و شام ٿيو

جيڪي قاتل هئا انهن تي حرف ٻي نه آيو مگر
دار تي جنهن سر ڏنو سو مورد الزام ٿيو

ذهن جي اڀ تي تنهنجي ياد اڀري ۽ لٿي
دور تي توکان ائين ئي منهنجو صبح و شام ٿيو

◉

پنهنجي خون جو هرهڪ قطرو جاودان ٿيندو
هي نہ رائگان ٿيو آ ۽ نہ رائگان ٿيندو

دشمنن جي پاڙي مان رهزنن جي بستيءَ مان
دوست تنهنجي در جو دڳ ٿو وچي ڪٿان ٿيندو

مهربان تہ سڀ آهيو همزبان بہ ٿيو هاڻي
دوستيءَ جو حق يارو ائين ادا ڪٿان ٿيندو

سڀ ئي راهبر آهيون گڏجي قافلو ڪاهيون
شان مان منزل جو پنهنجي ئي هٿان ٿيندو

اڄ اڏيءَ تي اڏجن ٿيون زندگيون نيون يارو
ڪنڌ جو جهڪيو هت سو اوچو فخر سان ٿيندو

ڪاتڪن جي حلقي ۾ معجزو جيئڻ پنهنجو
هر گهڙيءَ مڪا ميلو آهي موت سان ٿيندو

◉

◉

آهي انهيءَ ۾ مان جي سنڌ تان سر فدا ڪريان
ان ڪان مٿي جي مرتبو مون کي ڪپي تہ ڇا ڪريان

منصور ۽ بلال سي هڪڙي فساني جون ڪڙيون
ڪهڙي ڪريان مان ابتدا ۽ ڪهڙي انتها ڪريان

تون تو پڇين تہ ڇا جو غم مون کي رهي ٿو دم بہ دم
آ ءُ تہ جڳ جي درد سان توکي مان آشنا ڪريان

هرڪائي اک پنل پنل هرڪائي دل ڊنل ڊنل
ڏونڪو هٽي مان پير تي پٽ ۾ بيهي صدا ڪريان

دوستو سر اڏيءَ رکي مرڪي مرڻ جي ريت جي
پل پيو ڪري ڪو انتها مان ٿي تو ابتدا ڪريان

◉

◎

مان رولاڪ رلي ۽ ٿڪي ٽڪجي ٿڪجي تشنه ڪام
ڳولڻ آيو آهيان تنهنجي پهلوءَ ۾ آرام

ڏجندي ڏڄندي لڪندي ڇپندي ڇپ تي آندم جام
من ۾ اڻ ٿڻ چپ تي پڻ پڻ ورتم تنهنجو نام

منهنجي ساز ۾ سوز هيو پر سر هئا اڪيلا هاءِ
ڳائڻ مهنل رهي ٿي دل ۾ آتر ويلا هاءِ

ڳاتم گيت سريلا پر هئو منهنجو من بي چئن
جڻ ڪنهن سواليءَ خالي درجي آڏو هنئين ٿي سئن

منهنجا گيت اڪيلي اڇي ڪبوتر جيان اداس
پيار پريا سهٽا ۽ سباجها هئا تڏهين به نراس

چپ تي مرڪ هئي پر من ۾ هردم هئو مانڏاڻ
منهنجا گيت سريلا ٻول مٺا پر ڪنهن جي ڪاڻ

تون منهنجي آڏو آئين ۽ مون ڪي ٿيو گمان
منهنجي گيتن هستي ورتي جڻ ٿي پيا انسان

◎

# سونهن سهاري

جيئڻ ڏاڍو اوکو آهي ڏينهن ڏکيا ۽ راتيون روڳي
تنهنجو نانءُ وٺي ٿا گهاريون من اٿين مرڪي هيءَ دل موڳي

هڪڙي ڍڪ پاڻيءَ جي خاطر رڻ جا رولا سر تي ڪنياسين
امرت جي هڪ بوند جي سڌ ۾ وهه جا ڪٽي پيالا پيتاسين

سونهن سهاري ڪرب ڀريٺي هن جڳ ڪي ڪي ٿي گيت ڏناسين
پيار سهاريءَ نفرت لائق جڳ سان ناتا ڪين جڃناسين

منهن موڙي سڀ ناتا ٽوڙي وياسين پئي جيئڻ موت جي ڏيري
سونهن ڪيو سڏ پيار پڪاريو موٽي آياسين منهن ڦيري

كنهن بہ نہ ورنايو آ تن كي كوبہ نہ ورنائيندو تڏهن ٻي
مورك مور اڪيلي رڻ ۾ دانهن ڪرڻ ڪان ڪين رهن ٿا

داٿي پاڻيءَ جي ڏوڪي ۾ هڪ ٻيرو جي ڄار ۾ ڦاٿا
اهي پکيڙا عمر سموري چوڳي کي چڪندي بہ نهن ٿا

هي دستور هليو آيو آ هي دستور هليو ٿي ايندو
ماکيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو وهہ جا پيالا پيئندا رهن ٿا

سور اٿي محسوس ٿئي ٿو ڪنڌو جنهن ٻي جاءِ لڳي ٿو
كنهن جادڪ کوهيو ڇاڇاٿي ،سيٺي سمجهن جيڪي سهن ٿا

گل باندي ٿي سگهندا پر سرهاڻ تہ سرڪي نڪري ويندي
روح سدا آزاد رهن ٿا ڪوٽ ۾ قيدي ڪين رهن ٿا

◎

◎

تنهنجي محفل ۾ اچڻ ٿو چاهيان
تنهجو ديدار ڪرڻ ٿو چاهيان

تو سان مان عشق جو اظهار ڪري
تنهنجي حيراني ڏسڻ ٿو چاهيان

پاند خالي ڪري آيس ان لئه
تو ڪان ڪجهه آءُ گهرڻ ٿو چاهيان

مون کي ڏيو باهه ته مان پاڻ جلان
ڏيئو آهيان مان ٻرڻ ٿو چاهيان

ڪو پٿاري نه پٿاري دامن
مان ته لڙڪ آهيان ڪِرڻ ٿو چاهيان

◎

◎

آءُ ته ڪلندي ملندي گهاريون گهڙيون چار هليا ويندا سين
ورهه ورهائڻ آيا آهيون ونڊي پيار هليا ويندا سين

اڻ ڇاتي ڪنهن پار جا ڪنهن اڻ ڇاتي پار هليا ويندا سين
جي نه وڃڻ چاهيندا سين ته به منهنجا يار هليا ويندا سين

تون ٻنر هندين مان ٻنر هندس سونهن ته رهندي پيار ته رهندو
تون مان هن سنسار جي سير ۾ ترندا تار هليا ويندا سين

◎

جي حاصل ٿئي اهڙي حياتي ڪوئي ڪيئن گذاري سائين
تنهنجي سونهن سهاري سائين پنهنجي پيار سهاري سائين

منڙي مرڪ ملائي پيالي ۾ ڪو ڏئي ته اهو پي وڃبو
پوءِ ڪو زهر ڀري ڏئي ان ۾ يا ڪو امرت پياري سائين

خود نه رهيا سين پر هن جڳ کي ڪو ميٺاڄ ته ڏيئي وياسين
مصريءَ وانگر تنهنجي پيار ۾ پاڻ ڇڏيو سين ڳاري سائين

گيت اسان جا بعد اسان جي ڀي پيا جهونگاريندا ماڻهو
تات اوهان جيءَ ۾ ئي وڃون ٿا پنهنجي تند تنواري سائين.

هيڏي ساري عمر ڪٽي سين اونداهين سان جنگيون جوٽي
هڪڙي رات ته ڪجهه به نه آهي هيءَ به ڇڏبي گهاري سائين

او تنوير اسان جي دل ڀي جي ڪنهن وقت رٺي تي چوندي
مرڪي مرڪي پنهنجي دل جي ڳالهه کي ڇڏبو ٽاري سائين

◉

تون ۽ مان ٻئي هڪ آهيون جيتوڻيڪ آهيون ڌار
هڪڙو ٽڙ آ پيار ته آهيون ٻئي انهي جا ڏار

منهنجي چاهه ۾ منهنجي دل ۾ هر دم تنهنجو چارو
جڻ مسجد جي ڪنڊ ۾ ويڙهيو پيو آهي سيپارو

سادا، سهڻا، مٺڙا، آءُ چپن سان توکي لايان
آءُ ته سمجهي بيت ڀٽائيءَ جو مان توکي ڳايان

تون منهنجي آڏو آئين ۽ مون کي ٿيو گمان
منهنجي گيتن هستي ورتي جڻ ٿي پيا انسان

اوهان بہ پارس ناهيو سپرين اسان بہ پارس ناهيون
پيار ڇهي ويو اسان ٻنهي کي سونا ٿي پيا آهيون

چنڊ گھٽو ئي سھڻو پر ڪيئن پھچي پرين سان
جنھن ۾ چانڊوڪيءَ سان گڏ آ منٺي منٺي سرھاڻ

در در روح رليو ھو منھنجو بن بن ڀٽڪيو ڏيان
تنھنجي منٽڙي مرڪ ملي ڄڻ گوتم پاتو گيان

تنھنجي اڇن اجرن ۽ سھڻن ڏندن جي تہ قطار
ڄڻ رابيل جي مکڙين جو فطرت پويو آ ھار

جيئن چتائي ڏسان پرينءَ کي وڻي تيئن سو وڌ
جيئن جيئن اکين آڏو تيئن تيئن وڌي ڏسڻ جي سڌ

ڪوڙيءَ ول جان وڌي سدائين پرين اسان جو پيار
جيئن پراڻو ٿئي ، صندل جان تيئن ڏئي ھڳار

◎

آءُ اسان وٽ ويھ
الا او ويھ
گھڙي پل منھنجا سائين

نينھن نباھيون ڪيئن نباھيون
ھيءَ حياتي توري ڀانيون
سوين جنم گڏ گھاريون پو ڀي
پيار جو ناھي ڇيھ
الا او ويھ
گھڙي پل منھنجا سائين

تون پرڏيھي مان پرڏيھي
جتي جتي تو ءِ مون ويھي
ڪيون رھاڻيون پيار ڪھاڻيون
اھو اسان جو ڏيھ
الا او ويھ
گھڙي پل منھنجا سائين

تو ڏي منھنجو تن تو تانگھي
آءُ سمورو جڳ اورانگھي
سيڪي و ساري پيار سھاري
منھنجي پڪي ۾ پيھ
الا او ويھ
گھڙي پل منھنجا سائين

◎

۵

رات ڪٽي او رات ڪٽي
ٻــڪ ڦٽي او ٻــاڪ ڦٽي
چمڪيو آهي وهائو تارو
جاڳو يارو جاڳو يارو
منهنجا يارو جاڳو

پوڙ جهڙي ۽ اونده واري
پنهنجي پوتي ڪاري ڪاري
رات ڪٽي وٺي ويڙهي سيڙهي
ڪرڻ جو وٺي چار پڪيڙي
ويو سو وقت نياڳو
منهنجا يارو جاڳو
آيو نور تہ ويو انڌارو
چمڪيو آهي وهائو تارو
جاڳو يارو جاڳو يارو

هلڪيءَ هلڪيءَ اونداهيءَ ۾
پوئينءَ پوئينءَ راتاهيءَ ۾
ماڪ ڦڙا چٽنگن جان چمڪن
مڪڙين جا تا مڪڙا ٻهڪن
آيو صبح سياڳو
منهنجا يارو جاڳو
جاڳيو آهي عالم سارو
چمڪيو آهي وهائو تارو
جاڳو يارو جاڳو يارو

هو ڏس اوير ڪان سج ايريو
نور نئون آ نسريو نسريو
ڪرڻا لڏندا لمندا آيا
گم ٿي ويا آهن سڀ سايا
سيني جو آ مقصد ساڃهو
منهنجا يارو جاڳو
هو آ ماڳ ته هي آ چارو
چمڪيو آهي وهائو تارو
جاڳو يارو جاڳو يارو

اونداهين سان جنگيون جوٽي
راتاهين جون پاڙون ڪوٽي
ڏينهن ڏسڻ جي آس ۾ رهندي
ماڪ پسڻ جي پياس ۾ رهندي
مون ته ڪيو او جاڳو
منهنجا يارو جاڳو
اڇو اوهان ڪي ڏيان سهارو
چمڪيو آهي وهائو تارو
جاڳو يارو جاڳو يارو

ننڊ ڇڻي او ننڊ ڇڻي
رات ڪٽي او رات ڪٽي
باک ڦٽي او باک ڦٽي

◎

◎

سهڻا سائين تنهنجي پيار
جيءَ ۾ جوت جلائي آهي
جيءَ ۾ جوت جلائي آهي
تن ۾ تات لڳائي آهي

اڀ تي جيئن جيئن بادل ڇايا
گل تي جيئن جيئن پوپٽ آيا
منهنجا مٺڙا تنهنجي سار
ايئن ايئن دل ۾ آئي آهي
ايئن ايئن دل ۾ آئي آهي
تن ۾ تات لڳائي آهي

پيار جي لهر چڙهي جو آئي
مند نہ ڄاڻي موسم ڪائي
ساوڻ سياري تارؤن تار
اتلڻ لئہ چڻ آئي آهي
اتلڻ لئہ چڻ آئي آهي
تن ۾ تات لڳائي آهي

پيار بـ چنـدن وانگـر ڇـاڻـو
تيڻ سرهو ٿئي جيڻ پراڻو
منهنجي مـن ۾ تنهنجـي تـار
هـڪ سـرهـاڻ سـمـائـي آهـي
هـڪ سـرهـاڻ سـمـائـي آهـي
تـن ۾ تـات لڳـائـي آهـي

پيار سان پنهنجو پاڻ سلهاڙي
انـدلـٺ وارو ونـگ لتـاڙي
سهڻا هـل تـه هلئون هـن پار
هـت هرڪو هـرجائي آهـي
هـت هرڪو هـرجائي آهـي
تـن ۾ تـات لڳـائـي آهـي

سـهـڻـا سـائـيـن تـنـهـنـجـي پـيـار
جـيءَ ۾ جـوت جـلائـي آهـي

◎

◎

جيءُ جهوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي
چنگ چوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي

ڳالھ دل ۾ رکيم تہ ڪجھ بہ نہ ٿيو
توسان اوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي

تو ن پري ٿئين تہ ٿيو جيئڻ مشڪل
آءُ اوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي

سر گھريم ٿي تہ چنگ ويو ڪسجي
سر کي گھوري ڏسان تہ چا ٿو ٿئي

◎

◎

مان ڏيئو آهيان پرين تون روشني آهين اتاهه
پاڻ ۾ توکي سمائڻ جون سڌون مان ڪيئن ڪريان

تو ۾ مدغم ٿي وڃڻ جي آس منهنجي دل ۾ آهه
ڏينم موڪل تنهنجي گهرائين ۾ مان گم ٿي وڃان
تون ته اڳ ۾ ئي امر آهين نه آهي تنهنجو ٿاهه
پاڻ کي تو ۾ سمائي مان به اڻ مٽ ٿي وڃان
مان ڏيئو آهيان پرين تون روشني آهين اتاهه

◎

◎

کي ٿي راتيون چنڊيون اسان گهاري
چمڪندي چمڪندي ستارن جان

ساري دنيا ڏٺو تي ۽ تون مان
چپ هئاسين حسين نظارن جان

اڄ ته مڪڙين جان مرڪندي گهاريون
آءُ ته گذري وڃون بهارن جان

ساهه کي ساهه تو سڏي سائين
آءُ ته پٽڪي پئون شرارن جان

◎

◎

سوچي سمجهي ڄاڻي واڻي ٻنجي ويس اڻ ڄاڻ
پاڇولن سان پيار ڪيو مون ماڻ پاڇولو پاڻ

تو ۽ تنهنجي دنيا مون سان ڏاڍا ويل وهايا
موٽ ۾ ڏس مون تنهنجي جڳ ڪي مٺڙا گيت ٻڌايا

خالق تي روئڻ آيو ۽ خلقت تي ڪل آئي
ٻنهي وڏا وس ڪيا تڏهن ٻي ڪنهن سان ڪنهن نه نڀائي

ٽڙي پيا ٽانڊا گلڙن جان مڙي ويا سڀ مڄ
چٽنگون مڪڙين وانگر مهڪيون ساڻ هيو سين سڄ

مان شاعر آهيان مون وٽ آ هر ماڻهوءَ جو مان
منهنجو مان مگر ڄاڻن ٿا ڪي ٿورا انسان

◎

◎

او مٽـــڙا او مـــاڪـــيءَ جهـــڙا ايـــڏو دور نــــ گهـــار
آءُ گهـڙي تنـويـر جـي ٻـر ۾ ڪـر ڪـي ڳـالهيـون چار

هـائـو سـائيـن مـون ڪـي سـورن ڏادو ستـايـو آهـي
تن سان پيو مان منهن ڏيندس هيءَ ڳالھ تہ ڪائي ناهي

مـون تـي جيڪـي سـور سٽيـا پيـا آهـن لاهـي ايـنـدس
پنهنجي منهـن تـان دردن جـا سـڀ پيـرا ڌاهـي ايـنـدس

تو کي ٻڌائي پنهنجي دک جون ڳالهيون ڪيئن رنجايان
تنهنجي ڪنٽريءَ ڪچڙيءَ ڪومل دل کي ڇو ڪومايان

ڪنـڌ اڪيـلي تـاڙينـدس ۽ پـو ڳـوڙهـا ڳـاڙينـدس
پنهنجي ڏک تنهنجي سـک ۾ فـرق اچـڻ بـہ نـہ ڏينـدس

پنهنجي دردن جون ڳالهيون تو سان نہ ڪڏهن ڇيڙيندس
تنهنجي مٽڙي پياري منهن تي گهنج پوڻ بہ نہ ڏيندس

تون ڀرپور خوشيءَ ۾ منهنجي ٻانهن سهاري وهندين
توکي پنهنجا ڏک هوندا تون سي ٻ وساري وهندين

توکي مرڪائڻ خاطر مان ڪي ئي سانگ رچايان
تنهنجي منهن تي مرڪ ڏسي هيءَ دنيا سرهي ڀانيان

ڪل جون ڳالهيون ٿڪن ۾ ئي ٽلندي ٽلندي هلنديون
من جون مڪڙيون ڪرموڙينديون ٽڙنديون ڪڙنديون ڪلنديون

هلڪين ڳالهين ساڻ دلين جا بار جهڪا ٿي پوندا
تنهنجي چپن سان لڳندي لڳندي لفظ مٺا ٿي پوندا

تنهنجي ڳلن تان گسندي گسندي هير ٻ سرهي ٿيندي
اوريان پرتان ۽ چوڌاري هڪ هٻڪار ٻ ايندي

تنهنجون ناسي اکڙيون جڻ ت نشو اوتينديون
تو ڏي ڏسندي منهنجون اکڙيون ڀرڪي وينديون

تون ۾ مان هڪ ٻئي جا ڇا هن جڳ جا درد و ساري
ڳالهين ئي ڳالهين ۾ گم ٿي ويندا سين هڪواري

دير ڪان تنهنجي لاءِ مان ويٺو آهيان آس لڳايون
ڪالهه ڪيون ڳالهيون اڄ تائين روح ۾ ڪن ڪتڪايون

ڪالهه جتي تون ويٺو هئين پر منهنجي ۾ او سائين
چندن جهڙي خوشبو تنهنجي آهي اتي اڄ تائين

وقت وڃي ٿو ٽرندو سهڻا تون ٿو دير لڳائين
دير نہ ڪر او منهنجا سائين دير نہ ڪر او سائين

او مِٺڙا او ماڪيءَ جهڙا ايڏو دور نہ گهار
آءُ گهڙي تنوير جي پر ۾ ڪر ڪي ڳالهيون چار

◎

◉

چولين جو آ ڇوھ
من ۾
چولين جو آ ڇوھ
لھرون لوڏن ٻيڙيءَ کي پر منھنجي دل کي ڪوٻـنـ لوڏي
منھنجي آڏو ڪئي ڪنارا منھنجي تانگھ سدائين توڏي
پھنجو پار پرائو ٻانيان
تنھنجي پار اچڻ تي چاھيان
توکي پھچڻ ڪان پھرين جي ٻڏان نہ ڏج ڪو ڏوھ
من ۾
چولين جو آ ڇوھ

منھنجو سڀڪجھ تنھنجو آھي منھنجو جيءُ ۽ جند ۽ جان
منھنجو جيون منھنجي ٻيڙي منھنجي ھٿ ۾ ناھ سڪان
جيئن تون چاھين ورائين مون کي
جنھن پاسي ٻـ ھلائين مون کي
پنھنجو پاڻ وڃائي ورتم پرين تنھنجو پاٻوھ
من ۾
چولين جو آ ڇوھ

جيئن ساوڻ ۾ هي مهراڻ تئي پاڻيءَ سان ٽمٽار
منهنجو من تئين ٻارهو ئي آ تنهنجي پريت سان تار
وير گذرندي اٿلي پوندو
توکي مون کي ٻوڙي وجهندو
ڇولين وانگر ڇلڪي منهنجي من جو موهه
من ۾
ڇولين جو آ ڇوهه

لهرن جي پينگهي ۾ جيئن جيئن پنهنجي ٻيڙي لڏندي لمندي
پيار هندوري ۾ تيئن دلڙي آنند جا کي جهولا جهليندي
ڇوليون ڇلڪي ڇنڊا هڻنديون
سنهڙيون ٻوندون دل کي وڻنديون
مرڪي مرڪي ڪر موڙيندو ڪکرن وانگر موهه
من ۾
ڇولين جو آ ڇوهه

◎

◎

## شاعر جو ذهن

ذهن منهنجو آهي چشم ڪائنات
جنهن مان منهنجا شعر ڳوڙهن جي مثال
تا رهن ڳڙندا مسلسل ڏينهن رات

## ڪوريئڙو

ماڻهو ڪوريئڙي مثال آهي
پاڻ مان فڪر جا ڪڍي ٿو ڄار
جنهن ۾ ٿو پنهنجو پاڻ ڦاسائي

## فڪر

فڪر ويهينءَ صديءَ جو ويچارو
جڻ خلائن مان پنهنجي مَحور تان
پيو ٽڙي آهي ڪوئي سيّارو

## سوکڙي

ڪير ڏارا جو ٺڪ ڪري رستو
ترس مٽڙي تہ تنھنجي لئہ آٿيان
آسمان تان ڪَتيءَ جو گلدستو

## ٿڪ

سانت مان ٿڪ تنھنجا ايئن نڪتا
جڻ تہ ڪنھن ڇھڄ سائي ٻوٽي ۾
اوچتو پيا ٽڙي ڪي گل ڳاڙھا

## پيلو پن

ڏينھن تنھنجا اچي ڪٽا آھن
پيلا پن او سرءُ جا پيلا پن
ڏس نوان گل گونچ ڦٽا آھن

◎

◎

وري وري دل وري پئي
اوهان نهاريو
اوهان پڪاريو
ته مينھن وانگر گهري پئي
وري وري دل وري پئي

لڪي لڪي پي لڪي نه الفت
گهڻو لڪايم
گهڻو لڪايم
جا چڻنگ ٻاري هئي محبت
ڀڙ ڪري سا ٻري پئي
وري وري دل وري پئي

ڪيا دنيا در جي بند پنهنجا
گهڻو ڀليا سين
گهڻو رليا سين
ته اوچتو سڏ ٻڌا سين تنهنجا
کلي دلين جي دري پئي
وري وري دل وري پئي

ٻڌي ڪڏهن ڪين دل اسان جي
لڏي لمي تي
لڏي لمي تي
جڏهن ٻيهاد آئي تي اوهان جي
لڏي لمي سا تري پئي
وري وري دل وري پئي

◎

اسان کي نہ ڳوليو اسان کي نہ ڳوليو
اسان دور ناهيون اسان دور ناهيون
پراوا تہ ناهيون اوهان جائي آهيون
اسان ڏي نهاريو اسان کي سڃاڻو
رڳو هيءَ خبر آ اوهان ۽ اسان کي
هتي پيار ونڊڻ جي لئہ آيا آهيون
اوهين کير آهيو اسين کير آهيون
اسين ٻي نہ ڄاڻون اوهين ٻي نہ ڄاڻو
اوهان ٻي نہ آهيو اسان ٻي نہ آهيون
رڳو پيار آهي رڳو پيار آهي
رڳو ڪاڪ آهي رڳو ڪاڪ آهي
نہ مومل نہ راڻو نہ مومل نہ راڻو
ڀري پيار ڀنڊار جهوليءَ ۾ پنهنجي
ونڊيون ۽ ورهايون تا دنيا ۾ تنهنجي
او ڏاتار تو کان اهو ٻي نہ پهتو
ڏياريـن اسان کي رڳو آب داڻو
اسان کي نہ آهي ڪا ساڄهہ سرن جي
نہ تارن کي تاڻڻ اچي ٿو او سائين
اندر ۾ اسان جي اجهل پيار آهي
انهيءَ جوئي اظهار آهي نماڻو

◎

⑤

آءُ ڳچيءَ جا هار
هنئين جا نثار
الا او آءُ هلي

چانڊوڪيءَ ۾ وهنجي سهنجي
هير جي خوشبو بت تي لاتم
پنهنجا وار هوا ۾ کولي
تنهنجي خاطر جهاتيون پاتم
هار ڪيم سينگار
ڳچيءَ جا هار
الا او آءُ هلي

مٺن ميٺڙين ساڻ مجي جي
چنڊ کي تنهنجي لئه ترسايان
تنهنجي واٽ ۾ سرهيون مکڙيون
وقت سان ويڙهه ڪري ٻه وڇايان
او سر جا سينگار
ڳچيءَ جا هار
الا او آءُ هلي

رات نه ترسي وٺي وهامي
مان ته اجايي بيٺي آهيان
وقت وهيءَ کي نيندو سائين
ان الڪي ۾ الجهي آهيان
وقت نه ڪنهن جو يار
ڳچيءَ جا هار
الا او آءُ هلي

## چلڪندڙ چوليون ڏسو
## جڻ ڇيگريون ڇوريون هجن

چلوليون ٿي جيڪي چانڊوڪيءَ ۾ ٽيون رانديون رمن
پل ۾ هڪ ٻئي کي پڇڻ لئہ ڇوهہ پائي ٽيون ڊڪن
پل ۾ هڪ ٻئي ڏي ڊڪي هڪ ٻئي کي ٽيون ٻاکر وجهن
ڪيڏنديِ ڪلنديِ جڏهن ٽيون بود ۾ ٻرجي وڃن
هٿ ڏئي هٿ ۾ ڪُنن جا گول ٺاهي ٽيون ڦرن
جي ابهراهيءَ جي ڊوڙن ۾ هو ٽاٻڙجي پون
اوچتو ئي اوچتو ٽيون ڦهہ ڪري پٽ تي ڪرن
هڪ گهڙيءَ ۾ هلڪا جهيڻا گيت جهونگارن پيون
آئي وئي ڪي ٽهڪڙن سان ڪلنديِ ڪيڪارن پيون
ٻيءَ گهڙيءَ ۾ ٽيون شرارت مان وٺي گجگوڙ ڪن
واٽ ويندن جو امالڪ هانءُ ڏاري ٽيون ڇڏن
جيڪي اهڙيءَ ڊوڙ ڊڪ کان ٽيون ٿڪي ۽ چور ٿين
سي ڪناري وٽ اچي چپ چاپ ٽيون ليٽي پون
چنڊ واٽهڙوءَ جيان لنگهنديِ اتي بيهي رهي
دور کان هن ڇهڇٽي کي ٽڪ ٻڌي بيٺو ڏسي

چو سي تنهنجي چيڙن مان، مون ماڪيءَ جي لار،
ڪؤڙايون هزار، لحظي ۾ لهي ويون.

اڀ جي نيري فرش تان، ترڪي ويا تارا،
پرينءَ جا چارا، چمڪيا چوڏهينءَ چنڊ سان.

ساوڻ ساماڻو، آيون راتيون رس ڀريون،
ڦوهه جواني مند جي، چوڏس ڇناڻو،
ننڊ نه آئي رات جو، ٽري ويو ٽاڻو،
اسان وهاڻو، سور ڪيا او سپرين.

نسريا سر، ويا سڙي هڻا ٻه ٽي ڏينهن،
چار ڏهاڙا مند جا، اٿا ساوڻ مينهن،
سدا نئون نينهن، پريت پراڻي نه ٿئي.

تو ڪي ايئن ويڙهي وچان، جيئن وليون ويڙهن وڻ.
سڪڻ ڪان پوءِ ٻي رهن، سدا ساڻ سڄڻ.
جيئڻ ۽ مرڻ، تو سان ايئن منهنجو ٿئي.

دريا چڙهي ساوڻيءَ، ٻرجي ٿئي ٿمتار
اسان وٽ آ تار، سدا پاڻي پريت جو.

او منهنجا مهتاب، جي منهنجي اک لڳي وئي
جاڳيا منهنجا خواب، نينهن اتاريو ننڊ مان

◎

اکڙيون ٻوٽيان توڙي کوليان آڏو تنهنجو منهن
اندر تون ئي ٻاهر تون ئي مون کي تنهنجو سنهن

تنهنجي پيار سهاري جڳ کي ڪري ڇڏيم سنگيت
پوپٽ پوپٽ راڳ ٻڻي ويو گل گل تي پيو گيت

منهنجو گهر آ خالي ڇڻ دهرئي جي دل
ان ۾ جي تون آئين رسندو ڪعبي جي منزل

سوچي لوچي ٿڪي پيس مان آهين ڪٿي او سڄ
هاڻي سوچڻ ۽ لوچڻ ري مون وٽ پاڻهي اڄ

رات ڇڙا تارن جا چوريا ڇڙي پيا ڪئي گيت
اکين ڏٺو تي روح ٻڌو تي سانتيڪو سنگيت

◎

◎

چيـنجـو چـو لو آ هـي جنهـن کي سـو سـيءَ جـي سلو ار
پلوڙي سو سيءَ جي سلوار

ماٺھو ماٺھن جھڙو جنھـن جا مکڙيـن جھڙا پار
پلوڙي مکڙين جھڙا پار

جنهن جي آڏو ڦکا ٿين ٿا سورهـن ئي سينگار
پلوڙي سورهن ئي سينگار

هـوڏيـري آ لـوڏ انهـي جـي کيـڏيـري کيکار
پلوڙي کيڏيري کيکار

اکيون انهي جون ٻرن مشعالا پـرو ون دونهين ڏار
پلوڙي پروون دونهين ڏار

چاتيءَ مان تي ڦاٽي جواني اکين مان اتلي پيار
پلوڙي اکين مان اتلي پيار

◎

◎

گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ
آءُ پرين تون آءُ

پل پل هڪڙو پور او سائين
پل پل هڪڙو پور
ڪيئن لڪايان تنهنجا غم
ڪيئن سانڍيان تنهنجا سور
ڪوئي سڌ نہ سماءُ
آءُ پرين تون آءُ

وقت گلن جان ڪوماڻل آ
سجهي نہ ڪائي واٽ
چئني پاسي رات انڌاري
ڪاري ڪاري ٻاٽ
ساهہ ڪي ناهي ساءُ
آءُ پرين تون آءُ

منهنجي خوشين جوڳي بنجي
منهنجي دنيا تياڳي
گيت مري ويا ساز ٻجي پيا
چپ ٿي ويو آ راڳي
اچي نہ ڪو پڙلاءُ
آءُ پرين تون آءُ

◎

◎

سونهن کا وٺي آهي منهنجي ساهہ ۾ سيبائجي

ماڪن جان ماڪيون واسينگ جهڙا وار هئا
پنکڙين جهڙي هئي پوشاڪ سو سينگار هئا
جنهن ڏي نظرون ٿي کڄيون سوروح ويوٿي گهائجي
سونهن کا وٺي آهي منهنجي ساهہ ۾ سيبائجي

ساهہ ۾ جنهن جي پريل رابيل جي سرهاڻ هئي
جنهن جي چهري تي سدا چانداڻ ئي چانداڻ هئي
جنهن جي آڏو سڀ ڪَتيون تارا ويا شرمائجي
سونهن کا وٺي آهي منهنجي ساهہ ۾ سيبائجي

چال اربيلي هئي جڻ چال هرڻن تي ڏنا
سونهن ۾ هئي تازگي جڻ ماڪ ۾ گل تي پنا
ٽهڪ هئا جڻ مڌ جا پيالا پيا هجن ٽڪرائجي
سونهن کا وٺي آهي منهنجي ساهہ ۾ سيبائجي

◎

◎

ان ريت بهارن مان گذري ويو سودائـي
گل گل تي پيو گويا هڪ چشم تماشائـي

مون توکي سڏيو تي ۽ تو پاڻ ڇڏايو تي
مون ياد ڪيو توکي ۽ ياد نہ تي آئي

منهنجي دل مضطر کي وچ ۾ نہ سڪون ملندو
ڪڪرن جي اتاهين ڏي يا سمنڊ جي اونهائي

ڪجھ اڳتي هلي ڏسجي ڇا ٿو ملي دنيا مان
دل تنهنجي خيالن کي پٺتي آ ڇڏي آئي

هڪ وار ڪري دل تي هلندي تي وڃي سڀ ڪا
ترسي جا اگهي گوڙها اهڙي نہ گهڙي آئي

مون توکي ٿي چاهيو هٿو تنهنجي ٿي طلب ڪئي هئي
تو ساڻ خوشي ساري جڳ جي ڇو هلي آئي

◎

◎

رات مان آيو سنڌءِ وارن جو واس
تون وسين ٿو روح جي ئي آس پاس

چمڪندا تارا اگر ايندي اماس
روشنيءَ جو روح ڪيئن ٿيندو اداس

تي ته ڏس تون گيت ڪو سنگيت ڪو
پائي ڏس تون منهنجي لفظن جو لباس

روح جيسين جسم سان آهي رليل
تيسين هڪ آ اڄ من جي تن جي تاس

آهي جي مايوس اڄ جو آدمي
ائين نه سمجهو آدميت آ نراس

زندگي لڏندي رهي ٿي پينگهه جان
هڪڙي پاسي ياس ۽ ٻئي پاسي آس

◉

ڳالھ اوھان جي ڳجھي نہ رھندي
ســـاز اســـان جـــو راز سلينـــدو
كـونـہ جھلينـدو كـونـہ پلينـدو

وقت جي اک مان ڳـوڙھـن وانگر
ٽـمر ٽـمر ٽـمنـدي گـھـڙي گـھـڙي
ســـاھ ســـاھ تـــي وينـــدو آھ
انـــدر كـــوري ۾ ســـڙي ســـڙي
گـھاو گـھاو مـان گـونجـي گـونجـي
گيت نكـرنـدا كـونـہ جھلينـدو
كـونـہ جھلينـدو كـونـہ پلينـدو
ســـاز اســـان جـــو راز سلينـــدو

ڳالـھ ڳالـھ تـي ڳـوڙھـا ڳـڙنـدا
دامـــن پـــونـــدو پـــسي پـــسي
جـيءَ جـيءَ كـي جهـوڀـا ايندا
جـي وينـــدو كـــو رســـي رســـي
لـڙک لـڙک جـان لـڙكـي لـڙكـي
گيـــت گيـــت پيـــو ليـــلائينـــدو
گيـــت گيـــت پيـــو ليـــلائينـــدو
كـونـہ جھلينـدو كـونـہ پلينـدو
ســـاز اســـان جـــو راز سلينـــدو

سانت سانت ۾ پانت پانت جو ن
ڳالهيو ن تينديو ن گهٽيو ن گهٽيو ن
نندڙيو ن نندڙيو ن پياريو ن پياريو ن
جڻ تہ مينهن جو ن ڪٽيو ن ڪٽيو ن
سور سور مان جي سرهاڻ
او هان جي آئي پوءِ ڇا ٿيندو
پوءِ ڇا ٿيندو پوءِ ڇا ٿيندو
ڪونہ جهليندو ڪونہ پليندو
ساز اسان جو راز سليندو

◎

◎

گھوريا رسڻ جا ڏينهن وي يار
آءُ تہ نيايون نينهن وي يار

روئي روئي رات گذاريان
سڏڪي سڏڪي توکي ساريان
مون کي اچي پرچاءِ وي يار
پيچ کو مون سان پاءِ وي يار

جهر مر جهر مر تارن لاتي
چنڊ بہ اڄ مان جهاتي پاتي
آهي ملڻ جو وقت وي يار
تيءُ نہ ايڏو سخت وي يار

رات وسايا ماڪ جا موتي
هير ۾ جڻ ڪنهن آ مُہ اوتي
آءُ روئي تي رات وي يار
رات کي تنهنجي تات وي يار

پوئين پهر هي نيڻ خماريا
جڻ اوجاڳي پيالا پياريا
پرجي تيا نمتار وي يار
تنهنجي رهي تہ بہ سار وي يار

◎

٥

تون آهين ڪو گيت
لڳندي منهنجي روح ۾
جاڳائين سنگيت

ڪڏهين بنجي راڳ
ايندين منهنجي چپ تي
ڀڙڪي بنجي آڳ

تون آهين سا لات
ڏسي صبح جو سوجهرو
جا آئي منهنجي وات

تون آهين ڪا سوچ
چرپر ۾ آئي ڏسي
جنهن کي منهنجي لوچ

تون آهين سو ڌيان
جنهن جي محابي سان مليو
آهي مون کي گيان

تون آهين سو سور
مون کي ٻئي جو ڏک ڏسي
جو ٿيندو آهي ضرور

تون آهين سا باجهه
هر من مان مظلوم لئه
جا وجهندي آهي واجهه

◎

مون ڏنو - آهيان ڏيئو ،
جي ٻران ٿو مان تہ آهي روشني -
وقت منهنجي لاٽ جي جڙ ۾ جلي
دونهون بنجي ويو فضا ۾ جذب ٿي
منهنجي چئني طرف منهنجي روشني
جنهن سان هيءَ دنيا چئني چلڪي پئي
جي وسامان ٿو تہ اوندھ ، خاموشي
ڪا حقيقت ناهي ڪنهن بہ چيز جي
مان سدا ٻرندو ئي رهندس
روشنيءَ جي لاءِ
پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ

◎

◎

جيسين آهيون حال حيات
تيسين موت نہ كندو مات

موت مجيو سين آهي حقيقت
پوءِ بہ حياتي كوڙ تہ ناهي
ماس هڏن تي رت رڳن ۾
ماڻهو آخر ڌوڙ تہ ناهي
مينهن و ساڙن جهڙا چيڙا
گل جي پنكڙين جان كپڙا
خواب نہ آهن خواب نہ آهن
جي ماڻهو مهتاب نہ آهن
سهڻا آهن پيارا آهن
دوست آهن دل وارا آهن

منهنجا سک كو سنسو ناهن
منهنجا دک كو پاڇو ناهن
ناهيان وهمي ناهيان وهمي
منهنجي خوشي ناهي خوش فهمي

مان ۽ منهنجي ساري دنيا
اندرين ٻاهر واري دنيا
عكس نہ آهي حقيقت آهي
عكس نہ آهي حقيقت آهي
مان ۽ جو مون سان گڏ آهي
ناهي پڙاڏو پر سڏ آهي

◎

تون ئي اڪيلو ڳاءِ چارڻ
تون ئي اڪيلو ڳاءِ
سيڪو تو سان گڏ ڳائيندو هيڪل آن پل لاءِ
لاهي پاهي ٿاهي پنهنجو سر سهساءِ
خيال خيال کي ڪرڙي ڪرڙي خنجر جان چلڪاءِ
اندر آوي آهي تنهنجو جپ ڪي جيئي بناءِ
دل جي ڏنوٽيءَ سان سر سر مان ٻيڙ پيو ٻڙڪاءِ
سچ جو مچ مچائي جڳ جو سارو ڪوڙ جلاءِ
سارا هيٺا توئي وهيٺا تڪن پيا تو لاءِ
ڇا جي هر ڪر سور ڪٿي سر ڳاٽ ڪٿي تون ڳاءِ
چوڙيل چولا لاهي سڙن ڪي ويس نوان پهراءِ
چارڻ جڳ ۾ آيو آهين صدين کان پو هاءِ
تنهنجي گيتن ڪي سڀ ڏيندا پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ
سيڪو تو سان گڏ ڳائيندو هيڪل آن پل لاءِ
تون ئي اڪيلو ڳاءِ
چارڻ

◎

کاغذ جو گل کوڙو کوڙو
ڪرڻ سان سينو سهسائي
جڳ جڳن جا بيٺو آهي
جهڙو هئو اهڙو ئي تهڙو

ڪومل ۽ نازڪ رابيل
ويچارو سچ وارو سرهو
گهڙيءَ پلڪ ۾ ويو ڪومائي
سچ سدائين ارهو آهي
ڪوڙ رهي ۽ سچ مرجهائي
وقت چو سچ جو ويري آهي
ائين چو آهي
ائين چو آهي.

◎

◎

منهنجو جيءُ جهرو ڪو آهي ان ۾ ڏس تون ويهي
او پرڏيهي

منٽري ننڊ ٻٽي اکڙين ۾ پنبڙين مان وڃ پيهي
او پرڏيهي

جوڳيئڙن کي جڳ نہ جڳائي نينهن تني جو نيهي
او پرڏيهي

◎

◎

کنھن کي کھڙي کل
توکان مون کان اڳتي چاھي
ھک ھک تي چٽندا ٿي رھندا
پنن جيان ھي پل

موت جي ماريءَ آڏو آھن
سڀئي مڻ مٽل

تہ بہ جياپي جي جوتيءَ جي
ھر ريکا آھي اجھل

جيسين جڙا آھيون تيسين
ڪائي جھل نہ پل

ھي جيون ۽ پيار ٿي آھن
تنھنجا منھنجا پل

ڪرم اسان جا لاءِ اسان جي
جڻ تہ ڪرم جا ڦل

کنھن کي کھڙي کل

◎

◎

هن ديس جي ڌرتي اهڙي آ
جو هاريو ڇهندي ويندي آ

مظلوم جو رت ظالم جو ست
۽ درد مندن جا لڙڪ گرم
ظالم ايڏا جيڏا پَربَت
هن ڌرتيءَ تي جي هٿن تا دم
سي پنهنجي پاڻ ۾ جذب ڪري
پو ايئن تي متانئن پوش ڏري
مردي تي جيئن وجهبو آ ڪفن
هن ۾ نه ٻجهي سگهجن دانهون
هن ۾ نه اثر ڪن تيون آهون
هن ڌرتيءَ ڪي آ اهڙي فضا
اجگر جان وات پٽي جيڪا
سي ڪوڪون ڳهندي ويندي آ

هيءَ ڌرتي نود مثال آهي
سينو چيريو سو سٽن ڪندي
ساڙيوس ته چپ چپ پٽي سڙندي
هيءَ ڌرتيءَ ڪا بي حس آهي
هن ڌرتيءَ ڪي ڪا دل ناهي
هيءَ ڌرتي هنود جي ڪڏ ڪائي

هر چيز وجي جيڪا ڪائي
يا بيٺل پاٺي آهي ڪو
جنهن ۾ نه لهر ۽ نه ڪو لوڏو
جنهن تي نه ٿئي ظاهر ليڪو

هت پيٽ ڪري ٿي باهه ٻري
پر هن کي سيڪ ذرو نه اچي
هيءَ ڌرتي آهي عجب ڌرتي
نه تپي نه ٺري نه روئي نه کلي
نه وڙهي نه جهڙي نه جيئي نه مري

هن ڌرتيءَ جي هڪ ڳالهه عجب
جو سهندي آئي ايڏا غضب
تہ بہ جٺري آهي مٺي ناهي
اڄ تائين پيش پئي ناهي

◎

◉

هن اونڌهيءَ رات جو سينو
وچ جو چمڪو ٿي چيريندس
ممڪن آ تہ ڪري بہ پوان مان
پر هڪ ڀيرو اک ڇنڀيندس

مون ڪان پو اي ديس اونداها
تنهنجي قسمت تنهنجي قسمت
منهنجي ڪن جي ڪيڪر ڪان پو
توکي ڪوئي پڇي نہ پڇي
مون جان ڪوئي لڇي نہ لڇي
آءُ تہ پنهنجو پاڻ ملهايان

◉

◎

ماٺهو مون کان ڪيڏو دور
۽ هــي تـــارا ڪيـــڏا اوري
جن ڪنهن منهنجو روشن روح
اڇليو آهــي پڃــي ۽ پــوري

تـارا منهنجـي روح جا پـورا
ماٺهو روشـن روح جا قاتـل

◎

◎

هائو آءٌ نہ تو ڄاڻان
آهيان ڪير الائي مان

تہ بہ آهيان ڪو جيئرو ساهہ
ڪا بي ساهي وٿناهيان

مان ڪوئي طنبور نہ جو
جيئن وڄائين تيئن وڄان

مون کي پنهنجي موسيقي
مون کي پنهنجا راڳ نوان

ايئن نہ منهنجي آڏو آءُ
ڇڏ تہ وٺي جيئن تيئن وڄان

منهنجا پنهنجا راڳ تہ ٻڌ
ڏس پوءِ ڪيئن توکي ٿو وڻان

◎

◎

راهه نمائي ڪرڻي ٿي جي
مون سان گڏ وانهڙو ٿي

مون سان گڏجي هل ته مجان مان
مون وانگر دل جهل ته مجان مان

گهمي ته ڏس هر گهٽ ۽ گهير
پٿون پٿون ڪر مون جان پير

ماڪ جي روشن ريکا
پري پري کان ڪرين اشارا

مون سان جي ملئو آ توکي
مون وانگر بي قابو ٿي

راهه نمائي ڪرڻي ٿي جي
مون سان گڏ وانهڙو ٿي

◎

◉

هتي تہ سڀ ڪجھ آهي سپرين
اڃــــي ڪجـــھ بــــہ هجـــي

سڪ حقيقت سونهن حقيقت
هـت ڪجـھ ڪـوڙو نـاهـي
اڃــــي ڪجـــھ بــــہ هجـــي

ڪن ماڻهن ۾ ڪجھ تہ آهي جو
من ٿو تن کي چاهي سپرين
اڃــــي ڪجـــھ بــــہ هجـــي

سونهن پرٿي سنسار سان هي من
لاڳاپا ڪيئن لاهي سپرين
اڃــــي ڪجـــھ بــــہ هجـــي

هيءَ بازي آ کهڙي هن جو
بازيگر ڪٿ آهي سپرين
اڳتي ڪجهه به هجي

حسن کي جيڪو عڪس چوي ٿو
چاڙهيو ان کي ڦاهي سپرين
اڳتي ڪجهه به هجي

اڳتي هوندو جو ڪجهه هوندو
هيءُ به ته هائي آهي سپرين
اڳتي ڪجهه به هجي

◎

◎

جيون ناهي جوا او سپرين دلڙي ناهي داءُ

پنڌ اٿائو وارياسي جو ڪائي سڌ نه سماءُ
سڪ جي هڪڙي ساعت آٿي صدين جو سوداءُ
هرڪو گهايل ڪيئن ڪري هٿ ڪنهن تي ڪو ڪهڪاءُ
سوريءُ جي پرتان تو ٻڌجي پرين جو پڙلاءُ
اڃي اڏيءَ تي اڏجي ويندين آءُ نه ڪر دپ داءُ
جيون ناهي جوا او سپرين دلڙي ناهي داءُ

◎

◎

سڌريا سوچي سمجهي آءُ
نينهن تہ آهي موڪيءَ مٽ

نکري پوندا رنگ نوان
اکلي پوندو پنهنجو قٽ

پيار نہ آهي تہ ٻاڙو آ
ساڳو پاڻي ساڳو گهٽ

منهنجي پرينءَ جي سونهن ڏسي
نوڙي پوندو آهي نکٽ

دل تي ائين تو شعر لهي
گل تي جيئن اڇي پوپٽ

رات دکن جو ميلو هو
ڳوڙهو ڳوڙهي تي ڳاهٽ

شاعر جي دل صاف سدا
هيري کي ڪيئن لڳندي ڪٽ

مهڙي صاف ڪئي تنوير
ٻوليءَ تان سڀ ڌاري ڪٽ

◎

◎

پنکڙين جي زبان خشڪ آهي
ماڪ ناهي تہ لڙڪ برسايو

پنڌ پاهڻ تي جا خوشيءَ جي پري
تنهن کي زنده ڪرڻ لئہ رت لايو

چپ اوهان جا خوشيءَ جي شهر جا در
تورو مرڪو ۽ مرڪي ڳالهايو

عشق هڪڙو مٺو گناهہ آهي
جنهن ڪيو ہي انهي نہ پڇتايو

مون زماني جي ڳالهہ ڪئي تي فقط
پڻ منجي منهن تو اجايو شرمايو

وائڙو وقت ۽ منجهيل ماڻهو
ڪجهہ چئو يارو ڪجهہ تہ ڳالهايو

ساز وڄندي نہ ڪنهن جو ڌيان ڇڪيو
ساز ٻڄندي سڀن کي ڇرڪايو

سنڌڙي تنهنجي نانءُ سڻ هٿي
مون دلين جي درن کي کڙڪايو

◎

◎

جنهن جنهن ڳوڙها ڳاڙيا
سوئي موتي ميڙي

سانت ستارتي سوچي
ڪاش ڪو مون کي ڇيڙي

عرش اڏامي ڪو ڪو
هر ڪو ڪنپ ڪنديڙي

ڪڙڻا، هير، يا شبنم
ڪو تہ گلن کي ٽيڙي

پريت ورهائن ڪي ڪي
سيڪو سون سهيڙي.

◎

◎

موتيءَ جو جرڪو ٻي ڳالھ
اڪڙين جو رتبو ٻي ڳالھ

سمنڊ جي اونهائي ٻي سچ
شاعر جو سينو ٻي ڳالھ

پاريھر جي ڳٽ ڳٽ ۾
توبن جو ڏڏڪو ٻي ڳالھ

رنگ شفق جو ڪڪرن ۾
دونھون ائٽم جو ٻي ڳالھ

جيڪو سوچيندو چوندو
شاعر ڪيئن چوندو ٻي ڳالھ

روح لئہ جسم بہ آ پڃرو
پڃري تي پڃرو ٻي ڳالھ

روئو رت جا داغ ڏسي
آھي رت ڪنھن جو ٻي ڳالھ

سون سچو ٻي جرڪي ٿو
مرڪڻ ماٺھوءَ جو ٻي ڳالھ

چانديءَ سون چڱيون چيزون
پر دل جو رايو ٻي ڳالھ

آس ڏني آ تنوير
درد ڏنو دڙڪو ٻي ڳالھ

◎

◎

هيءَ رات جي راڻي هو سوسن
هي آهي گلاب ۽ هو سنبل
هي منهنجو چمن هو تنهنجو چمن
هي تنهنجا گل هو منهنجا گل

پر تنهنجي باغ جي پت اکري
خوشبو مون ڏانهن اچي هردم
۽ تنهنجي باغ جي خوشبو يي
اڏرڻ ۾ تي نه کري ويرم

توکي ان ڳالهه تي چڙ تي اچي
چو تنهنجي خوشبو مون ڏي اچي
چو منهنجي خوشبو توڏي اچي

هي باغ برابر منهنجو آ
هو باغ برابر تنهنجو آ
سرهاڻ نه تنهنجي نکو منهنجي
خوشبو به کڏهن تي آ باندي

پوءِ ڪاوڙ ۾ چو تون ءِ مان
هڪ ٻئي جا گل ڇني اڇليون
هڪ ٻئي جو چمن برباد ڪريون

تون منهنجي چمن کي باھ نہ ڏي
مان تنهنجي چمن کی باھ نہ ڏيان
هي گل آخر ٻي گل آهن
۽ خوشبو آخر آ خوشبو

گل تنهنجا توسان جال جڙن
گل منهنجا مون وٽ شال ٽڙن
۽ شال سدا آباد رهي
هي منهنجو چمن هو تنهنجو چمن
۽ شل خوشبو آزاد رهي
۽ شل خوشبو آزاد رهي

◎

◎

جوت جلندي رهي
لاٽ ٻرندي رهي
جي ننا مچ مچائي سگهو دوستو
چٽنگ چولي ۾ پنهنجي لڪائي هلو
روشني زندگي آ اها زندگي
ڪنهن امانت جان دل سان لڳائي هلو

جي سيائي اوهان جائي معصوم اونده
۾ گهٻرائجي ويا ته پو حيا ڪندو
۽ سوا نور جي نرڙ تن جا وسائل
ڏيئن جان ٻجهي ويا ته پو ڇا ڪندو

ذهن تن جا ته ڪشتي جيان روشني جي
هر ڪنهين در اڳيان سٿن هٿندا پيا
يا ته پڃري ۾ قاتل پکين جان سندن روح
هٿ پير ٻي چين هٿندا پيا

نئين نسل جا نوجوان جي اوهان ذانهن
ايندا اميدن جا ڏيئا ڪٽي
ته سالاٽ ايندي ڪٿان جنهن منجهان هو
ڏيئا ٻاري اکين جا ويندا ڪٽي

جي هو پچندا اها روشني سا امانت
ڪٿي آ جا هوشوءَ اسان لهٔ ڇڏي
اوهان سر جهڪائي ڇڏيندؤ تہ پر
ڇازبان سان بہ سگهندو اتي ڪجهہ ڪڇي

هيءَ امانت اٿو ساھ سان سانڍجو
هيءَ امانت اٿو ساھ سان سانڍجو
جوت جلندي رهي
لاٽ ٻرندي رهي
نئون نسل جيئن روشنيءَ سان ڀريل
سنڌ ۾ پنهنجو معصوم اکيون پٽي

◎

◎

ماٺو گلڙن کان سھڻا
ماٺو مکڙين کان پيارا

ماٺوءَ کان وڌ ناھي ماڪ
ماٺو زمزم کان پي پاڪ

ماٺو سمنڊن کان اونھا
ماٺو عرشن کان بہ اوچا

ماٺو پھڻن کان ڳورا
ماٺو ککرن کان ھلڪا

ماٺو ڀاڳ ۽ ماٺو بخت
ماٺو ھيري کان پي سخت

ماٺو مکڻ کان کنئرا
ماٺو ماکيءَ کان بہ مٺا

ماٺو سج کان وڌ روشن
جن جو چنڊ کان وڌ جوڀن

◎

⊚

پيڙي لـڏنـدي لمنـدي هـل
تـو کـي ڪنـاري پهچـائينـدو
منهنجـي ٻـانهـن جـو ٻـل
پيڙي لـڏنـدي لمنـدي هـل

چـولي چلنـدي چلنـدي آءُ
منهنجـي پـوراليءَ دل وانگـر
پـل پـل اٿنـدي ڪـرنـدي آءُ
چـولي چلنـدي چلنـدي آءُ

هير هڳـاءَ سـان ٻـرجـي وڻـي
مـو ن جـو ڳـاتـو گيـت
فضـا پـڙلاءَ سـان ٻـرجـي وڻـي
هير هڳـاءُ سـان ٻـرجـي وڻـي

⊚

◉

کو صبح جن سہاجھو کو شام جان نماڻو
محبوب آهي منهنجو هر هڪ وطن جو ماڻهو

ڪا بات رات جهڙي قند و نبات جهڙي
ڪا ڳالھ ڪالھ جهڙي ڪو غم نئون پراڻو

هن صبح سوجهري ۾ سڀ ڏک ۽ ڏوجهري ۾
هر روز سچ نئون آ هر روز غم پراڻو

ماڻهوءَ جي من ۾ چاهي ڪنهن کي خبر نہ آهي
ڪنهن سمنڊ ۾ ٻڌي هنئين کو چنڊ ڏي اڏاڻو

آ جيت جوت جي ئي هيءَ باک ساک آهي
غم ناهي جي کو ڏيئو پوئين پهر وساڻو

آهيون اسان نوان پر آ ريت ساڳي جنهن کي
ماري سگهي نہ سوري پيڙي سگهيو نہ گهاڻو

نند تنهنجي آ عبادت جيڪو ڪري تو محنت
ڌرتي آ هنڌ جنهن جو ۽ پانهن آ وهاڻو

هن ديس ۾ جي گونگا تن جي زبان آهيان
تنوير چئي اجايي مون کي نتا سڃاڻو

◉

◎

ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن
سانگي وئڙا سور ڏئي

هير هڳاءُ پرينءَ جو
مان قابو منجھ ڪڙن
ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن

وچڙيل آويءَ تانو جيئن
راتو ڏينھن سڙن
ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن

مُنو ماڙ پرينءَ جي
ونگيو آهي وڙن
ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن

سانگي وئڙا سور ڏئي

◎

تنوير چني ٢٥٨

شعر ٩٢

گهڙي ٿي گهٽي آ
گهڙي ٿي گهٽي آ

اهائي گهڙي جنهن ۾ تو ۽ مون گڏجي
ڪڏهن وقت جي وڻ سندي لام ڏوٽي
پڪل انب وانگر پٽي جا ڇٽي آ
گهڙي ٿي گهٽي آ

اها ئي اها حاصل نيڪ و بد آ
اها ئي ازل آ اها ئي ابد آ
حياتيءَ ۾ هڪڙي گهڙي مون ڪٽي آ
گهڙي ٿي گهٽي آ

انهي جي اڳيان ڪائنات آهي ٻانهي
جو هن پل تي غالب جو هن پل جو ڪاني
اهو ئي ڏٺي جيڪو پل جو ڏٺي آ
گهڙي ٿي گهٽي آ
گهڙي ٿي گهٽي آ

◎

جنهن وٽ سور سوايا - او
تنهنجا سانگ سجايا - او

دل جو درد وجي ٿو وڌندو
آيا ساجن آيا - او

ڪي گل ٽاريءَ لڙڪائي ڪي
سوريءَ تو لڙڪايا - او

هيءَ حياتي تنهنجي جهاتي
اڳتي سڀ ڪجھ ڇايا - او

مايا اڇٽي وڇٽي نچٽي
پوءِ بہ مايا مايا - او

◎

◎

جنهن ۾ دل جو خون نہ آهي سو آ ڪائو ڪچ
رت سان آهي جيڪو رڱيل سوئي آهي سچ

جنهن جا گهاو سين ڪان گهرا سوئي آ سرواڻ
جنهن جا پير پٿون ۽ پرزا آهي اهو اڳواڻ

سڙي ڏئي سرهاڻ تو جيڪو آهي سو چندن
مچ جي وچ ۾ جيڪو جرڪي اهوئي آ ڪندن

تارون سيڪو تائي تو ، مان ڏيان رڳن کي تاءُ
رت سان پنهنجا راڳ لکان تو گيت تيو هر گهاءُ

◎

◎

ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان
هر ڪا ئي اک آهي آلي
اهڙي ڪا بہ نہ دل سيران
جيڪا آ دردن کان خالي

هر ڪو هانءُ چپيل چيپاتيل
هر ڪو روح پٽيل پوسائيل
سک جو نڪري سج ڪٿان
چئني پاسي آهي جهڙيالي

ڪڏهن نہ دل جي آڳ اجهاڻي
سينو سينو آ ساندائي
پڙڪي پڙڪي باھ منجهان
سڙجي پيئي سوچ نرالي

سهندي سهندي سامت ايندي
ڏکندي ڏکندي ڏاهپ تيندي
اٿندو اهڙو ڪو طوفان
ولها تيندا وارث والي

اک اک شعلو اک اک شبنم
دل دل قطرو دل دل قلزم
جرڪي پيئي جمال منجهان
جوت جلالي جوت جلالي

ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان
هر ڪنهن جي اک آهي آلي

◎

او تنوير اسان جو دم آ جڳ ۾ بهارن کان به وڏيک
زخم گلن کان سهڻا پنهنجا ڳوڙها تارن کان به وڏيک
منهنجو وطن اونداهو آهي تنهنجي وارن کان به وڏيک
صبح سهائو ڳوليان ٿو تنهنجي رخسارن کان به وڏيک
محبوبن جي هڪڙي ماٺ هزارن مهڻن کان به مٿي
هڪڙي ديد نمائي تن جي لکَ ميارن کان به وڏيک

◎

◎

مون تہ مشعل آهي پنهنجي هٿ ۾ کنئي
پوءِ بہ ڪافي ناهي ان جي روشني
سمنڊ اونداهيءَ جو آهي بيڪران
تون بہ ڪا مشعل کڻي اوري تہ آءُ
لاٽ مان ٻي لاٽ ٻاري ڪر الاءُ
روشنيءَ مان روشني وڌندي وڃي
پاڻ کان اونده پري هٽندي وڃي
روشنيءَ کي ائين ورهائيندا وڃون
مشعلون ساريون جلائيندا وڃون
سمنڊ اونداهيءَ جو آهي بيڪران
ٻيڙين وانگر ترن ان جي مٿان
روشنيون هي روشنيون هي روشنيون

◎

◎

پڙ ۾ آيون آهن اڄ تقديرون يي تدبيرون يي
ديوانا يي شور مچائن گهڙجن ٿيون زنجيرون يي

اهوزمانو ويو جو شاعر ڏسندا هئا ڪي خاليخواب
اڄ جا شاعر خواب ڏسن ٿا ۽ ڪن ٿا تعبيرون يي

سُرهي رات چٽي چانڊوڪي ننڊ اڏامي وئي پل ۾
اڄ تهپرينءَجيپار ڪان آيون هيرونيي تاڪيرونيي

جن ڪي ذات بہ خلقڻ ڪان پوءِ ٿي ويندي آهي حيران
جن تي تعجب ڪائي مصور آهن سي تصويرون يي

او تنوير هي تنهنجا شعر تہ سنڌ جو ڀاڳ مٽائيندا
ڪي اهڙيون تحريرون آهن جي آهن تقديرون يي

◎

نينهن وارن جو انهي ساڻ ڪو رستو ناهي
ڇڻنگ ڇولي ۾ نہ آ جنهن ڪي سو پنهنجو ناهي

هيءَ سچي واٽ جتي پير جو ڪڙڪو ناهي
سي ڇون ٿا تہ انهي جو ڪوئي ڇيڙو ناهي

تنهنجي چائنٽ تي رسڻ لاءِ سڏون ڪيئن ڪري
دار جي دور ڪان شيدائي جو گذريو ناهي

هڪڙي پڇري ۾ سيئي بانڌ ڪيا ويا آهيون
توڙي هر ڪوئي آهي قيد، اڪيلو ناهي

قطرو دريا نہ ٿيو جيڪو سو ڪهڙو قطرو
جيڪو پڙڪي نہ پيٽ ٿيو اهو شعلو ناهي

عشق ۾ تنهنجي هي تنوير ڪي چا تي ويو آ
جهڙو هوندو هئو هاڻي رهيو اهڙو ناهي

◉

۱

تـوڙي تـون يـي مـنـي ٿينـديـن
تـوڙي مـان يـي ٿيـنـدس خـاڪ
پوءِ بـہ هـن پل پوءِ بـہ هـن پل
تون ۽ مان آهيون جڻ ماڪ
جيڪـا سـورج جي ڪـرڻـي تـي
اڏرڻ جـــي آهـــي هيـــراڪ

هـن پل تـون يـي منـي نـاهيـن
هن پل مان يي خاڪ نـہ آهيان
تون يي هڏ چم ماس جو آهين
مان يي رت ۽ گوشت منجهاران
پوءِ بـہ تون تو سونهن سڏائين
پوءِ بـہ مان تو نينهن سـڏايـان

تون يـي هـڪ پل مان يـي هـڪ پل
جيڪـو آهـي جڳـن جـو حـاصـل
يعني هـيءُ پل يعني هـيءُ پل

ان ڪـان اڳ جـو مـنـي بنجـون
آءُ تـہ نمـائـيءَ مـاڪ منجهـاران
منجي چڱـون تـي ۽ پڙڪـون
پنهنجي پل جي هـن جيون سان
آءُ تـہ ڪـو انصاف ڪريون
آءُ تـہ ڪـو انـصـاف ڪـريـون

◉

◎

اکيون مون سڃاتيون اکيون مون سڃاتيون
نهارڻ کان چرڪن نهارڻ لئہ آتيون

کنهين تيز خنجر جان ڪاٽي وڃن ٿيون
خيالن جي تندن کي ڪوئل جون لاتيون

فضائن ۾ ڄڻ کنهن تہ بندوق ڇوڙي
پکي ويا اڏامي لنوي کير لاتيون

ڏسان ٿو پرين دار جي هن طرف کان
اشارا ڪرين ٿو پيو پائين جهاتيون

ڪلنگيون جني کي تني کي نہ ليکيم
ڪٽن جون ۽ لوئين جون ڳالهيون مون ڳاتيون

اسان کي جو ڇوٽو هئو ڇٽي ويا سين
ڳهيلا اوهان دل جون ڳالهيون نہ ڄاتيون

◎

هي زنجير ٽٽڻ ڪو مشڪل ناهي
هي زنجير ته هاٿي وٺي آ ڪٽجي
ٿورو زور لڳايو ڄاڻ ته ٽڙڪي
هڻ زنجير ڀڃڻ ۾ هاٿي چاهي
هي زنجير ٽٽڻ ڪو مشڪل ناهي

هو زنجير سيان لئه جا گهڙجي ٿي
ان جو اونو سڀ کي رکٿو آهي
پيھر قيد قبول نہ ڪرٿو آهي
روز نئين زنجير تيار ٿئي ٿي
هو زنجير سيان لئه جا گهڙجي ٿي

ٻانهن ۾ ايڏو ٻل رکٿو آهي
ڪنهن غاصب کي همت ڪين وري ٿئي
ڄ جي ٿئي ته انهي کي اتي ئي ڇٽجي
تا بہ ابد آزاد ٿي رهٿو آهي
ٻانهن ۾ ايڏو ٻل رکٿو آهي

◎

ايئن لڳي ٿو ته سڄي عشق جي بازار ٽڏي
ڪو خريدار نه آ جيڪو ڏئي واڪ وڏي

اوءِ ديوانا سنڌءِ عشق جي گرمي کهڙي
جيڪا هيءُ وقت جو زنجير رڄائي نه سگهي
اوءِ مستانا اها مستي ڀلا ڪنهن ڪم جي
جيڪا هر دل کي ڇهي مست بنائي نه سگهي

اولڙو چنڊ جو لهرن تي ڪري پرزا ٿيو
۽ تون ڀارن جان اجا دل کي ليائين ويٺو
دل ۾ اميدن جو هڪ ننڍڙو ۽ ڪمزور ڏيئو
ڀاري سمجهين ٿو ته جڳ جڳ ۾ اجالو آيو

چنڊ چونڊيو نه ڪڏهن هڪڙو اگڻ چمڪڻ لئه
۽ ڪڏهن سڄ به هڪ گهر ۾ نه ايريو آهي
نه ڪڏهن هڪڙي محل تي آ ڪکر ڇانو ڪئي
۽ ڪڏهن مينهن نه هڪ جاءِ تي برسيو آهي

چنڊ ايري ٿو تہ هر ڪنهن جي اڱڻ چانڊوڪي
سج نڪري ٿو تہ گهر گهر تي وجهي ٿو روشن
جهڙ ٿين ٿا تہ ٿڌي ڇانو ٿئي هنڌين ماڳين
مينهن پئي ٿو تہ سيئي جهنگ وڃن ٿي گلشن

پر اي ديوانا سنڌ عشق جي گرمي ڪهڙي
جيڪا هڪ دل ۾ ئي محبوس ۽ محدود رهي
جيڪا ونڊي نہ ورهائي نہ وڌي ۽ نہ اڏي
جيڪا تو ڪان سواءِ ڪنهن سان نہ مانوس رهي

ايئن لڳي ٿو تہ سچي عشق جي بازار ٿڌي
ڪو خريدار نہ آ جيڪو ڏئي واڪ وڏي

◎

◎

آسمان آهي حسين ڏاڍو حسين ڏاڍو حسين

هي ستارا ڪئي معصوم ستل ننڊ ۾ ڄڻ
خواب ڏسندي ٿا وهائيءَ ۾ لڳن جي مرڪڻ
ڪنهين محبوب جي وارن جان گهٽائون ڪاريون
ڪنهين جوڳيءَ جي جٽائن جيان وڪڙن واريون
ڪنهن لڄاريءَ جي ڳلن مثل آ ڳاڙهو هي شفق
ڪنهن پياريءَ جي چپن مثل آ ڳاڙهو هي شفق
رات ڪاري ائين ڄڻ خواب بنا گهري ننڊ
صبح روشن ائين ڄڻ ڪنهن جو ڪو بيدار دماغ
جنهن سان ٻرندا ٿا رهن سچ ۽ سياڻپ جا چراغ
اڀرندڙ سج جيئن خون رتل قوم پرست
چمڪندڙ چنڊ جيئن سوچ ڀڌل شاعر ڪو

آسمان آهي حسين ڪيڏو حسين ڪيڏو حسين
آسمان آهي حسين پر هي زمين پر هي زمين

هيءَ زمين جنهن کي ڇهي آءُ سڳهان ٿو هردم
هيءَ فضا جنهن جي اندر ساهه کڻان ٿو هردم
هن تي جي مينهن پوي ٿو تہ سا خوشبو نکري
جيڪا خوشبو تي لڳي مون کي سچاتل ڇاتل
جنهن ۾ منهنجي ڪئي پيڙهين جو آهي ماس مليل
مينهن کان پوءِ تي خوشبو ڪڏي اهڙي ڏرتي
جهٽڪ تي ياد اچي مون کي ابن ڏاڏن جي

هيءَ زمين جيڪا جنم ڏئي کني محبوبن کي
هنج ۾ جيڪا ڪڏائي کني معصومن کي
اهي محبوب جني تان سوين سج چنڊ صدقي
اهي معشوق جي ڪن مات شفق رنگت کي
هيءَ ڌرتي جتي پوڙهن جون اڇيون سونهاريون
کير ڌارا کان بہ وڌ جيڪي لڳن ٿيون پياريون
ماڪ ڌوتل هي ڇپر جنهن جو ٿڌو نرم ڇهاءُ
پير ترين کي ڏئي ٿو جو حقيقت جو ساءُ
ائين لڳي ٿو تہ هي ڌرتي مون کي پنهجي آهي
آسمان ڪيڏو بہ سهٽو هجي پنهنجو ناهي

◎

او تنوير اسان هن جڳ ۾ هڪڙو نڪتو جاتو آهي
پيار سوا سڀ سياڻپ ڪوڙي نينهن عجب هڪ ناتو آهي

تون ٻي قيدي مان ٻي قيدي ساٿ نڀائيندو پنهنجو ڪڏهين
هي زنجيرن جو رشتو ٻي ڪهڙو پختو ناتو آهي

توري عمر سڄائي جيئبي جيڪا آزاديءَ تان گهوري
دور غلاميءَ منجهه درازي عمر جي هڪ پاراتو آهي

هر هڪ لفظ ڪڙي بنجي پيو سٽ سٽ ڄڻ زنجيرن بني وئي
آزاديءَ جو گيت ڪو شاعر واڪ وڏي جي ڳاتو آهي

مارڳ ماڪ سان آلو آهي اوير ڏي تي ڏسجي اچائي
ائين لڳي ٿو رات جا ساٿي صبح اچڻ لئه آتو آهي

تو سان ميل ٿيو جي منڙا من ۾ جڻ ته لڳي ويا ميلا
تون جي ناهين ساڻ ته هيڏي ميلي ۾ يي آهيون اڪيلا

من من آهي مٺيو او سائين ماڻهوءَ ماڻهوءَ منجهه مٺيا آ
اوسي پاسي هيڏي هوڏي ڪنهن ڪي ڳولين تو او ڳهيلا

آويءَ منجهه پڪا جي تن تي هٿ پرينءَ جي تال وڄايا
محبوبن جي هٿ جو هڪ به ڇهاءُ نه ماٺي سگهيا پيلا

تون ۽ مان گڏجون ٿا پوءِ موت ۽ جڳ جڻ ڪجهه به نه آهي
ائين لڳي تو جنت ۾ آدم ۽ حوا جڻ ته اڪيلا

◉

آءُ تہ گوري گجر منھنجو پرين ويو پرڏيھ
جيڪو ديس پرينءَ جو سوئي آھي منھنجو ڏيھ
کھڙو ساجن ري سائيھ

سج سوا ھي گج نہ چمڪي گوري ڪيئن ڪري
پريتم ري ڪيئن مکڙو ٻھڪي ڍولڻ شال وري
پريت جو ڪوئي انت نہ آھي پيار جو ناھي ڇيھ
کھڙو ساجن ري سائيھ

دلبر دور ھليو ويو آھي ڪيئن چمڪايان چير
من ۾ پور پرينءَ جو ھردم نچندي اکڙين پير
ڪڏھين گھار گھڙي ڪامون سان پرپاسي ۾ ويھ
کھڙو ساجن ري سائيھ

◉

ڪوڙ ڪي ڪن ايڏو جر ڪايو
سچ شرم ڪان ڪنڌ نوايو
پٿر ڪاوا ڪچ گهڙن تا
چلي سنواري اين ۽ جڙن تا
جو بازار ۾ موتي هيرا
لعل بدخشان نيلم نيرا
تن آڏو بي آب لڳن تا

ڪنهن کي فرصت آهي هاڻي
سمنڊ ۾ پيهي موتي آڻي
شو ڪيسن ۾ موتين ڪان وڌ
آب سان پٿر جر جر جر ڪن
۽ جي سچ پچ ماڻڪ موتي
آهن، تن کي ڪير سڃاڻي

جنهن به ڊرائنگ روم ۾ وڃبو
هڪ اهڙو گلدان به ڏسبو
براسو سان جو مهٽيل سهٽيل
چمڪايل جر ڪايل هوندو
جنهن ۾ پلاسٽڪ يا ڪاغذ جون
سهٽيون پياريون پياريون ٽاريون

سينگاريل ۽ سجايل هونديون
جن ۾ رنگ برنگي مکڙيون
گل کي اڏ ٽڙيل کجھ سارا
کجھ ڏانديون ۽ کجھ پن ساوا
ائين لڳن جڻ کنهن هاٺي ٺي
باغ مان ٽوڙي آهن آندا

کنهن کان روز خفو ٿئي اهڙو
ٻوٽن مان گل ٽوڙي آڻي
۽ سچا گل پهر نه بيهن
صبح جو رک منجهند کومائن
وقت جي قيمت سمجهڻ گهرجي
وقت وڏي وٿ آهي

# ڪيڏارو

## داستان پهريون

ٻاهر گل گلاب جا، من تن جو فولاد
سنڌڙيءَ جو اولاد، پرکي ڏسو ڪانئرو

عنبر ڪان ۽ مشڪ ڪان سرهو تن جو ساهه
محبت ۾ جڻ ماڪ سي نفرت ۾ آڙاهه
ٻڙڪڻ ۾ جڻ باهه مرڪڻ ۾ موتئي مثل

سنڌوءَ جي جائي قليلي وهندي رهي
رت تيو ظاهر مرڪ ۾ پل ۾ ويو وهي
ٻنين ريج ڏئي، سڪ ڏئي ويو سنڌ کي

هوشو هڪ هئو، هڪ هوشو آهي اڄ
منٺيءَ مان لڏو، سائي ٿي ڪک سنڌ جي

من هئا ميڻ انهن منجهان نڪري ويو کهڪاءُ
ڏسن جي ڏمر مان، پئي ڏاڍن ۾ ڏهڪاءُ
ڳيرو وهتل رت ۾، تہ بہ اکڙين منجهہ الاءُ
عضوي عضـ ـي گهاءُ، سر ۾ سودا سوڀ جا

ٻن پاسي پاڻي، سامهون دشمن دوبدو
ڦاٽا بم شيشا ڀڳا ۽ گٿس اڏاڻي
رت ڳاڏڙ پاڻي آيو تري اکين ۾

ڏڏڪا دونهان ڏک - چوٽون چيٽون چوطرف
سوڀارا ٿيندا اهي جي نہ لڪائن لڪ
آهي مون کي پڪ ماڻيندا هي ماڳ کي

سور سهن ٿا سر متي ڳيرو ڇاجي ڪاڻ
رت اٻري ۽ دل رجهي، من ۾ آ ماندڏاڻ
ڪچجي ڪنڌ ڍلي مگر جهڪي نہ مڃجي آڻ
ٿيندا سور سراڻ، ٻٽا تيز ترار جيئن

گهوٽ نہ مرندا موت سين مرڪن ڪنڌ لٿي
ڪرٽ جنين ڪاپار ۾ تڏهن بہ ڪنڌ مٿي
سرن کي سٿي سنڌڙيءَ ڪوٽ اڏي ويا

ڳيرون ڳاڙها جوان، رت سان وهنتل بت سڄو
نظر نظر جڻ تير آ يروون جڻ تہ ڪمان
چونڪ چونڪ چؤبول آ، گهٽيءَ گهٽيءَ گهمسان
جاڳيا جنگ جوان لڳندا نعرا نينهن جا

لڳندا نعرا نينهن جا، ڪنبندا ڪوڙن ڪوٽ
نينهن ڪيو نروار آ، عشق نہ جاڻي اوٽ
بيڪ نہ ملندي زندگي موت نہ ڪائي موٽ
باقي هڪڙي چوٽ، ڪرندا ڪنگرا ڪوڙ جا

دونهين ۾ دهڪن، ٽاندن جان ڳيرن اکيون
سچا نچن مچ ۾ سي مرپيا مرڪن
ڪندن جان جرڪن ڪوٺاريءَ جي وچ ۾

منهنجو منگ متي، هن ڪي گهاوَ گهٽا هٽا
مرڪڻ جو حق ناهي ڪو او سرتي توکي
جو تنهنجي مگ کي رهڙ نہ ڏنمر جسم تي

منهنجو پٽ اهو جنهن کي ڇاتيءَ ۾ چرا
گهايل ڪونهي جو مون کي ماءُ نہ سڏي سو
تي نہ بخشيان ان کي جيڪو چپ ويٺو
رنگ جنهن جو ريٽو، ماءُ انهي جي آهيان

(۴ مارچ جي واقعي تي)

تنوير چني ٢٨١

شعر ١١٥

# ڪيڏارو

## داستان ڀيون

جيلن ۾ ٿي جوت، چهرو چهرو چنڊ آ
ديوارون زندان جو پسن اهڙا هوت
جن جي ڳڻ ۽ ڳوت، ساک وڌائي سنڌ جي

هتن پيرن ۾ ڪڙيون روشن آهي ضمير
فڪر نہ ڇاڻي قند، ڪي عشق نہ ٿئي اسير
ذهنن جا زنجير، ڪنهن نہ گهڙيا آهن اڃا

هلو هلو جيل ڏي جن ڪي نينهن اجهل
نڪا جهل نہ پل جي ويا سي اڱهيا

جنهن جنهن درد گهٽو سٺو تنهن تنهن مان مٽي
قربانيءَ جي دو ستو قيمت ڪير ڪٿي
سر تي سور سٺي هلڻو آ اڳتي اڃا

هيءَ ڌرتي آ سنڌ جي جنهن هو شوءَ رت سانڍيو
هڪ صديءَ کان پوءِ ٻي آ رنگ تنهنجو ريٽو
هڪ هڪ رت ڦڙو سپر بنيو سنڌ لئہ

هيءَ ڌرتي آ سنڌ جي هن کي آهي سلام
هن جي ذهن ضمير کي ڪري ڪير غلام
نڪو خاص نہ عام سيڪو سر صدقو ڪري

گهٽي گهٽي آ سنڌ جي جڻ مياڻيءَ جو ميدان
ٻيرو ٻيرو ڳوٺ جو جڻ هو شوءَ جهڙو جوان
ٿيندو اڄ ميدان نعرا ٻڌبا نينهن جا

مصر نہ آهي سنڌ آ هت يوسف ڪيئن وڪجن
توڙي سهن سختيون توڙي قيد ڪٽن
پوءِ بہ تات انهن سدا آهي سنڌ جي

هيءَ ڌرتي آ سنڌ جي هن کي آهي سلام
هڪڙو ڄام نہ آ هتي، ڄمندا ڪي ئي ڄام
هو شوءَ واري هام هٽندا رهندا هر طرف

ٻيجل شيخ اياز سر گهوريندا سيوري
سنڌ ڪري ٿي ناز تنهنجا ٻول ٻڌي ڪري

(۴ مارچ جي واقعي تي)

سنڌڙي منهنجا سارا ڳوڙها تنهنجا آهن

منهنجون دانهون منهنجون آهون تنهنجون آهن
منهنجا ساز ۽ منهنجا نغما تنهنجا آهن
منهنجو ماڳ بہ تون ئي منهنجو ياڳ بہ تون ئي
منهنجا مارڳ منهنجا رستا تنهنجا آهن
ڏينهن راتين جا اوجاڳا تنهنجا آهن
منهنجي بي خوابيءَ جا سپنا تنهنجا آهن

منهنجي جرئت منهنجي همت تولئہ آهي
منهنجي قوت منهنجي طاقت تولئہ آهي
پانهن ۾ جيڪو آ ٻل سو تولئہ آهي
منهنجي رڳن ۾ آهي جو رت تولئہ آهي
آءُ نماڻو آهيان آءُ نماڻو آهيان
سنڌڙي، جڳ جي ساري عظمت تولئہ آهي
هونءَ تہ اڙٻنگائيءَ جو انگ نہ آهي مون ۾
پوءِ بہ جيڪا آهي بغاوت تولئہ آهي

سنڌ جاڳي پئي
سنڌ جاڳي پئي

ڏس تہ ٻنين مان ڏاتا ايا تا ٽين
ڏس کھاڙين جا ڦر کيئن تا چمڪاٽ ڪن
چئني طرفن کان اجرڪ نظر تا اچن
سنڌ جاڳي پئي

هاٿي اڪڙين مان ڳوڙها ٽمن بند ٿيا
سوچ ڪنھن مان پرون تانجبي هاڻ ويا
هٿ ايا ٿيا اجھو وار ڀرپور پيا
سنڌ جاڳي پئي

ڳاڙهو آهي ۽ ڪٿو رتو ڪيس آ
نوجوانن جو رت سان رڱيل ويس آ
گھوٽ ڳاڙها جي تن جوئي هي ديس آ
سنڌ جاڳي پئي

اڄ ڪلنگي نہ آهي نڪو تاج آ
اڄ ويو تخت هر هڪ تي تاراج آ
آيو انسانيت جو هي معراج آ
سنڌ جاڳي پئي
سنڌ جاڳي پئي

# ترجما

ماک چِھر تي ڳوري ڳوري
رات اڃا آڌو آ ساري

ڀريو ڀريو هي بلوري پيالا
پيو پيو مئہ جا متوالا
رات سموري آهي پنهنجي
ماک چِھر تي ڳوري ڳوري
رات اڃا آڌو آ ساري

ماک اڏائي ڄاڻ اڏائي
رات وهائي ڄاڻ وهائي
ڀريو ڀريو هي بلوري پيالا
پيو پيو مئہ جا متوالا
رات اڃا ڀي آهي باقي

ماک چِھر تي ڳوري ڳوري
رات اڃا آڌو آ ساري

(چيني لوک گيت)

(١)

تـوڙي منهنجا شعر
هوا ۾ گم ٿيندڙ هڪ راز
پوءِ به جيڪو آءٌ چوان
سو آهي امر آواز

(٢)

شام جو تارو
اڀ جي سيني
تارن کان وڌ
آهي سهڻو

(٣)

پنهنجي وڻ سان
جيڪا آهي اجهل
جيڪا ڪوڙي
جيڪا مٺڙي
پيار جڏهن به چاهي مون کي
ڏلو ڪري ۽ ڏاهي مون کي
پنهنجي وڻ سان
ڪنهن ڪاريهر نانگ جيان

( سيفو -يوناني )

⊙

مان ديوتائن جي باري ۾ ڪجھ وڌيڪ ڄاڻان ٿو تڏهن بہ
اهو تہ سمجهان ٿو مان تہ دريا بہ ديوتا آ
هو ديوتا آهہ هڪ هٺيلو ۽ تند، ۽ ڪاوڙيل ۽ ميرانجهڙو
جو پنهنجي موسم ۽ پنهنجي غيض و غضب جو مالڪ تباهہ ڪن آ
جو ياد ڏياري ٿو اهڙيون ڳالهيون جي هر ڪو انسان
پنهنجي دل جي پٽيءَ تان ميٽي ڇڏڻ ٿو چاهي
هو منتظر آهي، ۽ ڏسي ٿو - ۽ منتظر آ
اسان جي دل ۾ درياھ آهي ۽ سمنڊ اسان ڪي وڪوڙي ويو آ
ڇنو پلا خاتمو ڪٿي آ
انهن رڙين جو
نہ جن ۾ آواز آهي ڪوئي

ڇنو پلا خاتمو ڪٿي آ
انهن ڳلن جو
سرءُ ۾ جي پنهنجي پنکڙين کي ڇڏن تا چاٽي
ڇنو پلا خاتمو ڪٿي آ
پڳل جهازن جي ڪاٺ تڪرن جو خاتمو آ ڪٿي
جي لهرن تي لڙهندي لڙهندي هليا هلن تا
ڪٿي بہ ڪو خاتمو نہ آهي
رڳو اضافو -
گهڙين ڪلاڪن ۽ ڏينهن راتين جو هڪ پٽي سان رڪيل تسلسل
اسان بہ ڳولي لڌو انهن کي

هٿا جي پل سور ۾ سمايل
(سوال هي ناهي سور پنهنجي غلط خيالن جو هٿا نتيجو، يا ڪن
غلط آسرن جو حاصل يا ڪن غلط ڳالهين جي ڊپ جو هيو نتيجو)
هي سور جون ساعتون مسلسل
اهي اتو مستقل جيئن وقت مستقل آ
اسان اها ڳالهه پنهنجي سورن کان ٻي ٻليءَ پٽ ٻين جي سورن
۾ سمجهندا سين،
انهي ڪري جو اسان جو ماضي
ڪرم جي ڏارا ۾ گم ٿيل آ
مگر اهو سور جو ٻين جو آ سو به هڪ تجربو آ اهڙو
جو غير مشروط آهي
۽ جو ڪڏهن به فرسوده ڪين ٿئي ٿو

هي ماٺهو منجي وچن تا، مرڪي به ڏين تا ليڪن
رهي ٿو موجود سور ساڳو
جو پنهنجي لهرن ۾ ساوٽيءَ جي درياهه وانگر
وهائي ٿو لاش لڙ ۾ پنهنجي ڪکن پنن جان:
سو وقت قائم به آهي جيڪو تباهه ڪن آ.

ڪڏهن مان سوچيندو آهيان ٿا - اهوئي مطلب ڪرشن جو هئو
ته گيت مانو آ وقت ايندڙ
انهن جي لئه جي اچا ته پڇتاءُ لاءِ چاوا به ڪين آهن
۽ آهي پڇتاءُ ڳاڙهو گل سو
رکيل جو آ هڪ ڪتاب اهڙي ۾ ورق پيلا انهي جا،
اڄ تائين ڪنهن به کولي ڏنا نه آهن

اچا به اڳتي مسافرو -

ها اجا بہ ماضيءَ کان اڳتي پڄجو
تو هان سيٽي ڪنهن بہ خاص آئندي جي طرف ڪين ٿا وڃو پر
اجا بہ اڳتي وڌو -
او هين - جيڪي پاڻيو ٿا پاڻ ڪي سفر ۾
او هان اهي ڪين آهيو جن ڪنيا هٽا لنگر
ڏٺو هو بندر ڪي پٽتي هٽندي
يا جيڪي لهندا پرئين ڪناري

ڪريو سيٽي آئيندي ۽ ماضيءَ ڏي ڏيان يڪسان
جو هن گهڙيءَ نبض وقت جي بيهجي وئي آ
پنهي ڪنارن جي وچ ۾ ڪوئي بہ وقت ناهي
هي پل ڪرم يا تہ نہ ڪرم جو نہ آهي،
ڄاڻو ،تہ موت جي وقت جنهن بہ نقطي تي ذهنِ انسان چميل
رهي ٿو
اهوئي آهي ڪرم نسورو
۽ موت جو لحظو هر گهڙيءَ آ
اهو ڪرم ، جو ٻين جي لڏ ڦر جهليندو آهي،
ڪرم جي ڦل جو نہ سوچيو پر اجا بہ اڳتي وڌو او ساٿي!

مسافرو مانجهيو - ها! اجا بہ اڳتي
او هين جي ڪنهن گهاٽ تي وڃو ٿا
او هين بہ ،جن جا هي جسم خاڪي سمونڊ جي فيملن ڪي سهندا
يا جيڪي پي ڪجھ او هان سان ٿيندي - اهائي هوندي
او هان جي منزل
چيو هو ارجن ڪي ڪرشن ميدان جنگ ۾ ايئن -
تہ "ناهي ڪا الوداع - اڳتي وڌو"

ٽي - ايس - ايليٽ (امريڪي)

کيڏي ڳوري آ زمين
کيڏي ڳوري آ زمين

هر ڪنهين انسان کي پنهنجي ڪلهن تي پنهنجو بار
هر ڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ آ مصيبت سان دوچار
بار مُردن تي رڳو ڪي مڻ مٽي
آهي پر جئرن جي لئہ ڌرتي سڄي
سارو گولو آهي جئرن جي پٺن تي هاءِ هاءِ -
ائٽلس - او ائٽلس! آهيون اسان سڀ تنهنجا يار
بيشمار آهيون اسين ۽ بيڪران ۽ بي ڪنار
هاءِ هي ڌرتيءَ جو بار
هاءِ هي ڌرتيءَ جو بار!

هيءَ ڌرتي آ اڪيلي، هيءُ گولو آهي هڪ
پوءِ بہ هر ڪنهن کي اهو ڪٿڻو الڳ آ - هر پلڪ
ننڊ جي گهرائين ۾ بہ يي ٿئي محسوس تڪ

(جو تہ ننڊ ۾ بہ يي اسان تي بار ڌرتيءَ جو مٿان)
چپچندو رهندو آ ان بوجي کان پنهنجو جسم يار
هاءِ هي ڌرتيءَ جو بار -
روز جي معمول کان ڳوري لڳي ٿي هيءَ زمين

جنگ جي دوران ۾
۽ اسان پنهنجي ٽڪل ٻانهن ۾ ان جي درد کي
ڇاٽيندي هردم، ٻڌون ٿا ان جي آهه سرد کي،
درد جون دانهون سندس عرشين اڏن
۽ خلائن ۾ ڪيو واڇٽوڇن
پر اسان کي هيءَ ڏرتي - درد جو گولو ڪٽي
اڳتي وڌڻو آ اڃا
اڳتي وڌڻو آ اڃا
جيئن اهو 'اڄ' کان وڌي
اڳتي - 'سڀاڻي' ڏي هلي

جوليس سپروائيل (فرينچ)

◉

اڻ ڄاتا آواز - اجنبي ساز ،
ڪرين ٿو منهنجو پيڇو !

ڪيڏن شهرن ۾ هر وار
ڪارين راتين ۾ ڪئي بار
سڏين ٿو ، ساز
ڪرين ٿو منهنجو پيڇو -

تنهنجو هڪڙو پيچل آهي
يا سڀ جا جڪ توکي ڇيڙن
آهي اهو بہ راز
اجنبي ساز!

شهرن جي شورن ۾ ماڻهو
تنهنجي سهاري سوا حياتيون
وقت جي بحر ۾ غرق ڪرن ٿا ليڪن
تنهنجون تانون ، مڌر سريليون
مون کي ڪناري آڻينديون

پاڙي وارو منهنجو هميشه
تنهنجون تارون ڇيڙيندو آ
مون کي ياد ڏياريندو آ
هيءَ حياتي گهوري آهي
هر ڪنهن بار ڪأن وڏ گهوري!
اڻ ڄاتل آواز
اجنبي ساز

رائنرميريا رلڪي (جرمن)

◉

هن دنيا ۾ جتي جتي ڀي ، جو روئي ٿو
بنا سبب جي ڪو روئي ٿو
منهنجي لئہ روئي ٿو

هن دنيا ۾ جتي ڀي جو ٻہ کلي ٿو
بنا سبب جي ڪو ٻہ کلي ٿو
منهنجي لاءِ کلي ٿو

هن دنيا ۾ جي ڪوئي ڀي ڪنهن طرف وڃي ٿو
بنا سبب جنهن طرف وڃي ٿو
مون ڏي ئي تہ اچي ٿو-

هن دنيا ۾ جي ڪوئي ٻہ ڪٿي ٻہ مري ٿو ،
بنا سبب جي ساهہ ڏئي ٿو
مون ڏي ئي تہ ڏسي ٿو

رائنر ميريا رلڪي (جرمن)

◎

نفرت کان ۽ تعصب کان
گھٽ مٿاھون آھيان مان
ڪنھن کي ڌڪاري ڪين سگھان

ھيءُ خدائي دسترخوان
ھي نعمت سان ڀريل جھان
سڀڪو کائي پيٽ ڀري
ڪوئي ھتڙي بک نہ مري

پر ھيءُ مانيءَ جو ٽڪرو
منھنجي ھٿ ۾ آھي جو
منھنجي ٻچن جي لئہ آھي
ٻئي جو ان تي حق ناھي

(مرڪزي خيال، آسٽريليا جي
شاعره ميري گلمور جي نظم تان)

# تو ڏانهن

اجنبي
جي واٽ ويندي
تون مون کي ملين،
مون سان ڳالهيون ڪرڻ جي گهرين
ڇو نہ تون مون سان ڪرين
ڇو نہ مان توسان ڳالهيون ڪريان

والٽ وٽمئن (امريڪي)

# ٤

# سچ تري ۽ هيٺان

(١٩٧١ع کان ١٩٧٧ع تائين)

پهريون ڇاپو. ١٩٧٧ع
پبلشرس: نذر سنز (لميٽڊ)
حيدرآباد سنڌ.

الطاف ۽ شوڪت جي نالي۔

ايسي باني بوليئي مـن کا آپا کوءِ
اپنا مـن سيتل هوئي اورون کو سُک هوءِ

- کبير ڀڳت

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ١- ڪوتا مارڳ- پٺون پير .... امداد حسيني | ١١ |
| ٢- عڪس | ١٩ |
| ٣- تون بي انت | ٢٠ |
| ٤- تو مون کي مُرڪي ڪيڪاريو | ٢١ |
| ٥- مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون | ٢٣ |
| ٦- حيدر بخش جتوئي | ٢٤ |
| ٧- او سهڻا اسان نينهن لائي به ڇاٺون | ٢٥ |
| ٨- هيءُ جو ڪنهن جي پار ڏاهو ڪاڏو | ٢٦ |
| ٩- ڪوئي نه ڄاڻي ڪنهن جا آهيون | ٢٧ |
| ١٠- اڃا به جاڳندا رهو | ٢٨ |
| ١١- تون هجين ڪير يي مان هجان ڪير يي | ٢٩ |
| ١٢- ڦڙ ڦڙ مينهن وسي | ٣٠ |
| ١٣- ڪيڏارو (داستان ٽيون) منهنجي علم ڪتاب کي، ساڙيلن ساڙيو | ٣١ |
| ١٤- ڪيڏارو: پڙ کي پڙ کي باهه (وائي) | ٣٣ |
| ١٥- البيلي اڙهنگ نشيلي جيڪا سندر ناري آهي | ٣٤ |
| ١٦- پڏون ٿا ته هيءَ رات آ مستقل | ٣٦ |
| ١٧- هيءُ جو سچ اپريو آهي | ٣٧ |
| ١٨- ڇا آهي هن پار - نه ڄاڻان يار | ٣٨ |
| ١٩- مان مرندو ناهيان مان جڳ ۾ ور ور ايندو آهيان | ٣٩ |
| ٢٠- پنهنجا سور سياڳا آهن | ٤٠ |
| ٢١- هاءِ اڄ جي رات ڪهڙي رات آ | ٤١ |
| ٢٢- سوکي منهنجي سڪ | ٤٢ |
| ٢٣- او تنوير اسان ستلن جي ننڊ ڦٽائڻ آيا آهيون | ٤٣ |

٢۴ - نہ ڏس آسمان ڏي ۴۴
٢۵ - وري شعر تنوير نازل ٿين ٿا ۴۵
٢٦ - ڏسي مٽيءَ جو مان فلڪ حيران ٿيو ۴٦
٢٧ - من اڏري آڪاس ۴٧
٢٨ - موت نہ آهي مات اسان لئہ ۴٨
٢٩ - راڳي ناهيان آهيان راڳ ۴٩
٣٠ - سارو ڳوٺ ڳھرجي ويو آ ساري خلق ستي پيئي آهي ۵٠
٣١ - اکڙيون کيئن اڙيون ۵١
٣٢ - چٽ پراوا کين وٽن ۵٢
٣٣ - تون جي چپ ٿي وئين تنوير تہ ڪو بہ نہ شعر پڙهائيندو ۵٣
٣۴ - ڪيڏارو ۵۴
(داستان چوٿون) ڪيڏا ڪيڏارا ڳايان پنھنجي سنڌ لئہ
(شهيد عبدالرزاق سومري جي عقيدت ۾)
٣۵ - جتي گهڙون اُت آهي گهيڙ ۵۵
٣٦ - لڪي لڪي چو پيئو ٿا ۵٦
٣٧ - تون جو مون ڏانهن ائين نهارين ٿو ۵٧
٣٨ - صبح آيو ۽ اميدون آسرا جاڳي پيا ۵٨
٣٩ - مارڳ منجھ مران ۵٩
۴٠ - هيءُ طلسمِ سامري ٦٠
۴١ - روز مکڙيون ٽڙن ٦١
۴٢ - ڳجهون ڏين ٿيون لامارا ٦٢
۴٣ - روز نئون سج روز نئون چنڊ ٦٣
۴۴ - هاڻي آءُ نہ سولي چڙهندس ٦۴
۴۵ - رت ۾ ڪهڙو مانجهاندو ٦٧
۴٦ - هڪڙي سندر سپني تان ٦٨
۴٧ - جا وک چاوين سا وک اڳتي ٦٩
۴٨ - تون چا آهين ٧١
۴٩ - ڪيسن هلندين سونهان - مون کي ٧٢
۵٠ - اسان جو قلم محترم آ ٧٣
۵١ - هيٺ ستارا مٿي ستارا وچ ۾ آهي چنڊ ٧۴
۵٢ - ارڙهن ٽيڙو ٧۵

٥٣ - روش تي زماني جي اندر ٻري ٧٩
٥٤ - جيڪو آ سوراڻتو ٨٠
٥٥ - سچ ترڻ هيڻان لڪي ويو ٨١
٥٦ - اک اڙائيندا گهٽا ۽ نينهن لائيندا گهٽا ٨٢
٥٧ - آءُ وري ٨٣
٥٨ - نوان سچ چٻا ٨٤
٥٩ - مون وٽ اچ مون وٽ اچ ٨٥
٦٠ - جوت جلڻ سان آهي ٨٦
٦١ - شعر لڪان ٿو ٨٧
٦٢ - تنهنجو جي نام اچي ٨٨
٦٣ - ڀڃري مان نڪرڻ گهرجي ٨٩
٦٤ - هيءَ پاڇن جي حقيقت ٩٠
٦٥ - ڏاهو توڙي ٻورو ماروئڙن کي شال وڻان ٩١
٦٦ - هو جيڪو گل کالهه ٽڙيو هو ٩٢
٦٧ - بند ڪمرو ٩٣
٦٨ - ٻيلائين سان ٻول منهنجو ٻيلائين سان ٻول ٩٤
٦٩ - او تنوير اجا ٻه گهٽائي جيئڻ لاءِ سهارا آهن ٩٥
٧٠ - جي منهن مٽايو مري وياسين ٩٦
٧١ - چم چم چم چم چمڪي چير ٩٧
٧٢ - پنڌ آهي پري ٩٨
٧٣ - سياري ين چٽن ٩٩
٧٤ - ماضي سچ ڪڙو ڪو ١٠٠
٧٥ - تچ جي گوهي جيان ١٠١
٧٦ - ڪيستائين مجاز جون ڳالهيون ١٠٢
٧٧ - تون ياد اچين ائين جيئن هير گُهلي تي ١٠٣
٧٨ - ڪيتريون سهٽيون صورتون ١٠٤
٧٩ - سوکهڙي تي ساوڪ آئي ساوڻ مينهن پيا ١٠٥
٨٠ - مون تو کي هٿ ڏنا ١٠٦
٨١ - کهڙا گهيڙ ڏسون ١٠٧
٨٢ - گهٽين ۾ رلون تا ١٠٨
٨٣ - هيءُ ڪنهن جو لاش آ ١٠٩

# ڪوتا مارڪ- پٿون پير

(" سج تري هيٺان" جي پهرئين ڇاپي جو مهاڳ)

ڪوتا - مار ڳ تي پٿو ن پير ن سان هلندي ، رندن مٿي رت هاڻا پيرا ڇڏيندي ، تنوير ڳچ دڳ لتاڙي آيو آهي. "جوت جلندي رهي" (شعر) کان "اجا بہ جاڳندا رهو" (ص ) تائين ، انهيءَ اونداهيءَ کان روشنيءَ ڏانهن واري سفر ۾ ، جڏهن تہ تنوير جا ڪيترائي ساٿاري يا تہ موٽي ويا آهن يا ماڳهين دڳ ئي ڀلجي ويا آهن ، تڏهن تنوير نہ رڳو اجا ٿڪو ناهي ، پر وک وڌائي رکڻ وارو اتساهہ ڀريو لهجو ڪٺي آيو آهي ۽ اها اُتساهہ ڌارا "رڳون تيون رباب" ۽ "شعر" کان ويندي "سج تريءَ هيٺان" تائين ڦهلي پيئي آهي. انهيءَ کان ورجاءُ مقصد مور ڪونهي ، ڇاڪاڻ تہ نئين لوڪ ڪلاسيڪل يگ ۾ اهائي اتساهہ ڌارا ڌوڪيندي وهي رهي آهي. تنوير روايتي ورجاءُ کان پاڻ وانجهيل رکيو آهي. تنوير جي شاعري انهيءَ بند ڪمري جي شاعري ناهي ، جنهن ۾ ڪوريئڙن پنهنجا ڄار اُڻي ڇڏيا آهن ۽ ڪنهن موضوع جي مک جهنڊڻ جي او سيئڙي ۾ آهن.تنوير جي شاعري کليل ميدانن جي شاعري آهي نيارن پنڌ ۽ پيچرن جي شاعري آهي ، لتاڙيل رستن تي پير ڌرڻ جو هو ڪڏهن بہ قائل ناهي رهيو :

جن تي ڪوئي پيرو ناهي سي ئي منهنجا چارا آهن

(ص ٩٥)

رائي ڪي رت سان رڱي ڪنهبي ڪرڻ جو ساهس اجا منجهس و ساڻو ناهي :

تنوير سُرن، ۽ رنگن جو ڪوي آهي. هن جا سُر ڏيما ضرور آهن پر ٺٺل ڪٿي بہ ناهن. تنوير جا سُر سٺ جي سَريءَ ۾ پوتل آهن، ۽ انهن ۾ اجهل رواني آهي :

اڌ اونداهي اڌ سوجهرو
ڏيما ڏيما ساز
اڌ چپ اڌ آواز

تنوير وٽ پوپٽن جي پرن جا رنگ آهن :

شعر لڪان ٿو
جڻ مان ڪو پوپٽ پڪڙيان ٿو

تنوير جي شاعريءَ ۾ هڪڙو رنگ (اُداسي) ضرور آهي، پر ڪارو (نراسائي) رنگ هُن وٽ ڪٿي بہ ڪونهي. (ڪيڏاري ۾ بہ نہ.) وٽس گهور انڌيرن ۾ بہ وچ جا وراڪا آهن :

جرڪيو اهڙيءَ ريت
اوندھ ۾ جڻ ڪا ڪِنوڻ
منهنجو روشن گيت

تنوير جا چارا پهر جي پور سان چانيل ضرور آهن، پر اها 'ماڳ' ڏانهن ويندڙ واٽ ئي تہ آهي :

چٽيو پهر جو پور
چارو پيلو ٿي ويو
وچٽو پوءِ بہ دور

(ص ٧٦)

ڏينهن رات جي وچ تي هڪ ليڪ آهي : شام هرويرو بہ من ۾ اداسي پري ويندڙ. ص ١٩ جي رچنا 'عڪس' ۾ بہ شام جي تاري جو ايرڻ، اداسيءَ کي جهڪو ڪريو ڇڏي ۽ سمورو ڏيان ڳوٺائي شام جي مڌر رنگ عڪسن ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي :

ڳاڙهاڻ وٽن تي چانئي آ
هو شام جو تارو نڪتو آ
۽ ٻارن راند ڦٽائي آ

ان رچنا ۾ تنوير ڪاريگريءَ ۽ مهارت سان 'مذررنگ جوت' عڪس کي جهنيو آهي. شفق رنگ دز، ڏنارن جي جهونگار، ٽلين جو سنگيت، سڀ الڳ الڳ هوندي به پاڻ ۾ رلمل ٿيا سن، ۽ رنگ، سر ۽ روشنيءَ جي اڻت جي تسلسل سان، تاثر جي وحدت قائم ٿيندي وڃي:

ڪانڊيُون ڪائيون چُلهِ مَنجھ ٻَرنِ
۽ ٿئو اِنهيءَ تي ڪِلي پيو،
ڪي ڪومل هٿ گهڙن ماني،
۽ چوڙيون ڇڻڪن ڇن ڇن ڇن.

هتي هڪ ڳالهه چٽي ڪري ڇڏيان ته تنوير کي سُريلي شاعر Lyrical Poet سڏڻ مان سڳن آهوجا جي اها مراد پٽيءَ ڪينهي، ته ڪو تنوير جي شاعريءَ ۾ سُر معنا تي ڇانئجي ويا آهن، ۽ معنا پس منظر ۾ هلي ويئي آهي.

نئين شاعريءَ جي ست رنگي سُر ريکا ۾ تنوير جو ڪهڙو ۽ ڪيترو رنگ آهي، اهو ته هڪ الڳ مضوع تي سگهي ٿو، پر سڳن آهوجا، تنوير جي شاعريءَ جي هڪ اهم ڳڻ ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي دراصل اهو سنڌي ٻوليءَ جو ڳڻ آهي، ۽ اهو ڳڻ آهي ٻوليءَ جي سُر لتا:

مذر مذر هئي سانت ائين، ڄڻ ڪيئي ساز ڇڙيا
توسان نينهن ٿيا

تنوير ڏاڍيءَ ساڃاهه سان سنگيت ميه لفظن کي لڙيءَ ۾ پوتو آهي. پر اهي مڪيل چڪيل يا Ready Made هر گز ناهن. نه ئي تنوير انهن کي ٺهيل ٺڪيل گهاڙيٽن ( Forms ) ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

يا ڪنهن واچوڙي کي
پنهنجي مٺ ۾ بند ڪريان ٿو
شعر لکان ٿو

( ص ٨٧ )

تنوير کي پڙهڻ سان اهو ويساهه ٿو جاڳي ته 'لفظ' کي جيڪڏهن من جي سچائين سان ڇهجي ته اهو سُر بڻجي سگهي ٿو:

وقت جي لهرن تي هر جُڳ ۾
لڙهندي آهي لات
اسان لئہ موت نہ آهي مات
(ص ۴۸)

کهڙيون کهڙيون ڳالهيون منهنجي ڳوڙهن سان ڳڙيون
اڪڙيون ڪيئن اڙيون
(ص ۵۱)

هڪ وڏي شاعر جي حيثيت ۾، ٻوليءَ جي انهيءَ ڳڻ سان تنوير جي ڄاڻ سڃاڻ تمام گهري ۽ پراڻي آهي، پر هو ان کي هڪ هٽيار طور ڪتب آڻي ٿو، چلڪندڙ ڪوڪلن لفظن جي ميڙ ڪٺي ڪرڻ ۾ هن جو ڪوبہ چاهہ ناهي. تنوير وٽ ٻوليءَ جي اهميت صرف هڪ واٽ، هڪ وسيلي واري آهي ۽ بس. ۽ ان جي ڪارائتي ۽ بامقصد واهپي جي اهميت کان تنوير پوريءَ ريت باخبر آهي:

جتي گهڙون اُت آهي گهيڙ
جتان وڃون اُت آهي واٽ
جتي ٻرون اُت آهي لاٽ
هر ڪنهن بن ۾ پنهنجي ٻوءِ
چلي پوي ٿي چپرين چاٽ
(ص ۵۵)

تنوير جي شاعريءَ ۾ سر ۽ معنا هڪٻئي ۾ لين ٿي ٿا وڃن. لوڪ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي گهري اپياس، ڪلا جي بنيادي ڪاريہ سان سچي رهڻ، ۽ تجربي جي لڳاتار جوکم کڻڻ سان ئي اهو ڪارنامو سرانجام ڏيئي سگهجي ٿو:
ڏسي مٽيءَ جو مان فلڪ حيران ٿيو
تارا: يءَ جي هڪڙي پڙ ۾ وجهجن ٻئي جهان،
ڳرو انسان ٿيو
(ص ۴٦)

تنوير کي اسين انساني عظمتن جو شاعر چئي سگهون

۽ تون انھن ھٿن کي
گھڙيءَ گھڙيءَ ۽ ھر ويلي
دعا جي لاءِ کڻين
(ص ١٠٦)

جنگ، انسان جو انسان ھٿان وڏي پئماني قتل عام جو
ٻيو نالو. پوءِ چاھي اھا کھڙي به مقدس نالي ۾ لڙي ويئي ھجي.
انسان، جيڪو خلقڻھار جي سڀ کان اعليٰ تخليق آھي ص١٠٩ - ١١٠
واري رچنا، ان جي موت جو آفاقي نوحو آھي:

مات ٿيا سين تون ۽ مان
مات ٿي انسانيت
سر جهڪائي شرم کان
بيٺي آ رحمانيت

## ڪيڏارو

ڪيڏاري جي رت ريکا کي تنوير ھاٿوڪي يگ تائين کڻي
آيو آھي. 'شعر' ۾ ڇپيل ڪيڏارو ۴مارچ جي جوڌن کي سلام
ھو. 'سج تريءَ ھيٺان' ۾ ڇپيل ڪيڏاري جو داستان ٽيون
سنڌالاجيءَ جي سڙڻ واري سانحي بابت آھي:

رسالو سڙندو ڏسي، مُرڪيو ڀٽ جو گھوٽ
سڙي نه سگھندي سنڌڙي، چڙھندي ويندي چوٽ
ڀيرو ڳاڙھا گھوٽ، جنھن لئه سر صدقي ڪندا
(ص ٣٢)

انھيءَ سانحي کان پوءِ سڄي سنڌ جاڳي پيئي ھئي. ۽
ان سجاڳيءَ سنڌي قوم ۾ پنھنجي علم ۽ ادب، ٻوليءَ ۽ سيتا
جي بچاءَ لاءِ پاڻ ارپڻ وارو جذبو پيدا ڪيو:

شعلا شعلا چوطرف
روشن ٿي وئي راھ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ

۴ مارچ جي يُدَ وانگر سنڌالاجيءَ جو سانحو به، اسان

جي اکين آڏو ٿي گذريو آهي. اهي اتهاس جون ٻه اهم ڪڙيون زنجير نه ٻڌجي سگهيون ته اها هڪ الڳ ڳالهه آهي. ڪيڏاري جو داستان چوٿون شهيد عبدالرزاق سومري جي عقيدت ۾ چيل آهي، جنهن جو خون لئي مٽي ڪيو ويو، پر ان شهيد جي ريٽي رت سڳنڌ امر آهي:

سر گهوريو جنهن سنڌ تان، مري نه سگهندو سو

(ص ٥٤)

بند ڪمري جي گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾، (جنهن ۾ ٻاهر متحرڪ ڏيک، اولهائين شيشي مان ڏسي ته سگهجن ٿا، سواءِ سج ايرڻ جي، ۽ ٻاهر رنگ آهن بنا خوشبو جي، ٽارين تي ٽپ ٽپ ڪندڙ پکيئڙن جي لات شيشي ڪي اورانگهي نٿي سگهي) تنوير ڪي پڙهندي، ائين ڀاسيو ڄڻ هوا جو سڳنڌت تازو جهونٽو تاڙيون طاق ڀڃي تن من مهڪائي ويو هجي:

اوچتو ڪنهن حرڪتي چوڪر
ڪٽي پٽر هنيو:
شيشو ڀڄي پيو،
خوشبو اندر ڏوڪي وئي.

(ص ٩٣)

امداد حسيني

# عڪس

هوءَ رئي اڏائي رستن تي ،
هو ڳوٺن ڏي ڏٺ موٽن ٿا.

دز رنگ شفق سان ڳاڙهي آ ،
پڌجي جهونگار ڏنارن جي ،
سنگيت ٽلين جي ساڻ ڏئي ،
هوءَ رئي اڏائي رستن تي.

سج اڌ ٻيءَ ۾ آيو آ ،
ڳاڙهاڻ وڻن تي ڇانئي آ ،
هو شام جو تارو نڪتو آ ،
۽ ٻارن راند ڦٽائي آ.

ڪانڊيون ڪائيون چلهه منجهه ٻرن
۽ ٽئو انهيءَ تي ڪلي پيو ،
ڪي ڪومل هٿ ڳهڙن ماني ،
۽ چوڙيون ڇڻڪن ڇن ڇن ڇن.

چونئرن جي ڇت منجهان دونهون ،
اپ ڏانهن ويو وٽ ڪائيندو.

# تون بہ انت

تون بي انت،
مان بي انت.

جي ناهي تنهنجو ڪوئي حيه،
تہ ناهي منهنجو ٻي ڪو ڏيه،
نہ تنهنجي رمزن جا اهڃاڻ،
تہ آهي اڻ ڪٿ منهنجي ڄاڻ،
جي تنهنجو آر نہ ڪوئي پار،
تہ لاحد آ منهنجو ويچار،
جي اڻ ڪٿ تنهنجي جڳ جا راز،
تہ منهنجي سياڻپ بي انداز،
ملي آ مون کي تنهنجي لوچ
تي ڳولي توکي منهنجي سوچ
نہ تون لڀندين،
نہ مان لهندس.
مان ڪلونت،
مان بي انت،
تون بي انت.

◎

◎

تو مون کي مرڪي ڪيڪاريو،
قرب منجهان صوفي تي وهاريو.

تنهجيون خوني خماري اکڙيون
تن ۾ ڪجل جون ڪاريون ليڪون
۽ ڇپرن تي نيل ڪمل جان
هلڪي نيري رنگ جون جهلڪون
تنهنجي ڳلن تي هلڪي لالي
تنهنجي چپن تي هلڪي لالي
تنهنجي وارن ۽ ڪپڙن مان
خوشبو جو دريا اٿلي پيو
تنهنجيون ڇاتيون آتيون آتيون
سوڙهو چولو ڇاڻ ته ڦاٽو.

مان صوفي تي ويٺو سوچيان
تنهنجي اکين ۾ آ جو نشو
اهو ڪجل جي ليڪن ۾ آ
يا سچ پچ اکين ۾ آ سو.
تنهنجي ڳلن جو روپ آ ڪهڙو
تنهنجي چپن جو رنگ آ ڪهڙو
هيءُ ته روج لپسٽڪ آهي
ان جي پردي پويان ڇا هي؟
منهنجي دل تي ڇاهي ڇاهي

◎

ميڪ اپ جا سارا تہ لاهي
تنهنجي بت جي خوشبو ماٽيان
۽ هي ڄاڻان ۽ هي ڄاڻان
عورت جي خوشبو ڇا آهي.
۽ جو تو مرڪي ڪيڪاريو
قرب منجهان صوفي تي وهاريو
ڇا هيءُ قرب تصنع آهي؟
ڇا هيءَ مرڪ بہ ميڪ اپ آهي؟
پنهنجي چپن تي سرخيءَ سان گڏ
منهنجي لئہ تو لاتي آهي.

◎

◎

مضبوط جھوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون،
سو ڏينھن آھ ويجھو ٿينديون ايون ڪھاڙيون.

اوگھڙ جتي اٿون ٿا ۽ بک جتان لٿون ٿا،
ڏيون ٻاھ مل انھيءَ کي، اھڙيءَ ٻنيءَ کي ساڙيون.

جيون جو ڳاھ ڳاھي، بي سود ھر کي ڪاھي،
ڪيڏو پگھر ڳڙيو آ اڄ ات ترت ھاريون.

اوچيون رڪون ھي لاٿون ھي مشعلون ڏياٽيون،
پنھنجن لئہ روشنيون ۽ دشمن جي لئہ اماڙيون.

◎

# حيدر بخش جتوئي

زندگي جدوجهد اڻ ٽڪ سفر ،
زندگي محنت ڪنهين هاريءَ جو هر.

بي سبب محنت نہ جنهن جو انت ڪو ،
زندگي قربانين جو معرڪو.

زندگي حيدر جي پيڙا جان عظيم ،
ڪهڙي شيءَ آ دردان جي ڪان عظيم ؟

زندگي بي قل چڱائي آھ ڪا ،
جا ڪرم ۾ پي پاڻ قل ۾ پي پاڻ آ.

خلق جي خدمت کان وڌ ڇا زندگي ؟
زندگي بي بندگي تا بندگي.

◎

◎

او سهٽا اسان نينهن لائي بہ ڇاٿون ،
ڪري ساھ صدقو نيائي بہ ڇاٿون.

پتنگن جيان پاڻ ٻارڻ اچي تو ،
وڇن مثل گهر گهر جلائي بہ ڇاٿون.

اسان پاڻ ٻيجل اسان ڏياچ خود ئي ،
صدا ٻي هٿون سر وڃائي بہ ڇاٿون.

ورائي سگهون ٿا اگر سنڌ پنهنجي
تہ جنت انهي کي بنائي بہ ڇاٿون.

او تنوير ڳائڻ تہ هرڪوئي ڇاڻي ،
اسان سوز ان ۾ سمائي بہ ڇاٿون.

◎

هيءُ جو ڪنهن جي ٻار ٽاٻو ڪاڏو ،
هيءُ جو رت وهيو ۽ ڳاڙهو ٿيو چولو ،
هيءُ جو چپ ڪي چير آيو سور ٿيو ،
هيءُ جو ڏند ڀڳو ۽ ان مان رت وهيو ،
هيءَ جا ڪائي چيٽ مَن ڪي چيري وئي ،
هيءَ جا لڙڪن لار ڳل تان ڏيري وئي ،
هيءُ جو ڪنهن جي سڏڪن منهنجو هانءُ چنو ،
هيءُ جو ڪنهن جي لڙڪن سان هيءُ پاند ڀنو ،
ڀانيم منهنجي ٻار ٽاٻو ڪاڏو -
هيءُ جو ڪنهن جي ٻار ٽاٻو ڪاڏو .

◎

کوئي نہ ڇاڻي ڪنهن جا آهيون،
سڀ هڪ ٻئي جا پنهنجا آهيون.

هيءُ جڳ ڇاهي ڇا جي ڳُتي،
پاڻ تہ پيار ونڊيندا آهيون.

آدم حوا جت ٻئا هئا،
پاڻ اتي ئي ٻئا آهيون.

پن ۽ گونچ ۽ مکڙيون آهيون،
ڇڻندا آهيون، ڦٽندا آهيون.

بيهي ڏسندو رهندو آ جڳ،
پاڻ تہ وڌندا رهندا آهيون.

◎

اجا بہ جاڳندا رهو،
اجا بہ جاڳندا رهو.

احيا تہ وقت پرخطر ٽريو نہ آ ٽريو نہ آ،
احيا سٺائو واءُ ڪو وريو نہ آ وريو نہ آ،
اجان بہ جاڳندا رهو.

اجا تہ رهزنن جي منهن تي رهبريءَ جو آ نقاب،
اجا تہ دشمنن جي منهن تي دوستيءَ جو آ نقاب،
اجا بہ جاڳندا رهو.

نيا وجو تا جنهن طرف اتي سموري سچ آ،
اجا تہ ماڳ آ پري ڏسو تا جا سا رچ آ،
اجا بہ جاڳندا رهو.

اجا بہ رات فتنہ گر اجا پري پري سحر،
اجا نہ منزلن جو ڏس اجا پري آ رهگذر،
اجا بہ جاڳندا رهو.

متان تي يورڙا اوهان يلي پٺو يلي پٺو،
متان اوهان جي اک لڳي ويي اوهان سمهي پٺو،

اجا بہ جاڳندا رهو.
اجا بہ جاڳندا رهو.

◎

تون هجين ڪيريي مان هجان ڪيريي،
پو ٻه هڪ ٻئي لئه آهيون نه ٻئي اجنبي.

نانءُ تنهنجو ته آهي الائي ٻه چا،
منهنجي نالي جي توکي خبر ڪين آ،
ذات تنهنجي آ ڪهڙي مان ڄاڻان نه تو،
ڪرت ڪهڙي آ منهنجي نه توکي پتو،
پوءِ ٻه تنهنجو ۽ منهنجو آ ناتو پڪو.
پوءِ ٻه ڳانڍاپو آهي ٽيو قرب جو،
درد آ تنهنجي ۽ منهنجي دل کي ڳنڍيو،
درد ڌرتيءَ جو درد ڌرتيءَ جو.
درد جيڪو آ هر دل ۾ جو عام آ،
درد جنهن ساڻ ٽمٽار هر جام آ،

جنهن جي دل ۾ اهو درد آ سو اچي،
وک اسان سان ملائي ۽ اڳتي وڌي،
ان طرف جت سيئي درد جرڪي پون،
درد وندن جا چهرا ٻه ٻهڪي پون.
تون هجين ڪيريي،
مان هجان ڪيريي.

◎

◎

ڦٽ ڦٽ مينهن وسي،
اکڙين ۾ آلاڻ ڇو،
ڪوئي ڪين ڏسي.

سڪ ايندا ويندا پيا،
وهندا رهندا روز،
پاڻيءَ مٿي ڦوٽڙا،
ٺهندا ڊهندا روز.

ڪرڙن ۾ ڪنڊا گهڻا،
پڪا پسيون ٽورا،
توڙي ڦٽجن آڱريون،
ته به نه رهن ڇورا.

ماڻهن ماڳ ته ڪو نه آ،
جي جڳ ۾ آيا،
ڦاٽيون اک جون انبڙيون،
اک ٽٽڙا اڏريا.

◎

# ڪيڏارو
(داستان تيون)

منهنجي علم ڪتاب ڪي، ساڙيلن ساڙيو،
پنهنجو منهن ڪارو، ان جي دونهين سان ڪيئون.

باهه نه ساڙي علم کي، علم ته خود ئي آڳ،
وڏندي رهندي سنڌڙي، هر پل پنهنجي ماڳ،
تن لئه آهي نياڳ، جيڪي روڙا راهه جا.

ڪتابن ۾ ڇاهه، دل دل دفتر درد جو،
باهه نه ساڙي علم ڪي، جيڪو ان ۾ آهه،
من من ۾ آڙاهه، دل دل ۾ دونهون دکي.

سنڌالاجي ڇا سڙي، چڻ روشن ٿي وئي واٽ،
پر ندي رهندي لاٽ، جاهل علم نه ٿئي فنا.

الا ڪر جيئن، شل عمر وڏي تن کي ملي،
کلندي وڏندي ويجهندي، پلي سنڌ ڏسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهي ساڙ ۾.

رسالو سڙندو ڏسي، مرڪيو پٽ جو گهوٽ،
سڙي نہ سگهندي سنڌڙي، چڙهندي ويندي چوٽ،
گهرو گهاڙها گهوٽ، جنهن لئہ سر صدقي ڪندا.

ويري ماري جڪ، آڏو منهنجي علم جي،
ساڙن تا جيڪي پوي، تن جي منهن ۾ رک،
محبت جن جي من ۾ تن جا ڪک بہ لک،
ڪاريءَ وارا ڪک، ويري تنهنجي پاند ۾.

پروميٿيس آئين، اپ مان علم اجا بہ تا،
تہ ڙي پيرن ۾ ڪڙيون تہ بہ ڏياٺيون تا ٻارين،
تاڏي تا تائين، جاڏي انت نہ آهہ ڪو.

◎

پروميٿيس: هڪ يوناني ديومالائي ڪردار، جنهن کي علم جي باهہ چورائڻ جي ڏوهہ ۾ اچ تائين پيرن ۾ ڪڙيون وجهي قيد ڪيو ويو آهي.

# ڪيڏارو

## وائي

ٻڙڪي ٻڙڪي ٻاھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

دل دل ۾ دونھون دکي ،
اکڙين ۾ آڙاھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

شعلا شعلا چوطرف ،
روشن ٿي وئي راھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

ڪوٺاريءَ ۾ سون جان ،
سچ بہ سڙندو آھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

جي بہ گهڙا پيلا ھئا ،
پڪا ڪيا آڙاھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

سنڌالاجي ڇا سڙي ،
جڻ روشن ٿي وئي راھ ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

⊙

◎

البيلي اڙهنگ نشيلي جيڪا سندر ناري آهي،
انگورن جي سا ول آهي، ٽانگر جي سا ٽاري آهي.

جا شي دل کي ويجهي آهي سا شي دل کي پياري آهي،
پنهنجي لڳي ٿي هر سهڻي شي توڙي جو سا ڌاري آهي.

وار ونگوڙا لهرون لهرون ڪوئي ڪارونهار اکين ۾،
بادل جڻ برسڻ وارو آ جڻ وچ چمڪڻ واري آهي.

عشق ڪرڻ وارا ئي آهن جيڪي جيءُ وجهن ٿا جوکي،
ڪنهن کي ڪوڙي آهه حياتي جان سين ڪي پياري آهي.

تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ جي گل بـ ٽڙيا تـ بـ روح نـ ريڌو منهنجو،
تون نـ هجين پوءِ ڪيئن چوان مان آئي مند بهاري آهي.

تنهنجي آئي گل گلزاريون تو کي ڏني ڀرپور بهاريون،
مون سان گڏ ويرانن ۾ ئي پئي تنهنجي واٽ نهاري آهي.

پيار سوا آ عمر اڌوري عشق سوا ڪا ڳالهه نـ پوري،
نينهن سوا جن گهاري آ تن عمر اجائي گهاري آهي.

چو ايڏو مايوس ٿيو آن تو ڇو دلڙي هاري آهي،
صبح به ايڏو روشن هوندو رات به جيڏي ڪاري آهي.

مڏ پيتي سين تو ڪي ياد ڪيو سين ۽ ڪجھ شعر لکيا سين،
هيل اسان مند مينهوڳيءَ جي سهڻي ريت گذاري آهي.

توڙي گهر گهر بدنامي ٿي يا گوشي ۾ گمنامي ٿي،
او دل او دل مون تڏهين پي تنهنجي ڳالھ نه ٽاري آهي.

ساڳي ڳالھ ته هيا يي چوندا پر تنوير ڪي ڍنگ آ پنهنجو،
هن جي پريت به نياري آهي هن جي ريت به نياري آهي.

◎

◎

ٻڌون ٿا ھيءَ رات آ مستقل-
چون ٿا تہ ھن رات جو صبح ڪونھي،
چون ٿا تہ اڄ واري اونداھ بي انت آھي.
چون ٿا تہ اڄ وقت بيھي رھيو آ -
چون ٿا تہ تاريخ جا پير ڪپجي پيا آھن.
ٻڌون ٿا تہ اڳتي وڌي ڪين سگھندي.
چون ٿا سرءُ باغ ۾ آئي آ جا اھا ڪين ويندي.
وري گل نہ ٽڙندا ۽ ساوڪ نہ ٿيندي.
ڪروڙن شھيدن جو رت پي گلن جي ٽڙڻ جو سبب ڪين ٿيندو
يلي ڪي ئي منصور ڦاھيءَ چڙھن پر،
انالحق جو نعرو ڪٿي ڪين ٻڌبو.
چون ٿا تہ ھيءَ رات آ مستقل-
ٻڌون ٿا سرءُ باغ ۾ آئي آ جا اھا ڪين ويندي.....

اھو ڪوڙ آھي،
اھو ڪوڙ آھي.

ڪڏھن وقت ھڪ جاءِ بيٺو نہ آھي،
۽ تاريخ پٺتي نہ موٽي سگھي آ.
يلي رات ڪيڏي بہ تاريڪ آھي،
مگر صبح ان جي مقدر ۾ آھي.

سرءُ ڪيڏي سفاڪ ٿئي پر تڏھن پي،
نوان گونچ گل نيٺ ٽڙندا ۽ مکڙيون بہ ٽڙنديون،
نہ ڪو وقت جي پير ۾ نوڙ پُجي سگھيو آ،
نہ تاريخ جا پير روڪي سگھيو ڪو.
شھيندن جي رت مان سحر نيٺ ڦٽندي،
سحر نيٺ ڦٽندي.

◉

هيءُ جو سج اڀريو آهي ،
منهنجو رت ڦڙو آهي.

سنگينن جي چنهنبن مان ،
مون رستو ٺاهيو آهي.

ڌاريو آخر ڌاريو آ ،
پنهنجو پوءِ پنهنجو آهي.

ڪنهن جي ڏاهپ جي آڏو ،
ڏاڍو هيٺو ٿيو آهي.

پڄرو ٿي ويو آ پرزا ،
پکيءَ ڏنو پڙڪو آهي.

هن تي رت جا داغ ڏسو ،
هيءُ منهنجو پيرو آهي.

نرمل اجرو آهي من ،
لڙڪن سان ڌوتو آهي.

ڏوڪو ڏئي ٿو جيڪو ڇڻي ،
هيءَ دنيا دوکو آهي.

ڇا ٻه ٿئي جڳ ۾ تنوير ،
جهڙو هئو اهڙو آهي.

◎

چا آهي هن پار - نہ ڄاڻان يار ،
تہ ٻـي هـي پار تـہ پيـارو آهـي.

هتي مٺا محبوب- وڻن ڏا خوب،
جن سـان جڳ اجيـارو آهـي.

هتي تہ مکڙيون ماک پرهہ ڄاپياک ،
جن کي مئہ جو سهارو آهـي.

هتي چڻي پريات - پکين جي لات ،
سمـو کيـڏو سـونهـارو آهـي.

رنگا رنگي رنگ- پرينءَ جو سنگ
بهشتـن جـو تـہ نظـارو آهـي.

انهن جي لئہ اونداهہ -نہ کائي راهہ ،
جنـي جـو انـدر کـارو آهـي.

◎

◎

مان مرندو ناهيان مان جڳ ۾ ور ور ايندو آهيان،
لوڪ جڏهن گونگو ٿيندو آ مان ڳائيندو آهيان.

پنهنجي رت مان ٽڙندو آهيان بنجي گل گلابي،
ٽاريءَ تي لڙڪي سوريءَ جي زينت ٿيندو آهيان.

ڪوڙ جڏهن چڙهندو آ چوٽ تہ سڏ ٿيندو آ مون ڪي،
نعرا هڻندو ڪوڙ جا ڪنگرا مان ڊاهيندو آهيان.

ماڻهن ليکي ماڻهو آهيان پوءِ بہ الائي ڇاهيان،
ڪڏهين ڏيئو ڪڏهين گل- مان ويس مٽيندو آهيان.

مان تنوير بہ آهيان سائين مان تنوير بہ ناهيان،
پنهنجي پياري ڪي پهچڻ لئہ ڇا ڇا ٿيندو آهيان.

◎

پنهنجا سور سياڳا آهن،
ننڊ نياڳيءَ مان جاڳائن.

پنهنجو نينهن نرالو آهي،
ماٺهوءَ ماٺهوءَ کي جو چاهي.

پنهنجو پيار بہ پارس آهي،
لوھ لوھ کي سون بنائي.

پنهنجا ٻول بہ امرت آهن،
مرندڙ قوم کي جيکي جيارن

پنهنجي مٽي سُرهي آهي،
جڳ ۾ جا خوشبو ڦهلائي.

پنهنجا راڳ نيارا آهن،
سڪڙن جا سانيارا آهن.

◎

هاءِ اڄ جي رات کھڙي رات آ،
مٺ نہ آ مون وٽ نہ ڪا برسات آ.

سي پرين ديوار جي ھن پر وسن
جن سان ريڌل لات آ، ۽ ڏات آ.

ھيءُ جڳ اوندھ آ، انڌوڪار آ،
تنھنجو من جڻ پرھ آ پريات آ.

تنھن پکيءَ جي ياڳ ۾ ئي ڪان آ،
جنھن لنوي ڪائي بہ مٺڙي لات آ.

ڪوھ ۾ پئي چنڊ جو جيئن اولڙو
روح ۾ تيئن ڪنھن پرينءَ جي جھات آ.

ھو نکو ماڻھو نکو آھن ملڪ
نينھن وارن جي نرالي ذات آ.

◎

سو کي منھنجي سڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

پور پريان ٿي پڌرا ،
ڪانھي ڪائي لڪ ،
آچيان ويٺو عام کي ،

منھن مان جر ڪي نينھن ايئن ،
جيئن اس ۾ ڪا ٽِڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

ھر ماڻھو محبوب آ ،
ھيءَ سانگين جي سڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

سھسين ماڻھو ديس جا ،
آس تنين جي ھڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

ھيءَ امرت جي پيالڙي ،
وِھ دريا جي ڀڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

سنڌ سندي تنوير چئي ،
مون کي آ جا سڪ ،
آچيان ويٺو عام کي.

◎

او تنوير اسان ستلن جي ننڊ ڦٽائڻ آيا آهيون،
اسان تہ شاعر آهيون سائين اسان تہ ڳائڻ آيا آهيون.

تنهنجي در کي کڙڪايو سي ۽ تو اسان کي پنو ڀانئيو،
گيڙو ويس ڍکي ڪشتي مان نينهن ورهائڻ آيا آهيون.

تو ڪيئن ڀانيو هن محفل ۾ پاڻ وڻائڻ آيا آهيون،
اسان تہ تنهنجي ازلي سونهن تي جان گنوائڻ آيا آهيون.

اک اک ۾ جو پاڻي آهي ڳل ڳل تي جي لڙڪ تا لڙڪن،
اسان تہ ان پاڻيءَ مان ڪائي چڻنگ دکائڻ آيا آهيون.

جن کان حال لکايو سين تي تن کي ئي دل ڏيئي ويٺا سين،
جن کان درد لکايو سين تي تن کي ٻڌائڻ آيا آهيون.

منهنجا شعر پرھ جي ماڪ جان مارڳ تي وسندا ئي رهندا،
ايندڙ وقت جي واٽهڙن لئہ پاڻ وڃائڻ آيا آهيون.

آيا آهيون زوراور جو زور گهٽائڻ آيا آهيون،
هيڻن ۽ بي زورن کي شهزور بنائڻ آيا آهيون.

◎

◎

نـ ڏس آسمان ڏي،
نـ ڏس آسمان ڏي،
ملائڪ نـ لهندا،
نبي ڪونـ ايندو،
هي ڏک جو اسان تي،
آ نازل ٿيو ان جو،
ڪو عيسيٰ اچي ۽ مسيحا نـ ٿيندو،
اسان پاڻ پنهنجا مسيحا،
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر،
اسان پاڻ ئي قافلو پاڻ سرواڻ آهيون،
اسان پاڻ ئي پنهنجو نرواڻ آهيون.
اسان پاڻ ئي رات جي رڻ جا راهي،
اسان پاڻ آهيون پرهه جا پيغمبر،
اسان پاڻ رهبر،
اسان پاڻ رهبر.

◎

◎

وري شعر تنوير نازل تين تا،
ثمر سوچ جا نيڻ حامل تين تا.

جو سالم بچو آ ڪچو نينهن تنهنجو،
جي گهايل تين تا سي ڪامل تين تا.

پرين پور تنهنجا سدا پوپٽن جان،
اچن تا گهڙيءَ پل ۾ زائل تين تا.

سي چاڻن تا ڪيئن گهارجي زندگاني،
جي ماڻهو محبت جا قائل تين تا.

جني وٽ محبت سچائي بہ تن وٽ،
جي نفرت تا ڏارن سي باطل تين تا.

اسان اڄ ڪسڻ کان پلا چو ڪتايون،
پرين پاڻ ئي جڏهين قاتل تين تا.

جهلن تا پيئڻ کان اسان کي جي زاهد،
پيئڻ ۾ اسان ساڻ شامل تين تا.

◎

◎

ڏسي مٽيءَ جو مان فلڪ حيران ٿيو.

تارازيءَ جي هڪڙي پڙ ۾ وجهجن ٻئي جهان،
ڳرو انسان ٿيو.

سونهن سڄي سنسار جي ان سان،
ماٺهوءَ ري ويران
سڄو بستان ٿيو.

پير جنهين جي چنڊ لتاڙيو،
تنهن جو وڏو آ شان
وڏو آ مان ٿيو.

ڪلمو پڙهه تنوير بشر تي،
جوش وڏا جولان
پڪو ايمان ٿيو.

◎

⊚

مـــــن اڏري آڪـــــاس
تــن تــي سنگهــر رڪ جــا

منهــنجو مــذهـب ماٺـهـپـو
ڪــــائنــم مـــرون مــــاس
تــن تــي ســنگهـر رڪ جا

جڳ ڪــي مشڪ عـنبير جــو
ڏئـــــي وجبـــــو واس
تــن تــي سنگهــر رڪ جــا

جـر جـر جرڪي جوت ڏئـي
مـنهنجـو مــن المـــاس
تن تي سنگهـر رڪ جا

چـــوڏس ڏات مــــدام آ
تيـنـدي نـــاهہ امـــاس
تن تي سنگهـــر رڪ جا
⊚

◎

موت نہ آهي مات اسان لئہ،
موت نہ آهي مات.

وقت جي لهرن تي هر جڳ ۾،
لڙهندي رهندي لات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات.

روز نشون سج بنجي ايرون،
جڏهن اچي پرڀات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات.

گيت پڙاڏا گونجن هردم،
ناهي چپ چپات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات.

◎

◎

راڳـي ناهيـان آهيـان راڳ
ڏيئـو ناهيـان آهيان جـوت
سـئي ناهيان آهيان هـوت
راهي ناهيـان آهيـان مـاڳ
راڳي ناهيان آهيـان راڳ

امـرت ناهيان آهيـان حيات
پـريـن نـ آهيـان پـريـت
جنگ نـ آهيان آهيان جيت
مـوت بـ منهنجـي آڏو مـات
امـرت نـاهيـان آهيـان حيـات

◎

◎

سارو ڳوٺ ڳهرجي ويو آ ساري خلق ستي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

ٻيو ڪو جاڳي يا نہ تڏهن ٻي منهنجي اک کلي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

ملڪ سمورو ماٺو پاٺي ۽ منهنجو من لهرون لوڏا
ڏيئا وسائي سڀ سمهي پيا منهنجي اک کلي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

هر ڪڙڪي تي دل تي ڏڙڪي هر آواز تي ڪن لايان ٿو
توڙي اڪيلو ڏيئو آهيان پوءِ بہ جوت جلي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

لاڳيتي اوجاڳي ڪان اکڙين ۾ آيون ڳاڙهيون ڏوريون
رنگ شفق جو جڻ نکري پيو جڻ ڪا باک ڦٽي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

هاڻي ساز ڪٿان مان ڳايان ڳهريل ڳوٺ جي ننڊ ڦٽايان
جيئن مان پاڻ ٿو جاڳان تيئن مان ساري ديس کي ٿو جاڳايان

◎

◎

اکڙيون کيئن اڙيون
سارو لوک لتاڙي آيون توڏي کيئن لڙيون
اکڙيون کيئن اڙيون

کهڙيون کهڙيون ڳالهيون منهنجي ڳوڙهن ساڻ ڳڙيون
اکڙيون کيئن اڙيون

ساهه سيايون سنهيون کرايون جڻ ته کمند چڙيون
اکڙيون کيئن اڙيون

◎

◎

چٽ پراوا ڪين وٽن
پنهنجي لوئي لاڪ رتي

سڀڪنهن سوريو چاندي سون
مون تہ ڪنئي آ پريت پتي

هيڪل چنڊ اڀالو آهہ
سونهين تارن منجهہ ڪتي

صبح شفق جي چڪيا تي
چڙهي سڙي وئي رات ستي

تنهنجي مڏ ڪپي ويئي
منهنجي اڄ اڃا نہ ڪتي

◎

◎

تون جي چپ تي وٺين تنوير تہ ڪو بہ نہ شعر ٻڌائيندو
دل وارن جي درد وندن جي محفل ڪير مچائيندو

پوپاڙيءَ جي پاڇن ۾ سونهري رنگ ملائيندو
واهہ ڪناري لهندڙ سج ڪجين مان ليٽا پائيندو

ديس جي آزاديءَ جي خاطر هر ڪو سر سهسائيندو
هر ڪو تيندو ڳاڙهو گهوٽ ۽ رت جي ميندي لائيندو

ساري دنيا ماٺ تي ويندي موت جي خاموشي هوندي
شاعر ايندو واڪ وڏي دنيا کي سچ سڻائيندو

او گل او نازڪ گل مون کي تنهنجي سڳنڌ جو آ سوڳنڌ
تنهنجي خاطر رهندس دامن ڪنڊن سان اٽڪائيندو

تون جي آمهون سامهون هونديون وقت ائين گذري ويندو
رات ڪٽي ويندي پر ڪوئي ڳالهيون ڪين ڪٽائيندو

تنهنجي شهر ۾ تنهنجو نانءُ وٺڻ بہ آهي ڏوهہ وڏو
پوءِ ڪو دل وارو ڪيئن ڪنهن کان تنهنجو پنڌ پڇائيندو

◎

# ڪيڏارو

## داستان چوٿون

( شهيد عبدالرزاق سومري جي عقيدت ۾ )

ڪيڏا ڪيڏارا ، ڳايان پنهنجي سنڌ لئه ،
مٽيءَ ۾ ملندا وڃن ، ماڻهو موچارا
ڪڏهين هچارا ، ترٻا پنهنجي سنڌ مان.

هو شو دريا خان ، هيمون عبدالرزاق ،
سنڌ شهيدن تاڪ ، سنڌ شهيدن جي مٽي.

پيار جنهين جو هير جان ، ۽ ڪاوڙ طوفان ،
پنهنجن جي لئه پنڪڙي ، ڏارين لئه تير ڪمان ،
اهڙو مرد مهان ، مٽيءَ ۾ ملي ويو.

هيءُ جو رت وهيو ٿيو ، امرت ساريءَ سنڌ لئه ،
سرگھوريو جنهن ديس تان ،مري نه سگھندو سو ،
پاڻ بہ سو جيئندو ، ۽ جياريندو ديس کي.

◎

◎

جتي ڳهڙون ات آهي ڳهيڙ
جتان وڃون ات آهي واٽ
جتي ٻرون ات آهي لاٽ
جتي وڃون چوڏر چمڪاٽ
هر ڪنهن ٻن ۾ پنهنجي ٻوءِ
ڇلي پوي ٿي ڇپرين ڇاٽ

◎

لکـــي لکـــي چـــو پيئـــو تـــا
مســـت اهـــو کيئـــن جيئـــو تـــا
کلـيـــو کلايـــو جـام کـٺـو
نينهـــن جـــو نعرو عام هٺـو

ننـــگ چـــڏي اڙٻنـــگ اچـــو
جهـــڙا آهيـــو تهـــڙا ٿيـــو
کنهن کي وٺو يا کين وٺو
نينهـــن جـــو نعرو عام هٺـو

کـــوليـــو بـــوتـــل اچـــي هڳـــاءُ
وجـــي واسجـــي ســـارو واءُ
لکي لکايو گهٽو گهٽو
نينهـــن جـــو نعرو عام هٺـو

اجـــا تـــه آهيـــو ڏارو ڏار
اجـــا تـــه ٿينـــدا قـــرب قـــرار
گڏجي وينـدو کٺـو کٺـو
نينهـــن جـــو نعرو عام هٺـو

جهـــونـــي جڳ جـــي ريـــت مٽـــي
نفـــرت گهٽجـــي پـــريـــت وڌي
اڄ کـــا اهـــڙي هـــام هٺـــو
نينهـــن جـــو نعرو عام هٺـو
کليـو کلايـو جـام کٺـو

◉

تون جو مون ڏانهن ايئن نهارين تو
مون کي مارين تو يا جيارين تو

ساھ سر جنهن مٿان تون وارين تو
تنهن سوا عمر ڪيئن گذارين تو

تون وراڻي پڙاڏو تون سڏ تون
پاڻ ئي پاڻ کي پڪارين تو

تون ئي منهنجو خمار تون ئي شعور
مان پيان تو ۽ تون پيارين تو

اوچتو تو کي ياد اچي تا وچون
تون تہ ڪوشش ڪري وسارين تو

◉

◎

صبح آيو ۽ اميدون آسرا جاڳي پيا
رات وئي ۽ روشنيءَ جا تَرورا جاڳي پيا

تون نه هئين سامهون ته سپ آسون اميدون ويون مري
تون ٿئين سامهون ته دل جا ولولا جاڳي پيا

همتن کر موڙيا ۽ عزم آ آرس ڀڳو
عظمتن پي کر کنيا ۽ حوصلا جاڳي پيا

رهنمائي کان سوائي ماڳ ڏي وڌندا رهيا
راهبر سمهندا رهيا ۽ قافلا جاڳي پيا

لاٽ مان ٻي لاٽ ٻرندي ڦهلبي وئي روشني
ٽمڪي ٽمڪي روشنيءَ جا سلسلا جاڳي پيا

هيءَ سجاڳي آهي او تنوير منهنجي ئي ڪري
جيڪي جاڳيا سي ٻڌي منهنجي صدا جاڳي پيا

◎

مارڳ منجهہ مران
تنهنجي عشق جي آتش ۾ جي پڄران آءُ سڙان
مارڳ منجهہ مران

جوت ڏيان مان وانهڙن کي ڏيئي مٿل ٻران
مارڳ منجهہ مران

ويريءَ کان مان وير وٺڻ لئہ وري وري پيو وران
مارڳ منجهہ مران

⊙

هيءُ طلسمِ سامري
هاءِ هيءَ جادوگري

چئني پاسي رج پوءِ پي پائنجي بستان ٿو
آ مرون وحشي تڏهن پي ڪوئجي انسان ٿو
نانگ آ نوڙي ۽ نوڙي نانگ آ
ڪانگ آهي هنج ۽ هنج ڪانگ آ
چوطرف چٽنگون تڏهن پي بوند پيئي پائنجي
سيني وٽ اڻ هوند پوءِ پي هوند پيئي پائنجي
لوءَ ساڙيندڙ لڳي ۽ هير جو ان تي گمان
رج جو درياهه آهي جڻ تہ بحر بيڪران

سامريءَ جو حڪم آهي چپ رهو
جيڪڏهن سمجهو تڏهن پي ڪجهہ نہ چئو
سور کي پانيون سرور
سڀ جهڪو ء نهنجي حضور
درد کي درمان چئو
مان هجان وحشي اگر مون کي عظيم انسان چئو

ايئن ٿيو آهي جو هر هڪ سامري
پنهنجي جادو محل ۾ ويو آ ڳري
هر حقيقت بيڪران هڪ بحر آ
جر تي ڦوٽي مثل ليڪن سجر آ
ڦاسندو ڪوريئڙو آ نيٺ پنهنجي جار ۾

هيءُ طلسم سامري
هيءَ عجب جادوگري

◉

روز مکڙيون ٽڙن
روز پوپٽ اچن
روز ڦيرا ڏين

روز اڀري تو سج
سوجهرو روز ٿئي
روز نسري تو ٻج

روز پيالا ڀرن
پاڪ پر تا تين
مست تي ناچ ڪن
ساز جان تا وڄن

هيءَ دنيا اها
هيءَ بستي اها
گذريون ڪيئي صديون
تہ بہ نہ بدلي اها
محبتن جا سدا
مينهن تا هت وسن

روز ميڙا مچن
روز نعرا لڳن
روز ڪونڌر ڪسن
روز سوليون سجن

روز مکڙيون ٽڙن
روز پوپٽ اچن
روز ڦيرا ڏين

◎

ڳجھو ن ڏين تيو ن لا مارا
ڪاڏي اڏري ويا ڳيرا

مار ڳ تي هي ڳل نٽريل
ڪنهن جا رت هاڻا پيرا

ڳائن اجرا اجرا گيت
ماٺهو گدلا ۽ ميرا

تنهنجي در ڪٽر ڪائٺ ريءَ
موتي ويس ڪي پيرا

گل هڪ جاءِ تي بيٺو آ
پوپٽ پائي تو قيرا

جڏهين ڪا بندوق چٽي
تڏهين ڪهڙا آڪيرا

◎

◎

روز نئون سج روز نئون چنڊ
روز نوان تارا
روز نوان ۽ تازا نظارا

ڪالهوڪو سج ٻڏي ويو
ڪالهوڪو چنڊ لهي ويو
هيءُ سج آهي اڄوڪو سج
چنڊ بہ آهي تازو نج

هيءُ گل هيلوڪا آهن
گل پروڪا ويا ڇڻي
مند بهار جي آهي ليڪن
اها نہ جا پر سال وٺي

تون بہ ڪلهوڪي ناهين سائڻ
مان بہ ڪلهوڪو ناهيان
تون بہ نئين ۽ مان بہ نئون
روز توانا ۽ تازا
روز نوان ۽ تازا نظارا
روز نئون سج
روز نئون چنڊ

◎

◎

هاڻي آءٌ نـ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي

مون هر دور ۾ رت هاريو آ
مون هر دور ۾ ساهه ڏنو آ
منهنجو ساهه گهٽيو ويو آهي
۽ هر وير ڪٽيو ويو آهي
مون ٿي پٿر ڪاڏا آهن
۽ زنجير ٻـ پاتا آهن
مان ئي صليب تي لڙڪيو آهيان
سسي ڪپائي ڦٽڪيو آهيان
مرڪي مون سڀ سور سٺا تي
چپ چپ سڀ الزام ٻڌا تي
صدين کان خاموش رهيس مان
۽ ايڏو بي هوش رهيس مان
ماڻهن جو ويساهه ڪچي ويو
ماڻهن جو ايمان ڊهي پيو

ماڻهن سمجهيو سچ ڪانئر آ
ماڻهن سمجهيو سچ بي طاقت
جنهن ۾ ناهي ڪائي همت

هاڻي آءُ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي

مون هٿ ۾ بندوق کنئي آ
منهنجي جهوليءَ ۾ هي بم آ
پر سيالي بيهُ هينئر تون
تنهنجو اڄ مون سان ئي ڪم آ
مستقبل جو ڪاتب آهيان
منهنجي هٿ ۾ لوح و قلم آ

تو سقراط کي زهر پياريو
۽ سقراط مئو ناهي پر
منهنجي روپ ۾ آيو آهي
تو منصور کي ڦاهيءَ چاڙهيو
پر منصور مئو ناهي ۽
منهنجي روپ ۾ آيو آهي

عيسىٰ کي تو صليب تي چاڙهيو
پر عيسىٰ ڏس جيئرو آهي
منهنجي روپ ۾ آيو آهي
تو هوشوءَ کي گولي هنئي پر
هوشو موٽي آيو آهي
تو هيمونءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو
هيمون اڃان پي جيئرو آهي

سيني جي لئہ مان پيو وڙهندس
ايسيتائين بدلو وٺندس
جيسين تون نابود ٿئين
تنهنجو نشان ئي ڪين رهي
وري نہ ڪنهن کي همت ٿئي
جو سقراط کي زهر پياري
يا منصور کي ڦاهي چاڙهي

مون هٿ ۾ بندوق ڪنئي آ
منهنجي جهوليءَ ۾ هي بم آ
پر سڀالي بيهہ هينئر تون
تنهنجو اڄ مون سان ئي ڪم آ
مستقبل جو ڪاتب آهيان
منهنجي هٿ ۾ لوح و قلم آ

هاڻي آءٌ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي.

◎

◎

رڻ ۾ ڪھڙو مانجهاندو

اڄ ڪٿي اڳتي هلبو
رڃ پلي ڏئي پٺي دلبو
هلڻو آهي هيڪاندو
رڻ ۾ ڪھڙو مانجهاندو

ڪوئي واقفڪار نہ آ
ڪٿي بہ ڪا وٽڪار نہ آ
ڪو بہ سمر ناهي آندو
رڻ ۾ ڪھڙو مانجهاندو

پير پٿون تين تہ بہ هلبو
رائو رت سان تئي ڪنھنبو
من ڪڏھن بہ نہ تئي ماندو
رڻ ۾ ڪھڙو مانجهاندو

◎

◎

هڪڙي سندر سپني تان
ڪي ٿي ساڀياٿون گهوريان

جڳ ۾ ٻي ڪا سونهن ٻـ آ
تو مان ڏاپان پوءِ سوچيان

روز اٿين ٿي ڀلجي شل
تنهنجي در تي اچي نڪران

نيڻ ڪٽورا ديد شراب
تون پيارين ۽ آءٌ پيان

◎

# جاوک چاوين ساوک اڳتي •

پيو پيرو کوئي بہ نہ ايندو
جيکو ايندو نيٺ سو ويندو
هڪڙو پيرو آهي حياتي
مون دريءَ مان جهاتي پاتي
تون بہ نہ هوندين مان بہ نہ هوندس
تون بہ نہ ايندين مان بہ نہ ايندس
کو بہ نہ ايندو کو بہ نہ ايندو
پيو پيرو هيءُ کيل نہ ٿيندو
پيهر کنهن جو ميل نہ ٿيندو

تون ۽ مان سي گل آهيون جي
بس هڪڙو پيرو ئي ٽڙندا
اهڙا تارا آهيون جيکي
اپ تي هڪڙو پيرو ڪڙندا

وري نہ اچبو وري نہ اچبو
اڳتي هلبو اڳتي هلبو

---

• محمد فقير جي شعر جي هڪ مصرع

پوئتي مونِ ۾ چا آهي
جيڪي ڏٺو سو ڏسڻ ۾ چاهي
واريءَ جي پٽ آهي حياتي
پيرا هڪ ڏس ۾ ئي وڃن ٿا
موٽي هرگز ڪين اچن ٿا
موٽڻ مشڪل ئي ناهي پر
موٽڻ بس ناممڪن آهي

اڳتي هلبو اڳتي هلبو
ڪاڏي؟ ڪوئي ماڳ نه آهي
توڙي ڪوئي ياڳ نه آهي
پوءِ به اڳتي هلڻو آهي
پوءِ به اڳتي هلڻو آهي
اڻ ڄاتي ڪنهن ماڳ ڏي هلبو
پر هر اها ماڳ منزل آ
جيڪا تو مون سوچي آهي
پنهنجي قسمت پنهنجي هٿ ۾

◎

تو ن چا آ هين
تو ن چا آ هين

جي تو ن چاهين سڀ ڪجھ آ هين
ڪجھ بہ نہ چاهين
ڪجھ بہ نہ آ هين
جيڪي چاهين
سوئي آ هين

هيءَ دنيا آ تنهنجي دنيا
جيئن بہ چاهين
تيئن ئي ٿاهين
توڙي ڍاهين
ٿاهين ڍاهين ٿاهين
جنهن کي چاهين تنهن کي چاڙهين
جنهن کي چاهين تنهن کي لاهين
لاهين چاڙهين چاڙهين لاهين
آ هين ناهين چاهين چاهين
سڀ ڪجھ آ هين سڀ ڪجھ آ هين

◎

◎

کيسين هلندين سونهان - مون کي
اجان به اڳتي وڃو آهي.

منهنجي واٽ انوکي آهي،
جيڪا تنهنجي ناهي ڏٺل،

تنهنجي سونهپ، تنهنجي ساڃهه،
تنهنجي سياڻپ آهي گڏل.

تون جيڪي واٽون ٿو ڄاڻين،
تن سان ناهي منهنجو ڪم،

تنهنجي هڪ هڪ وک کان نيارو
آهي منهنجو قدم قدم،

کيسين هلندين سونهان - مون کي،
اجا به اڳتي وڃو آهي.

اسان جو قلم محترم آ
اسان جو قلم هڪ علم آ

هيءَ نوڪ قلم آهي سنگين وانگر
زماني جي ناسور جي لاءِ نشتر
اسان کي نہ گهرجي نہ گهرجي ڪا دولت
اسان لئہ قلم جام جم آ
اسان جو قلم محترم آ
اسان جو قلم هڪ علم آ

علم آهي جنهن هيٺ هيسيل دبايل
ڏتاريل ڏڪاريل اچي نيٺ مڙندا
انهن جي اميدن جا گل نيٺ ٽڙندا
اسان کي قلم جو قسم آ
اسان جو قلم محترم آ
اسان جو قلم هڪ علم آ

◎

هيٺ ستارا مٿي ستارا وچ ۾ آهي چنڊ
هيءُ مانڊيءَ جو منڊ

روشنين جي وهندڙ ڌارا
وڃي ڊوڙندي لاٽ
روشن روشن واٽ

اڌ اونداهي اڌ سوجهرو
ڏيما ڏيما ساز
اڌ چپ اڌ آواز

هيءُ سڀ ڪجهه پي ڪجهه بہ نہ آهي
جي تون ناهين ساڻ
او منهنجي چانداڻ

◎

# ٽيڙو

اونداهي ۾ سانت
ٻن ڳالهين ۾ تي ملي
هينئڙي کي ايڪانت

جرڪيو اهڙيءَ ريت
اوندهه ۾ ڇڻ ڪا ڪنوڻ
منهنجو روشن گيت

واچ تي لوڏي وڻ
جهولن ٽاريون خوب ٽيون
ٽپڪي جا انب ڇڻ

هوريان وهندڙ واهه
پاٽيءَ تي پاڇا لڏن
ترڪي وڃي نگاهه

رات وسي برسات
وڄ جو چمڪو تنهنجو منهن
۽ پوءِ ڪاري رات

• رونبو کن ان ريت
ماٺو گپ هاٺا مگر
ڳائن اجرا گيت

وسي مسلسل مينهن
سج رٺل آ تو جيان
آهي رات نہ ڏينهن

اڄ ايٺن تو مرڪيو
پاري جي رات وئي ڪٽي
اس تڙڪو نڪتو

پرهہ ڦٽي ۽ ماڪ
بانگ ڪڪڙ جي تي ٻجهي
ستل اجا يي پياڪ

چٽيو ٻہر جو ٻور
چارو پيلو ٿي ويو
پوءِ بہ وچٿو ڏور

• مرڪزي خيال جپاني هائڪوءَ تان

كالهہ وسيو هو مينهن
ڪپڙن تان چڪ ڌوئيندي
اڄ گذريو سارو ڏينهن

مينهن وسيو ڪلهہ جام
باغ ڪي پاٽي ڏيڻ ڪان
اڄ تہ مليو آرام

گرمي گهٽ ۽ من
ڏسان پيو وڻ ڏانهن من
چري پوي ڪو پن

هيءُ جي ساوا پن
۽ هو ڳاڙهيون پنڪڙيون
ڪنهن جا ويس ۽ ون

ڪنهن جو چوريو چنگ
۽ چرڪي آواز ڪان
اڏري ويو هو ڪنگ

منهنجو نينهن نماز
ڪيئن سليان مان لوڪ سان
پنهنجي من جا راز

جڳ سارو ساٿيھ
ليڪن مون ڪي تو وٽي
ٻين ڪان وڌ ھي ڏيھ

سارا ماٺھو سون
سنڌ جي ماٺھوءَ جي مثل
آھي ڪٿي ڀي ڪون

◎

روش تي زماني جي اندر ٻري
اوهان ڏي ڏسون ٿا تہ دل ٺري

اسان سير ۾ پنھنجي ٻيڙي ڇڏي
خبر ناهہ ڪائي ٻڏي يا تري

انهن تيز نظرن تہ ڳاري ڇڏيو
تڪيءَ اس ۾ برف جڻ پئي ڳري

پسي گل ڳاڙھا رھي ڪيئن سگھي
نہ چاريو تڏھن پي ٿو چانگو چري

اوهان کي ڏٺو سين ۽ معلوم ٿيو
تہ پيدا ٿيا سين اوهان جي ڪري

اسان اڄ آھيون ۽ امرت اوھان
پياريو پياريو اسان کي پري

◎

◉

جيڪو آ سوراڻو
سوئي ٿئي آسائتو

نيڻ تہ مند سوا بہ وسن ٿا
مينهن تہ آهي منداڻو

منهنجي هٿ لڳڻ سان ٿي ٿيو
تنهنجو جڳ ڊولاڻو

ان جي موٽ تہ آهي محبت
آندو جو مون لاءِ تو

سج تريءَ هيٺان لڪي ويو
چنڊ ڪي ڪوئي بڪيو
نان سمجهي ڪائي ويو
۽ ستارا ان ڪٺا يانئي
ڪنهن جنڊ ۾ پينهين چڏيا.
چوڌ طرف اونده ۽ انڌوڪار تي
۽ نظر جي حد تائين ڪجه نه هئو ڪارنهن سوا
اوچتو ڪنهن جي اکين مان نور جون لاٽون اٿيون
ڪنهن جي دل مان ڀڙڪو ڏئي شعلا دکيا
۽ انهي اونده جي ڪاري ڪاغذي پهراڻ کي وچڙي ويا
جهنگ ۾ جيئن ڪا سڪل ٻوٽن کي وچڙي باه
۽ پوءِ واءَ تي وڌندي وجي.
ايئن تيزيءَ ساڻ اونده جو لباس
تي ويو ناس.
سج تريءَ هيٺان نه لڪندو
چنڊ ڪوئي نان ناهي
جو ڪو بڪيو ڪائي وجي.

◎

اک اڙائيندا گهٽا ۽ نينهن لائيندا گهٽا
مون جيان پر نيهن جو ناتو نڀائيندا گهٽا

مون جيان ڪوجان ڪي جو ڪي ۾ وجهندو ڪين ڪي
هون ۽ تہ منهنجي سهٽي ڪي ظاهر ۾ پائيندا گهٽا

هنڪڙو مان ئي حال پنهنجو ڪين چئي سگهندس ڪڏهن
حال منهنجو هون ۽ تو ڪي پيا ٻڌائيندا گهٽا

تنهنجو منهن ۽ زلف تنهنجا، تنهنجا ڳل ۽ تنهنجا چپ
صبر منهنجي ڪي اچا پي آزمائيندا گهٽا

تون هئين جنهن ڏي الائي ڪيئن وري هي دل چري
هون ۽ تہ سهٽا دل ڪي منهنجي هٽا لڀائيندا گهٽا

راڳ جو تنوير مان اڄ تو اڪيلو ڳائيان
وقت ايندو جو انهي ۽ ڪي نيٺ ڳائيندا گهٽا

◎

آءُ وري
آءُ وري

دل تي هتن مان وڃي
پيار نہ ڪنهن جي مڃي
توڪان سواءِ ڪين سري
آءُ وري
آءُ وري

نينهن جو درياهہ آ
جيڪي انهيءَ ۾ ٻڏا
پانءَ تہ سي وياتري
آءُ وري
آءُ وري

وهم گناهن جو ڇو
مان بہ ملائڪ نہ ڪو
تون بہ نہ ڪا حور پري
آءُ وري
آءُ وري

◎

نوان سچ چٽبا
نوان ڪوڙ ظاهر ڪبا
نوان ڏينهن آيا
نوان نينهن آخر ڪبا

نئين ذات ملندي
نئين لات ملندي وري
نئين ذات پنهنجي
نئين جوت جلندي وري

سيئي ڪوڙ جهونا اگهاڙا ٿيا
نوان ويس پائي نوان ڪوڙ آيا
نوان سچ چٽي ۽
انهن کي اگهاڙو ڪنداسين ته نيٺ
انهن کي اگهاڙو ڪنداسين ته نيٺ

◎

◎

مون وٽاچ مون وٽاچ

ائين نہ اچ جيئن مند جا گل
ڳاڙها نيرا پيلا گل
ٽڙي ۽ ڪن جهرمر ڪجھ ڏينهن
ائين جيئن ڪوئي ڪچو نينهن
وڃن هو پاڻ بہ ڪومائي
منهنجي دل يي گهرائي

مون وٽاچ مون وٽاچ
ايئن نہ اچ جيئن ساوڻ مينهن
تورو وقت ڪري تڏڪار
۽ ان ڪان پوءِ آخر ڪار
ساڳي ٻٽ ۽ ساڳي اساٽ
جڻ تہ پئي ئي ڪين هئي چاٽ

مون وٽاچ مون وٽاچ
ايئن نہ جيئن هيءُ چوڏهينءَ چنڊ
هڪڙي رات هٿي تو مند
۽ پوءِ روز وڃي گھٽبو
منهنجو هانءُ بہ تئي تورو

مون وٽاچ مون وٽاچ
ايئن ، جيئن ڪو ازلي سچ
سدا حسين ۽ سدا جوان
جنهن جا جوين نت نوان
جنهن جا جوين نت نوان

◎

جوت جلڻ سان آهي
ڪوئي تہ جلندو
ڪوئي تہ جلندو

ماڳ هلڻ سان آهي
ڪير تہ هلندو
ڪير تہ هلندو

سوڀ وڙهڻ سان آهي
ڪير تہ وڙهندو
ڪير تہ وڙهندو

◎

◎

شعر لکان ٿو
جڻ مان کو پوپٽ پڪڙيان ٿو
يا کو گل گلاب چنان ٿو
يا کنهن مينهن ڦڙي کي جهٽيان ٿو
يا کنهن سهڻي من مهڻي جو
نازڪ نازڪ ڳل چهان ٿو
يا کنهن وڄ کي
پنهنجي پلاند ۾ قيد کريان ٿو
يا کنهن واچوڙي کي
پنهنجي مٺ ۾ بند کريان ٿو
شعر لکان ٿو

◎

◎

تنهنجو جي نام اچي
جام تي جام اچي

تنهنجو بدنام اچي
ڇڏي اسلام اچي

گلرخن جي نالي
مُئي گلفام اچي

ياد تنهنجيءَ سان سدا
دل کي آرام اچي

شعر لکجن تنوير
جڏهن الهام اچي

◎

⑤

پڇري مان نڪرڻ گهرجي
اڄ مون کي اڏرڻ گهرجي

ٻاهر خوشبو آ ڪيڏي
گل جو رنگ ڏسڻ گهرجي

روئي روئي سوچيم نيٺ
اڄ مون کي مرڪڻ گهرجي

عمر سنڀالي پير ڪنيم
اڄ مون کي ترڪڻ گهرجي

نانگ ڏنگيو آ مون کي تو
مون کي تنهنجي مڻ گهرجي

ڍر ڏي پريت جي ڏاڍي کي
ڳنڍي نه پوءِ ڇنڻ گهرجي

واءُ اتر جو سِهُ سيارو
اڄ ڪو مچ مچڻ گهرجي

تو وٽ مان جي اچي نه سگهان
مون وٽ تو کي اچڻ گهرجي

اڄ ڪو رنگ رچڻ گهرجي
اڄ تنوير اچڻ گهرجي

◎

هيءَ پاچن جي حقيقت
هيءَ خوابن جي حقيقت
سونهن جڻ ڪنهنبي جو ڇنڪو
نينهن جڻ مينهن سانوڻ جو
پيار جڻ برف محل
روپ جڻ رمندو ڪو بادل
تنهنجي حقيقت آ فنا
منهنجي حقيقت آ فنا
حسن فاني
۽ محبت فاني
آ فنا جو ئي فنا ساڻ لڳاءُ
هير جو ماڪ سان جڻ آهي هڳاءُ
ڪجهه گهڙيون آهي بچاءُ
جيستائين آ بقاءُ
تيسين تہ محبت آهي
جيسين فاني تئي ڪو
تيسين تہ حقيقت آهي

◎

◎

ڏاهو توڙي ڀورو ماروئڙن کي شال وڻان

ساهه ڏيان تو سات لئه کنهن تي ناهي تورو
ماروئڙن کي شال وڻان
منهنجو من ايئن پاڪ آ جئن کو ڪاڳر ڪورو
ماروئڙن کي شال وڻان
جيڪو توڙ نڀائي جائي سوئي آهي سدورو
ماروئڙن کي شال وڻان
وڇندو آهي سوئي جيڪو هوندو آهي پورو
ماروئڙن کي شال وڻان

◎

ڀو جيڪو گل ڪالهہ ٽڙيو هو
ڪٿان اچي سو اڄ
هوءَ جا خوشبو مست هئي ڪلهہ
هوءَ جا گلابي لڄ

اڄ ٻي ڪي ٺي گل ٽڙيا ۽
ڪي نکريا رنگ
اس جي تڙڪي جهڙا روپ ۽
انڌلٽ جهڙا انگ

اڄ ٻي ڪي ٺي ساز ڇڙيا پر
اهو ڪلهوڪو گيت
پريت نئين تي دل ڪي وٺي پر
الا پراڻي پريت

جيت اڄوڪي ڪجهہ ٻہ نہ آهي
اها ڪلهوڪي هار
اهو پراڻو پيار الا او
اهو پراڻو پيار

◎

بند ڪمرو
جنهن کي اولهه جي طرف شيشو لڳل
جنهن مان لهندڙ سج ليٽا پائي ٿو روز
ايرندڙ سج ڪين جهاتي آهي پاتي
۽ انهي شيشي منجهان
بنگلي جي باغ جو منظر بہ ڏسجي ٿو پيو
گل ڪي نارنگي ڪي پيلا ڪي اڇا
رنگ ڏسجي ٿو مگر خوشبو؟
ڪيئن ڪري شيشي جي هيءَ ديوار پار
هيءُ جهرڪيون هي ڪبوتر هيءُ ڳيرا
هڪڙي وڻ کان ٻئي تي ٽا ٽپ ٽپ ڪرن،
صاف ڏسجي ٿو اهو،
پر انهن پکين جون مٺيون ٻوليون ٻڌجن نہ ٿيون.
بند ڪمرو جنهن جي اولهه جي طرف شيشو لڳل-
جنهن منجهان ڏسجي تہ سڀ ڪجهه ٿو پيو
ايرندڙ سج کان سواءِ
پر ٻڌجي ڪجهه پي نہ ٿو
۽ نہ ڪا خوشبو اچي.
اوچتو ڪنهن حرڪتي چوڪر
ڪٽي پٿر هنيو :
شيشو ڀڄي پيو،
خوشبو اندر ڍوڪي وئي.

◎

◎

ٻلائين سان ٻول    منهنجو ٻيلائين سان ٻول

ڪين و سارينديس مان ڪڏهين
ڪـئـڙم جيڪو قــول
منهنجو ٻيلائين سان ٻول

دل ۾ ڪــوئــي ڊپ نہ آهـــي
هينئڙي ناهـــي هــول
منهنجو ٻيلائين سان ٻول

پهچـــي پار نہ رهندو ياد هـــي
وهه تڪ جهڪ ۽ جهـــول
منهنجو ٻيلائين سان ٻول

منهنجي لڙڪ جي قيمت ناهي
هـــي مـــوتي انـــمول
منهنجو ٻيلائين سان ٻول

◎

◎

او تنوير اجا ٻه گهٽائي جيئڻ لاءِ سهارا آهن
ڳل اجاري سرها آهن دوست اجاري پيارا آهن

آءُ رٺن جو رولو آهيان منهنجا رستا نيارا آهن
جن تي ڪوئي پيرو ناهي سي ئي منهنجا چارا آهن

هيءُ جي ڳل ۾ مڪڙيون آهن هيءُ جي چنڊ ستارا آهن
ڪنهن منٽري جو مظهر آهن ڪنهن پياري جا اشارا آهن

جن سان اونده ۾ پي جهلڪا ڏئي تي جهرمر جوت سدائين
هيٺ زمين تي ٿورا ماڻهو اڀ ۾ ڪي ئي تارا آهن

آءُ ازل کان ويٺو آهيان واٽ ۾ ايئين نيڻ وڇائي
جڻ منهنجا محبوب هتان هاڻي ئي گذرڻ وارا آهن

مون ڪي تنهنجي اکڙين مان ڪا جوت امرتا جي ٿي جهلڪي
قاتل جا هيراڪ انهي جي لاءِ ٿيا هي متارا آهن

هڪڙو ڪمرو اهڙو جنهن جي هر هڪ ڪنڊ ۾ چارا آهن
جت ماڻهو ناهن ات ڪوريئڙن جا وارا نيارا آهن

◎

◎

جي منهن مٺايو مري ويا سين
۽ جي نهاريو تہ جي پيا سين

ہ جام پي ۽ ڏٺو اوهان ڏي
تہ جيکي هئا سين سو ٿي پيا سين

ڏٺي سين اوندهہ اندر سڙي پيو
ڏيئا هيا سين ٻري پيا سين

شهر اوهان جي اچي خبر پئي
ٻليل هئا سين ٻلي پيا سين

◎

◎

چم چم چم چم چمڪي چير
آيو ڪير
منهنجي اڱڻ ۾

هيءُ ڪهڙو تي ويو آ جادو
وايو منڊل سارو خوشبو
سرهي سانجهه سوير
آيو ڪير
منهنجي اڱڻ ۾

گونجيا گونجيا گيت ڪٿان هيءُ
سازن آندي ريت ڪٿان هيءُ
هيءُ ٻڻ ٻڻ جا ٻير
آيو ڪير
منهنجي اڱڻ ۾

ٻاهر ۽ اندر آئينو
جرڪي دنيا جرڪيو سينو
لهي ويا سڀ مير
آيو ڪير
منهنجي اڱڻ ۾

◎

◎

پنڌ آهي پري
پنڌ آهي پري

تيسين ترسي ته پٽو
ڏينهن جيسين ٺري
پنڌ آهي پري

جيسين موٽي اچين
ڪو جئي ڪو مري
پنڌ آهي پري

شال موٽي اچي
تون لڳين مون ڳري
پنڌ آهي پري

◎

◎

سياري پن ڇڻن
ڇڻن نہ تنھنجون ڳالھڙيون
چنبڙي دل کي پون

سياري جھڪو درياھ
جيئن لھي درياھ تيئن
چڙھي وڃي تو چاھ

سياري ننڍڙو ڏينھن
جيئن ننڍو ٿئي ڏينھن تيئن
وڏي وڏو ٿئي نينھن.

◎

◉

ماضي سچ ڪڙو ڪو
چڻ ڪو مڏ پروڪو

جيڪو خواب ڪلهو ڪو
سوئي سچ اچو ڪو

سيڪو سپنا ماٺي
سايا ماٺي ڪوڪو

اسان ملائڪ ناهيون
او لوڪو او لوڪو

گل چڻڻ جو ڪاتي
تو آواز پڏو ڪو

◉

◎

تـج جـي گـوهـي جيـان
شعـر نكتـو ذهـن مـان

جـڻ تـہ ڏينهـون كـو كليـو
جـڻ ڦـيءَ آ منهـن كـڍيـو

جـڻ تـہ اک ٽـڙو اڏيـو
واءَ تـي تـرنـدو ويـو.

◎

◎

ڪيستائين مجاز جون ڳالهيون
هاڻ هلنديون نہ راز جون ڳالهيون

تون نہ سمجهين ۽ مان ڪندو تو وٽان
شعر پنهنجي ۾ راز جون ڳالهيون

حسن آڏو جهڪي ڏسي هڪبار
پوءِ ڪري ڪونماز جون ڳالهيون

◎

◎

تـو ن يـاد اچيـن ايـئـن جيئـن هيـر گُهـلـي تـي
اٺجاتي خو شي جڻ منهنجي جهوليءَ ۾ جُهلي تي

جـڻ مـاڪ پـوي تـي ۽ ڪـا تـذڪـار تئـي تـي
جـڻ صبـح تئـي تـو وري مڪـڙي ڪـا کُـلي تـي

ايئـن پيـار جـي هـڪـار وجـي ڦهلجـي جـڳ ۾
جـڻ شهـر ۾ افـواه تـي ڪـا ڳـالـهه هُـلي تـي

◎

◎

کيتريون سهٽيون صورتون
تنهنجي صورت ڪٽي

ڪيتريون مهٽيون مورتون
تنهنجي مورت ڪٽي

شهر جي شور ۾ تنهنجي آواز کي
مان سجائي وٺان

تون گلن ۾ لڪي جي وڃين
توکي ڄاڻي وٺان

هيءَ نوري نظارا لڪائي سگهن
ٿا نه توکي ڪڏهن

منهنجي دل تان مٽائي سگهن
ٿا نه توکي ڪڏهن

گوڙ ۾ گم ٿي سي توکي ڳوليان پيو
توکي ڳوليان پيو توکي ڳوليان پيو

◎

سو ڪَهِڙي تي ساوڪ آئي سانوڻ مينهن پيا
تو سان نينهن ٽيا

ڳاڙها پيلا ناسي نيلا جڻ ڪي گل ٽڙيا
تو سان نينهن ٽيا

مڏر مڏر هئي سانت ائين جڻ ڪي ئي ساز ڇڙيا
تو سان نينهن ٽيا

ڪين وريا ، سي ، جيڪي اونهين اکڙين منجهه گهڙيا
تو سان نينهن ٽيا

مڏ پي جي نه لڌيا ڪڏهين سي تو ڪي ڏسي ٽڙيا
تو سان نينهن ٽيا

رات اسان جي من جي اڀ تي ڪي ئي چنڊ ڪڙيا
تو سان نينهن ٽيا

◎

مـــو ن تـــو كـــي هـــت ڏنـــــا
ان لاءِ تـــ كـم كـريـــــن
ءِ تـــو ن انهـــن هـتّن كـــي
گـهـڙيءَ گـهـڙيءَ ءِ هـر ويـلـي
دعـــــا جـــــي لاءِ كـٺـيـــــن

◎

کھـڙا گھيـڙ ڏسـون
کھـڙا گھـاٽ پڇـون
تنھنجو نـانءُ وٺـون
تـرنـدا تـار وڄـون

تـرسـون کيٺـن پـلا
مـــــن ۾ آگ الا
ترسون جي - پڄـرون
کھـڙا گھيـڙ ڏسـون

کـوئـي سـاٽ ھـلي
آھـي جـي تـہ پــلي
ھيکـل ورنـــ ھلـون
کھـڙا گھيـڙ ڏسـون

پـيـرو نــاھـي کـو
بلکـل نٿـون رستـو
کنھـن جا پيـر کٺـون
کھـڙا گھيـڙ ڏسـون
کھـڙا گھـاٽ پڇـون

◎

◎

گھڻين ۾ رلون تا
ٽڙون ٽاٻڙون تا

گھٽو ئي پيئون تا
۽ ٽورو جيئون تا

جي الزام اچن تا
ته چُپ چُپ ٻڌون تا

اتان تو ڪٿي جڳ
اسان جت چڏيون تا

اوهان ڏي ڏسون تا
غزل جن لکون تا

اوهان پٿرن کي
اسان ئي گھڙيون تا

◎

◉

هيءُ کنهن جو لاش آ
جنگ جي ميدان ۾
کھڙو پاسو زور تيو
کھڙو پاسو گھٽ رهيو
کنهن جو رت هاريو گھڻو
کنهن جو رت آ گھٽ وهيو
کنهن کي ڏک ڳوڙها لڳا
کنهن کي ڏک تورا لڳا
کنهن کي گھرا گھاءَ تيا
کنهن کي هلڪا زخم تيا

کير آ کڙجي ويو
کنڌ کنهن جو آ جھکيو
کنهن تي بم برسيا گھڻا
کنهن جا گھر سڙيا گھڻا
کھڙي پاسي جا گھڻا
ٻار تيا آهن يتيم
کنهن طرف رب ڪريم

کھڙي پاسي ٻاھ گھٽ
کھڙي پاسي آھ گھٽ
کھڙي پاسي سور گھٽ
کنهن طرف مجبور گھٽ
هيءُ کنهن جو لاش آ
جنگ جي ميدان ۾

هن جي پاسي آ ڪٽيو
يا انهي هارائيو
هيءُ ٽيو آهي شهيد
يا جهنم ۾ رسيد
رحمتون ڪنهن تي وسيون
لعنتون ڪنهن تي وسيون

هيءُ جنهن جو لاش آ
ٽوڙي ان آهي ڪٽيو
يا انهيءَ هارائيو -
هيءُ منهنجو لاش آ
هيءُ تنهنجو لاش آ
هن نڪو آهي ڪٽيو
۽ نه آ هارائيو

مات ٿيا سين تون ۽ مان
مات ٿي انسانيت
سر جهڪائي شرم کان
بيٺي آ رحمانيت

◎

۵

# هيءَ ڌرتي

(۱۹۷۷ع کان ۱۹۸۵ع تائين)

پهريون ڇاپو. مارچ ١٩٨٥ع
پبلشرس : محمد ابراهيم جويو،
سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت،
حيدرآباد سنڌ.

موتي پرڪاش

۽

ڪلا پرڪاش

جي نالي

Faut-il criei? faut-il cre'er?
Qui donc nous creer en cet instant?
Et contre la morte elle meme n'est-il
que de cre'er?

St, John Perse- Amers.

روئجي يا تخليق ڪجي؟
هن گهڙيءَ اسان مان ڪير تخليق ڪندو؟
موت جو جواب تخليق ڪرڻ ڪان سواءِ
ٻيو ڇا آهي؟

سينٽ جان پرس
'اميرس'

# فهرست

صفحو

عنوان


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ١. مان کو ڪورو ڪاغذ ناهيان | ١١ |
| ٢. شرم ٿوني | ١٢ |
| ٣. ڳگدامن تي ڪهل ڪيو | ١٣ |
| ٤. پنهنجا مٽ چڪائيو | ١٤ |
| ٥. ڪونج جهڙي ڳچي.... | ١٥ |
| ٦. هائيڪو | ١٦ |
| ٧. تو سوا هيءَ زندگي.... | ١٧ |
| ٨. هو پيار تہ پنهنجو نڀائي ويو.... | ١٨ |
| ٩. هن ڀيري تہ بهار ۾ گوندر گونچ ڪڍيا | ٢٠ |
| ١٠. پرين ويا پرڏيهہ.... | ٢١ |
| ١١. توکي وٺون يا ڪين وٺون.... | ٢٢ |
| ١٢. ماضيءَ تي تا پاڻ پڏايو | ٢٣ |
| ١٣. مان هتان جو ناهيان | ٢٤ |
| ١٤. مان ئي آهيان پنهنجو جاني | ٢٦ |
| ١٥. سدائين ائين ڪين گهرائبو آ | ٢٧ |
| ١٦. راڪ رول | ٢٨ |
| ١٧. درد ئي آهي مسيحا | ٣٠ |
| ١٨. اوهان سڀ پڙاڏا ٻڌو تا | ٣٢ |
| ١٩. هڪڙو سهڻو گل گلابي | ٣٣ |
| ٢٠. ڌرتي ماتا | ٣٤ |
| ٢١. لوهي سيخن جي وٿين مان گذري.... | ٣٥ |

٢٢. امينيشن جي پٽرن وچ ۾ سچو موتي تو شرمائي ٣٦
٢٣. منهنجي جهوليءَ ۾ گل آهن ٣٧
٢٤. او الله جا تصور...... ٣٨
٢٥. جهڙ ٿيو مينهن تو وسي سائين..... ٣٩
٢٦. نيڻ ته نيل ڪمل ٤٠
٢٧. سچ وهي تو دريا وانگر ٤١
٢٨. انهيءَ رات ڏاڍو گهٽو پي ويس مان ٤٣
٢٩. نه ڪو مان خدا ۽ نه ڪو مان رسول ٤٤
٣٠. اڇو اي شيخ ته هڪڙي سان اڄ نباهه ڪيون ٤٥
٣١. مستقبل ڏي ٤٦
٣٢. اڇو ته ڳايون.... اڇو ته ڳايون ٤٧
٣٣. تاريخ هلندي ٿي وڃي.... ٤٨
٣٤. اوهان جيڪي هڪڙي کي چاڻو سچاڻو ٤٩
٣٥. گڏ ٿيو......گڏ ٿيو.... ٥٠
٣٦. هونءَ ته جلون جي هر دم تو جوت جلائي آئينو..... ٥١
٣٧. هوا ٥٢
٣٨. تو سوا جيون.... ٥٣
٣٩. نه ڪي بيت مون وٽ نه ڪي آيتون ٥٤
٤٠. هر پاسي مونجهارا..... ٥٥
٤١. اهو پڌايون ڪيئن..... ٥٦
٤٢. هي لنوائيندڙ گهڙيون.... ٥٧
٤٣. سينواريل تلاءُ ٥٨
٤٤. موتي چو ٿي پائين.... ٥٩
٤٥. اناالحق حق ٦٠
٤٦. نه ڪا حور گهرجي نه ڪائي پري..... ٦١
٤٧. هيءَ ڌرتي ٦٢
٤٨. سکي وڃن نه متان ياد جا ڪنول نازڪ ٦٤
٤٩. سڏ پڙاڏو هڪ ٿي ويا...... ٦٥
٥٠. جي آ هالار پوءِ به ڪاچو آ...... ٦٦
٥١. هائيڪو ٦٧
٥٢. مون کي هر وقت يلا ائين چو لڳندو آهي.... ٦٨

٥٣. جي مارڳ منجهہ مٺا تن جو طالع پڇو ٧٠
٥٤ ڪيڏارو (داستان پنجون) : جي مارڳ منجهہ مٺ...


## فرينچ شاعريءَ جا ترجما


٥٥. لاٽ : ايم - يم - ڊيوي ٧٥
٥٦. سرءُ جو گيت : پال ورلئين ٧٦
٥٧. وسڪارو : پال ورلئين ٧٧
٥٨. منهنجو عجيب خواب : پال ورلئين ٧٨
٥٩. تنهنجا ايترا خواب ڏٺم : رابرٽ ڊيسنو ٧٩
٦٠. ڪپڙا لاهہ : رابرٽ ڊيسنو ٨١
٦١. رستي جو راڳ : پال جيرالڊي ٨٢
٦٢. ٻيائي : پال جيرالڊي ٨٣
٦٣. گفتگو : چارلس بودليئر ٨٤

◎

## مان ڪو ڪور ڪاغذ ناهيان

مان ڪو ڪورو ڪاغذ ناهيان
جنهن تي چاهيندين جو - لکندين.
يار جي ڦرهي ناهيان جنهن کي،
ميساريندو، لکندو رهندين.
اڻ ڏهندڙ تحرير مان آهيان،
۽ پنهنجي تقدير مان آهيان،
مان آهيان هڪ ازلي ليڪ
منهنجي اک ۾ سچ جو تيڪ

◎

(توڙهيءَ واري واقعي تي)

# شرم ٻوٽي

شرم ٻوٽي جهڙ ساڳ ڪومائجي-
توڪي هٿلايان ٿو، تون ٽڙي ٿي پوين.

مان ڪو مضراب آهيان ۽ تون ساز جڙ
جو جهڙ ساڳ هڪدم جڙي ٿي پوين.

هير جان نند مان توکي جاڳايان ٿو
۽ تون مکڙيءَ وانگر ٽڙي ٿي پوين.

سج جي روشنيءَ جو جهٽي اولڙو
چوڏينهنءَ چنڊ وانگر ڪِڙي ٿي پوين.

# ڳڳدامن تي ڪهل ڪيو

نندي هوندي پڙندو هوس،
ماڻهو چوندا هئا،
جانورن تي ڪهل ڪريو -
انجمنون ٺاهيندا هئا
گهوڙن گڏهن کي مارڻ وارن تي
ڪيس ڪندا هئا -

اڄ ڪلهه چوواٽن تي، ميدانن ۾
انسانن کي لڳن پيا چهبڪ
اهڙا ڪي ماڻهو آهن جي
چئي سگهن
انسانن تي ڪهل ڪيو -
- ڳڳدامن تي ڪهل ڪيو!

©

◎

پنهنجا مٿ چڪائيو
پنهنجو مڌ مچائيو

زخم پيا سي اکين تي
گهورن ساڻ نه گهائيو

پرين ڪان جي پور ملن
سي چشمن تي چائيو

هاڻ ته سوکهڙو آهي
هاڻ ته مينهن وسائيو

شعر لکي جيکي تنوير
اوهان انهن کي ڳائيو.

(د)

کونج جهرڙي ڳچي
ڊيل جان ٽور آ

وارينا اينل
رنگ ٿي اور آ

پاڻ خاموش ۽
شهر ۾ شور آ

پير پنهنجا ڏسي
جي ڪوئي مور آ

دل ۾ آهي اُهو
دل جو جوچور آ

هت پنهون تا کڄن
هيءُ ڀنيور آ

# هائڪو

چھرو ڪاوڙيل
۽ ڪالر تي ڪوٽ جي
ٽڙندڙ گل لڳل.

مينھن پيو ڦڙ ڦڙ
پڙھيم ويٺي شاعري
تيو ڪانون جو لُڙ.

# الطاؤ

تو سوا هيءَ زندگي
ڇڻ تہ لوهہ جو دڪان
هر گهڙي ڇر ۾ ڇي

مان نہ ساريان هڪ گهڙي
جنهن ۾ پڇري ڪينءَ ڄان
تو سوا هيءَ زندگي
ڇڻ تہ لوهہ جو دڪان

هر گهڙي هڪ مترڪو
هر ڪو پل سنداڻ آ
تون هليو وئين ايئن ڇو
هر گهڙي هڪ مترڪو

درد ڪيئن ٿيندو جهڪو
وقت سورن ڪاڻ آ
هر گهڙي هڪ مترڪو
هر ڪو پل سنداڻ آ

# الطاف

هو پيار تہ پنهنجو نيائي ويو
پر مون کي رڻ ۾ رلائي ويو
هن گهاوَ تہ پنهنجا کين ڏنا
پر سنڌ سڄيءَ کي گهائي ويو

هو وڻندڙ هئو، هو خوب هئو
هو مٺڙو هئو محبوب هئو
اڄ نظرن کان محجوب ٿيو
منهنجي اکڙين کي تہ سکائي ويو

لڙکن سان کيئن هي داغ ڌهن
سڏکن سان کيئن هي سور لهن
سي عمر سموريءَ لاءِ ڳهن
هو پيچ جني سان پائي ويو

سهڻا گل اڳ ۾ پڃن تا
سونا سنگ پهرين ڪڄن تا
سامي نہ گهٽو ڪٽي ترسن تا
هو راز اهو سمجهائي ويو

ايڏيون تو جدايون ڪري جاني
جو کين قبولي مهماني
هئي تيار پٺي مون وٽ ماني
هو پنهنجو ماڳ مٺائي ويو

چا هيءُ ٻہ هن جو ماٺو هئو
چا هيءُ ٻہ ضد ڀاراٺو هئو
هو ماٺهو موتيءَ داڻو هئو
جو سنڌ سڄي جر ڪائي ويو

ڪنهن ڏک ۾ اڪيلو ڪين ڇڏيئين
هر ڏوڙ ۾ منهنجو ساٿ ڏنئين
اڄ پنهنجي اڪيلي واٽ وتئين
هن وياڪل من کي گهائي ويو

ڇو ايڏو جلدي هو اسهيو
ڇو ايڏو ٿورو وقت رهيو
هو ماڪ جي ٻوند تہ ڪين هيو
جو پل ۾ مُنهنڙو مٽائي ويو

هوءَ ڪهڙي رات اماس هئي
جا چنڊ اسان جو ويئي ڳهي
اوندهہ ڪري واسو ويهي رهي
منهن پنهنجو چنڊ لڪائي ويو

اڄ ياد ۾ جنهن جي نيڻ ٽمن
اڄ پل پل جنهن جا پور پون
اڄ تَنهن جون ڳالهيون ياد اچن
هئو جيسين سڀن کي کِلائي ويو

مان ڪيئن ڪريان مان ڪاڏي وڃان
سڪ هن مان لٿي هئي ڪين اڃان
مان ڪيئن مڃان مان ڪيئن مڃان
هو مون کان پاند ڇڏائي ويو

# الطاف

هن ڀيري تہ بهار ۾ گوندر گونج ڪيا
اندر ۾ الطاف جا ور ور وڍ پيا
پيلا گل ٽڙيا من ۾ مونجهن پاڙ هنئي

هن ڀيري تہ بهار ۾ نسريا آهن سور
ساروٽين سلا ڪيا پاڙون هنيون پور
من نہ سمجهي مور، پل پل لڙڪ لڙي پون

هن ڀيري تہ بهار ۾ قُٽي پيا قٽ
گهاو مليا، جن کي ڪڏهن لَٽي نہ وقت جي لَٽ
اندر آ برپٽ، ٻاهر چاهي - ڪجهہ نہ آ

پل پل توريءَ تير جان چڀي وڃي تو ڀاءُ
تنهنجي وڇوڙي لاءِ ڇا مون کي ڇٽيو ماءُ!
ڪاٽي تنهنجيون ڳالهڙيون ڪاٽي تنهنجو ساءُ
تنهنجو هڪڙو گهاءُ لک زخمن کان وڏ لڳي

پيا ٽا چاڪ چڪن چڪندا رهندا عمر ڀر
تنهنجي لاءِ سڪن جي اهي ڀلا ڪيئن ڪن
خوابن ۾ ئي ٽي سگهي تو تنهنجو درشن
هڪڙو هڪڙو کن توريءَ ٽياس تو لڳي

## الطاقُ

پرين ويا پرڏيهه اسان هن ڏيهه کي ڪُوڙو ڀانيون

سامي پهتا ماڳ تنهين
ناهي جنهن جو ڇيهه
اسان هن ڏيهه کي ڪوڙو ڀانيون

مون لڏ باقي آ بچي
سندي پيرن کيهه
اسان هن ڏيهه کي ڪوڙو ڀانيون

تو جو ڏيهه و سائيو
سڀ جو آ سائيه
اسين هن ڏيهه کي ڪوڙو ڀانيون

◎

توکي وٺون يا ڪين وٺون تہ بہ
جهڙا آهيون تهڙا آهيون

ڏاڍا ڀاڳن وارا آهيون
پاٽياريءَ سر ٻهڙا آهيون

ڪجهہ ڏينهن لئہ ياد ڪنديئن ٿيءَ تون
تنهنجي جسم تي رهڙا آهيون

مينهن! ڀلي وس، وس وس هاڻي
سالن جا سوڪهڙا آهيون

◎

ماضيءَ تي تا پاٺ پڙهايو
حال ۾ ڪهڙا آهيو

شتر مرغ جان واريءَ ۾ چو
پنهنجو منهن تا لڪايو

پيالو مون تہ پريو آهي پر
هٿاوهان بہ وڌايو

پوئتي ڏسندي اڳتي وڌبو
ڪيئن پلا، سمجهايو

ماضيءَ تي تا پاٺ پڙهايو
حال ۾ ڪهڙا آهيو

# مان هتان جو ناهيان

مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
هيءُ ماڻهو اجنبي
هيءُ مٽي اوپري

هي ڪڙيون ، جي منهنجي پيرن ۾ ڏسو ٿا
سي هنن ماڻهن جي ذهنن جا وڪڙ آهن
تير ، جي سيني ۾ منهنجي ويا کُپي
سي هنن جون تيز نظرون
رت جيڪو منهنجي زخمن مان وهي ٿو
سو هنن جو قُوت آ
مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
مان ڪٿان جو آهيان؟

مان اتان جو آهيان
جت هڪبئي جي سوچ
هڪبئي لئه گلن جو هار آ

جت مُرڪ جي ديويءَ جو راڄ
جت ٺهڪڙن جا ٻار ٽا رانديون رمن
جت عشق جي ٻيڙي سدائين
حسن جي لهرن جي پينگهي ۾ لڏي
جت خوشيون چٽڪائي تيلين جان ڏڪن جي
جهنگ ۾ جهرمر ٽيون ڪن

هي شهر آهي ڪو ديون جو شهر
جنهن ۾ چرڪن چوڪريون
جنهن ۾ ٻارن جون رڙيون
ٻاٽ اوندهه ۾ جتي ٽيون ٽيل لئمپ جان
ٻوٽ جون اکيون ٻرن -

(اٿپورو)

◎

مان ئي آهيان پنهنجو جاني
سبحاني مان اعظم شاني

ٻن چيزن ري سڀڪجهه فاني
تنهنجو حسن ۽ منهنجي جواني

پيار ئي آهي ڳٽ ڳچيءَ جو
پيار ئي آهي ڳچيءَ جي ڳاني

نانهه ۾ ڳولي هستي پنهنجي
دل ديواني دل ديواني

اکڙين منجهه ڦُڻا ڪانڌيرا!
دل جي واٽن تي ويراني

پيار اڳيان ٻئي ٻي معنيٰ ٿيا
ڇا ناداني ڇا داناڻي

◎

سدائين ائين ڪين گھرائبو آ
ڪُلي ۽ دل سان ڪڏهين تہ ڳالهائبو آ

نہ شوخن سان دل کي ڪو اٽڪائبو آ
جي اٽڪائبو آ تہ پڇتائبو آ

ٻين جي اڳيان جيئن شرمائجو ٿا
اسان جي اڳيان ايئن نہ شرمائبو آ

سچي عمر پڙهبو پيو آ سبق هڪ
پنو عشق جو ڪين اٿلائبو آ

زبان مان جڏهن ڪو اکر ڪين اُڪلي
انهي وقت اکين سان ڳالهائبو آ

اوهان سان رڳو دل کي وندرائبو آ
نہ ڪٿبو ٿي آهي نہ هارائبو آ

ڪڏهن دشمنن ۾ بہ ڏيپ ناهي ٿيندو
ڪڏهن دوستن ۾ بہ گھبرائبو آ

تڏهن شعر تنوير لکبو آ پاڻهي
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوئي کائبو آ

# راڪ رول

ناچ ۾
دائرا
گول گول
سِر ۾ آ
ڪو خمار
راڪ رول
راڪ راڪ - رول رول

ٻانهن چيلهه ۾ نه وجهه
هڪ قدم اڳتي کڻ
هڪ قدم پريرو
هڪ قدم پوئتي
مان وٺان توکي، تون
مون کي وٺ
ساز ساڻ سُر ملاءِ
۽ سيالي پير کڻ
ايترو نه ويجهڙ اچ

۽ نه ايڏو ٿي پري
توڙي تنهنجي دل چوي
ته به نه لاءِ مون ڳري
ٿورو ٿورو فاصلو
آ ضرور

تورو ويجهو
تورو دور
منهنجي سامهون هجين
پوءِ بہ مون کي ڳول ڳول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول راڪ رول راڪ رول

منهنجي لئہ تون مچ ، جو
سيءَ ۾ ٻري پيو
پر جي ويجهو تو اچان
تہ سڙي وڃي وجود
۽ اگر پري ٿيان
ڄاڻي روح تي جمود
تورو تورو فاصلو
تورو تورو قرب آ

جيترو بہ تي سگهي
اوترو قريب آءُ
توتان اول گهول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول -راڪ رول
راڪ رول

# درد ئي آهي مسيحا

درد ئي آهي مسيحا
"قم باذني" چئي اٿاري
تو ڪئي مردا جياري
درد پيغمبر - انهي جو معجزو آهي سچاڳي!

ننڊ موت جي ڀيڻ
لوليون ڏيئي سمهاري
اسرندڙ قومن جا ٻار
ڪي ڳهرجن
ننڊ ڪن ڪي
ڪي وڃن سڪرات ۾
موت جهڙيءَ سانت ۾

درد هڪڙو شور
جنهن ڪو رعد جو رڙڪو هجي
پاتاوندهه ۾ جيئن مظلوم جي ڪا چيٽ
جنهن سان
ڳهريل

ننڊ ۾ ستل
سڪرات ۾ ورتل
پرن هڪ چرڪ ۾ جاڳي پون
"قم باذني" جي ٻڌن

درد ئي آهي مسيحا
"قم باذني" چئي اٿاري
ٿو ڪئي مردا جياري
درد پيغمبر -
انهي جو معجزو آهي سجاڳي!

◎

اوهان سڀ پڙاڏا ٻڌا تا
مگر سڏ ٻڌوئي نہ تا
اوهان سڀ ڏسو تا رڳو عڪس
پر روشنيءَ ڏي ڏسو ئي نہ تا
اوهان ڊوڙو تا روز پاڇن جي پويان
حقيقت ڏي ليڪن اچوئي نہ تا
هيءَ خوابن جي دنيا، هيءَ خيالن جي دنيا
انهي کان اڳي ڇو وڃو ئي نہ تا!

# ابديت

هڪڙو سهڻو گل گلابي
پنـي ، نپوڙي ، چيـاڻي ۽ چيٿاڙي
اڇليو ويو آ مٽيءَ ۾
اگ بہ هئي خوشبو ان ۾ پر
چيـاڻڻ ۽ نپوڙجڻ کان پوءِ
ٻهڪارن جون هيرون آيون
خوشبو جا اوٻارا آيا
جيڪي ڌرتيءَ جي گولي کي
ويڙهي ويا.

گل تہ مٽيءَ منجھ ملي ويو ،
ليڪن ان جو واس
ابد تائين پيو لهرائيندو.

# ڌرتي ماتا

ڌرتي ماتا
پختا تي ويا
تو سان ناتا

تنهنجي ٺاڪ تي رات ڪٽي سين
تنهنجي مٽي نرڙ کي لائي
اوندهه جي سڪرات ڪٽي سين
پنهنجي آتي آتي ڇاتي
تنهنجي ڇاتيءَ ساڻ ملائي
توکي ڏاڍو ٻاڪر پائي
سمهي پياسين درد دٻائي
جيئن ڪو ننڍڙو ننڍڙو ٻالڪ
ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ منهن پنهنجو
ٻو ڪان ڇڏيندو آهي لڪائي

اوندهه جي سڪرات هجي ٻل
تنهنجي وائي هوندي وات
دل ۾ هوندو تنهنجو درد
تنهنجي سورن جي سوغات
آهيون تولئہ آتا
ڌرتي ماتا!
پختا تي ويا
تو سان ناتا.

(خيرپور جيل -١٦ آڪٽوبر، ١٩٧٩ع)

◎

لوهي سيخن جي وتين مان گذري
هير سرهاڻ کڻي آئي آ
درد جي جهنگ ۾ تنهنجي منهن جي
اجري چانڊاڻ کڻي آئي آ

درد جي رات ڏکهي آهي ته ڇا
چنڊ نڪري ٿو نٽرن ٿا تارا
تات تنهنجي ٿي سيئي درد ڏکي
مرڪ مرڪن ٿا سدا دل وارا

قيد ڪوٺن ۾ ڪڏهن ذهن رهيا
هير ۾ سوچ جي خوشبو گهلندي
ڦهلجي ويندي جا هر وسعت ۾
ديس جي هرڪا گهٽي واسيندي

(سکر سينٽرل جيل-٢٨ آڪٽوبر، ١٩٦٩ع)

◎

امينيشن جي پٿرن وچ ۾ سچو موتي ٿو شرمائي
مورک ماڻهن جي مجلس ۾ شاعر ڪيئن ڪو شعر ٻڌائي

شهر تي ديون جو آ قبضو ماڻهو ماڻهو پنڌ پهڻ ٿيو
جادو ٽٽندو، ٽٽندو، نيٺ ته ٽٽندو، ليڪن ڪڏهن الائي

ٽاڪ منجهند جو سج گرهڻ تي پکي هليا ويا واهيري ۾
اونده آهي، رات نه آهي، پوءِ ٻي چو ٿي دل گهرائي

چنڊ تي ماڻهوءَ پير رکيو آ تارن ڏي ٿو تاڻي هاڻي
درسنين سان هاڻ نه سگهندو ڪوئي من جو رام ريجهائي

جيڪو گدرو خوشبو ڏيندو سڀ کان اڳ ۾ ڳترا ٿيندو
پڪل ميوو ڪيئن ٻلا سرهاڻ ڏيڻ کان پاڻ بچائي

◎

منهنجي جهوليءَ ۾ گل آهن
تنهنجي هٿ ۾ پٿر آهن

دل جو حال نہ لکجي سگهبو
ڪورا سارا ڪاڳر آهن

هاڻ نہ ڳوڙها اگهجي سگهبا
نيڻ سمورا ساگر آهن

ڳيرا ڦِرندي ڪرندا پٽ تي
بندوقن جا فائر آهن

◎

او الله جا تصور
تو ۾ سيڪجهه آهي -
تقدس ، قهر ، جبر ، ۽ رحم
تنهنجا نوانوي نالا
پر تو ۾ هڪ شيءِ ڪانهي
سا آهي انسانيت!

◎

جهڙ ٿيو مينهن ٿو وسي سائين
ڪوئي دل منهنجي ٿو ڪسي سائين

ڀل چوي پوءِ چنڊ ڪي سهڻو
ڀرين منهنجو پرين پسي سائين

ڀٽڪي ڀٽڪي مان واٽ لهندس نيٺ
مون کي ڪوئي نہ ڪجهہ ڏسي سائين

کهڙي امرت جي آ طلبان کي
تنهنجي چپڙن تي جو رسي سائين

هن حياتيءَ تي ڀروسو ٿي ويو
پيار جي ئي تہ ڀروسي سائين

◎

نيڻ تہ نيل ڪمل
آلا ماڪ ڀنل
شيمپو ، وار ڪڻيل
پنبڻيون مٿي وريل
سرخي ، چپ چميل
لڄ ڪان ڳاڙها ڳل
چڻ ڪو روج لڳل
ڳل جان ٽهڪ ٽڙيل
ڇاتيون ، ڇلندڙ جل
تون مان مينهن اٿل
ساوا گاھ قُڻل
ڳاڙها گل ٽڙيل
ڏاڍا رنگ رتل
ڏاڍي موج متل
ڪنوٽين ڪيچ تيل
هينئين هيج اتل
من ۾ موج متل
دل ۾ درد ڊهيل
پريت جا پيچ پيل
تون ماٺ مٺل
اکڙين ڳالھ چيل
جڳ ۾ هُل متل
اهــڙا پيــارا پــل
اهــڙا سـرهـا پــل

# ـج وهي ٿو دريا وانگر

سچ وهي ٿو دريا وانگر
سچ وڌي ٿو
۽ پکڙي ٿو
گونچ ڪڍي ٿو - گل ڏئي ٿو
رَسجي ٿو ۽ ميوو ڏئي ٿو
سچ وهي ٿو دريا وانگر
پر ڪنهن سمنڊ نہ چوڙ ڪري ٿو.

سچ هر دؤر ۾ ،
۽ هر جاءِ تي
هڪجهڙو ناهي
سچ بيٺل پاڻي ناهي
ڪالهوڪو سچ جو هوندو
اڄ وڌي وڻ تي ويو آهي
ان ۾ جيڪو ڪالهہ نہ هئو
(گونچ ، گل ۽ ميوا)
سو اڄ آهي.
ڪالهہ چيو جيڪي مون

سو اڄ اڻ پورو آهي.
سچ وڌي ٿو ۽ پڪڙي ٿو،
پر هر وقت اهو
اڻپورو آهي -
سچ وڌي ٿو ٻار جيان
جوان ٿئي ٿو -
پر هو پوڙهو ڪين ٿئي ٿو -
۽ نہ مري ٿو -
سچ سدا اڻپورو
سچ سدا بهار
سدا جوان
سدا حيات!

◎

انهي رات ڏادو گهڻو پي ويس مان
سندءِ گهر جو رستو ٻيلجي ويس مان

قري وئي جي تنهنجي نظر ، مان رسي پيس
جي مون ڏي نهاريئه تہ پرچي ويس مان

نہ مون کي خبر هئي تہ چاهي جواني
ءِ توسان ملڻ کان پو سمجهي ويس مان

هي ماڻهن جو جهنگل کندا کرڙ ماڻهو
رهڙجي ويس مان ءِ ڦٽجي ويس مان

بنان منهن جي ماڻهو - سڃاڻڻ بہ مشکل
الا ديس کهڙي مان اڙجي ويس مان

جي اندر جو احوال چاهيو لکڻ مون
قلم مثل تنوير گهڙجي ويس مان

◎

نہ ڪو مان خدا ۽ نہ ڪو مان رسول
مان تنوير آهيان پوان شل قبول

نہ ڏاهيان نہ ماريان ، نہ ساڙيان تو مان
محبت ڪرڻ آهي منهنجو اصول

لهي ڪين تو عشق اب مان ڪڏهن
دلين مان محبت جو تئي تو حصول

لٿا ڪين مٿان آسماني ڪتاب
۽ مون تي محبت جو ٿيو آ نزول

نہ وسري سگهي تي ڪڏهن ياد سا
اها جل پري ، مان ۽ سو منگ پول

◎

اچو اي شيخ تہ هڪبئي سان اچ نباھ ڪيون
اوهان ثواب ڪيو ۽ اسان گناھ ڪيون

اوهان قرآن پڙهو ۽ اسان ڪتاب لکون
اوهان خدا سان اسان عشق سان نباھ ڪيون

جڏهن اوهان جو سمورو عمل آ خودبيني
اسان چو واھ چئون ۽ اسان چو آھ ڪيون

نہ دوستن ۾ وفا ۽ نہ دشمنن ۾ دغا
ڦٽايون ڪنهن سان ڀلا ڪنهن سان نيٺ ناھ ڪيون

# مستقبل ڏي

منهنجو پٽ ۽ منهنجون ڌيئون
آلو ڌيئي مون کي
وٺي وڃن ٿا
مستقبل ڏي

# اچو تہ ڳايون

اچو تہ ڳايون
اچو تہ ڳايون
اچو تہ گڏجي ڳايون
اگر اڪيلا ناهيون
پوءِ چو
هيڪل هيڪل ڳايون!

تان هٿان مان
جتي چڏيان مان
اتان مٿي تون کڻ
جتي چڏيان مان پنهنجو پلئو
اتان وٺي تون هڻ.
ساهہ منجهي جت منهنجو، تون
ان جاءِ کان اڳتي هل
جمي پوي محفل.

سيئي اڪيلا-. ڪونہ اڪيلو
سڀ جو پنهنجو ويلو
تنهنجي لاءِ اڪيلائي آ
جيڪو ڳائي اڪيلو.

جنهن جي سرگم ۾ سڀ شامل
سوئي ڪامل
هڪڙي سُر سان راڳ نہ ٺهندو
سُر جو سر سان سنگ ڪپي
سرگم ۾ آهنگ ڪپي.

# تاريخ هلندي ٿي وڃي

تاريخ هلندي ٿي وڃي
اڳتي - سدا اڳتي
ازل کان هوءَ اڳتي ئي هلي آهي
۽ اڄ تائين بہ اڳتي ئي پئي هلندي
ابد تائين
اگر تاريخ جو ڪوئي ابد آهي -
(مگر تاريخ جي بيهڻ جو نقطو ڪوبہ ناهي)
رڳو هڪڙوئي ڏس تاريخ کي آهي
نہ ڪو ساڄو نہ ڪو کاٻو
نہ ڪو پٺتي
رڳو اڳتي رڳو اڳتي!

اوهان اڳتي وڃو
بيهي رهو
پٺتي هٽو
مگر تاريخ پنهنجي ڏس ۾
اڳتي - ۽ اڃا اڳتي - اڃا اڳتي پئي وڌندي
سدا وڌندي ئي رهندي، جو
انهي جو ڪو ابد ناهي
انهي جو ڪو ابد ناهي!

# اوهان جيڪي هڪيئي هڪي ڄاڻو سڃاڻو

اوهان جيڪي هڪيٽي کي ڄاڻو سڃاڻو
اوهان جيڪي هڪيٽي کي سمجهي سگهو ٿا
اوهان.جيڪي هڪيٽي جي اکين ۾ اکيون وجهي ۽
نهاري سگهو ٿا

اوهان ڳڌ ٿيو
نهاريو اوهان هڪيٽي جي اکين ۾
۽ پنهنجي هٿن ۾ جهليو هٿ انهن جا
جي هڪيٽي کي ڄاڻن سڃاڻن.
خبر ناهي هن ڪان پو
هڪيٽي کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ بہ مشڪل ٿئي
هٿ ملائڻ بہ مشڪل ٿئي
۽ هڪيٽي جي اکين ۾ گهوري
نهارڻ بہ مشڪل ٿئي -

اوهان جيڪي هڪيٽي کي ڄاڻو سڃاڻو
اچو
هڪيٽي جي هٿن ۾ ڏيئي هٿ
۽ اکين ۾ اکيون وجهي
ڏسو وقت ڇا ٿو ڪري
وقت ڇا پيو ڪري
پوءِ بہ هٿ پنهنجا هوندا مليل
۽ اکيون پنهنجون هونديون سدا اٽڪيل

# ڪَڏ ٿيو

گڏ ٿيو گڏ ٿيو
جي مرون تہ گڏ مرون
۽ جيئون تہ گڏ جيئون
ڪجھ ڪريون
۽ جو ڪريون تہ گڏ ڪريون

ڪيچ مان ڪٺا بچيا
گھٽا بچيا - ؟
بچيا جي تن مان ٿيندا ڪيچ
هي ڪٺا جي ٿورا تہ بہ
گھٽا گھٽا
گھٽا گھٽا

◎

هون ۽ تہ جَلوَن جي هردم تو جوت جلائي آئينو
پنهنجي ليکي هکڙو يي کرٽو نہ اپائي آئينو

سين حسينن جي اکين سان اکيون ملائي آئينو
جي هو شرمائن تا خوديي تو شرمائي آئينو

هر کنهن جي اوگهڙ کي تو هوان جي آڏو پيش کري
سڀ کجھ آڻي رکي تو آڏو کجھ نہ لکائي آئينو

ميڪ اپ وقت تو رنگ روپ جو جادو لائي آئينو
رات جو اوندھ ۾ تو انڌن جان پچتائي آئينو

ڳالهائڻ واري جي آڏو هردم هي آهي گونگو
چپ يي چوري تو پر کين سگھي ڳالهائي آئينو

شيش محل ۾ هڪ ڏيئي سان جڳ مڳ لائي آئينو
چمڪڻ واريءَ شيءِ کي تيئن ئي وڌ چمڪائي آئينو

# هوا

هوا - آواز سان ڀريل
هوا - سرهاڻ سان ڀريل
هوا - خنڪيءَ سان ٽلندڙ آ
هوا - لهرن سان لڏندڙ آ
هوا - آواز ۽ سرهاڻ ۽ ٿڌڪار ۽ خنڪي
هوا - ساڳي هوا طوفان - واچوڙو
۽ لڪ ۽ لُوءِ ۽ جهولو
سڪل پيلن پنن سان پُر
وڏي ڪنهن شور سان ڀريل
وڏي طاقت وڏي قوت
جا سمنڊن کي ٿي ڇاڇولي
وڻن کي جا پٽي پاڙئون
هوا - جا روح منهنجو آ
هوا - جا ساهه منهنجو آ

# تو سوا جيون

تو سوا جيون ائين آ بي مزي
اڻ ڇڪيل جڻ تار يڪتاري جي ڪا پيٺي وچي
جڻ تہ ڪا پاروتي ماني
ڪير جڻ ڪوئي ڪريل
يا تہ ڪنهن شهڪار تي آ چانهہ هاريل
پير ۾ ڪوڪو چيي تو جڻ تہ ڪو نئين بوٽ جو
يا ڪوئي نئون سوٽ
سگريٽ جي ڦلي سان پئي سڙي
يا نئين ماڊل جي گاڏيءَ ۾ پيل ڪو ڏينٽ-
جڻ ڪو داغيل انب
تو سوا جيون ائين آ بي مزي

◎

نہ ڪي بيت مون وٽ نہ ڪي آيتون
رڳو پيار ۽ پيار جون ساعتون

رهياسين سڄي عمر معصوم تہ بہ
اسان تي لڳيون عشق جون تهمتون

نہ ڪي صورتون ۽ نہ ڪي مورتون
نہ ڪي جلوتون ۽ نہ ڪي خلوَتون

اسان طور سينا اکين تي رکيو
نگاهن کي ڏيو ڪي ٻيون دعوتون

اوهان چپ ڪري دل ۾ ويهي رهيُو
۽ هر هنڌ اوهان کي سڏيندا وتون

اسان جي محبت ڪندي معجزو
نہ رهنديون اهي نفرتون نفرتون

ٻہر جي وٽن جان اسان جو جيئڻ
۽ مانجهاندڙين جان سندن قامتون

◉

هر پاسي مونجهارا
ڪوريئڙن جا چارا

مند سرءُ جي پوءِ پي
جهومن ڪنگو تارا

بمباريءَ جي پويان
ڳجهن جا لامارا

پاڻ ۾ ڪيئن ڳالهايون
گهٽي سڄي تاڻارا

پوپٽ گل تان اڏريو
وچڙيا سين ايئن پيارا

ڪاڏيءَ ڪب تان صدقي
ماٺهو مرڪڻ وارا

نڪتي لڙ ڪن ڏارا
دل درياهه ۾ گهارا

اهو ٻـڌايـو ن ڪيئن تنوير اسان ڪي هـو ڇـو يـاد رهيـو
هـڪڙو مـاٺـهـو پيارو مـاڪيءَ جهڙي رنـگ جـو يـاد رهيـو

پي ايڏو مـدهـوش ٿيا سيـن جـو سـارو جڳ وسـري ويـو
تـڏهـن بـ تنهنجو نـانءُ ۽ تنهنجي گـهـر جـو رسـتـو يـاد رهيو

ڇُـگـهـ ڳلن ۾ ڪاڏيءَ ۾ ڪب اڪڙيـو ن ڪجليو ن ڀيـا وار
جيـو ن ڀـر هـڪ سـهـڻـو ۽ مـن مـهـڻـو ڇـهـرو يـاد رهيـو

دل دريـاهـ مـلـي مـو ن ڪـي اٿـهـو نـد جـا ڀـي انبـار مليـا
مـو ن ڪي پنهنجي قسمت جو هي ظالم چرچو ياد رهيو

منـدو ن مـو تيو ن ڏينهـن نـ مـو تيا جي تو سان گـهاريـم الطاف
هـاڻـي پڇتايـان تـو مـو ن ڪي و قت اهـو ڇـو يـاد رهيـو

اسان اوهان ڪان وسري وياسين ان تي ناهـ تعجب ڪو
ڳالهـ عجب جي آهي اوهان ڪي شعر اسان جو ياد رهيو

# هي لنوائيندڙ گهڙيون

هي لنوائيندڙ گهڙيون
۽ وتين مان آگرين جي ڪسڪندڙ واريءَ جان وقت
هي سنجها جي روشنيءَ جان موڪلائيندڙ سمو
سمنڊ جان اڻ ڪٿ ۽ اسرارن سان ڀريل
پر ڪنارو ان جو واري
جنهن مٿان لهرون - سڪل، ساڪت ۽ جامد
جن ۾ ڪا چرپر نہ ڪائي زندگي.

تون نہ گهڙين جان لنواءِ
منهنجي دل کي تون نہ گهاءِ
تون سنجها جي روشني ناهين
جسم تنهنجي جا وارڪا
ريت جي لهرن جان ساڪت ڪين آهن
تون نہ منهنجي دل کي گهاءِ
تون نہ گهڙين جان لنواءِ!

# سينواريل تلاءُ

هيءُ هڪ تلاءُ
جنهن تي واءُ
گهنج پيا نہ تو وجهي

سائي سينور آهي جنهن جي سطح کي ڍڪي ڇڏيو
صاف ۽ شفاف سطح سائو سائو ٿي ويو
جڳ جڳن جا ٿي ويا
نہ لهر ڪا نہ ڪو لڏڻ
موت مثل چپ رهڻ
نہ ڪو چرڻ نہ ڪو پرڻ،

نہ چمڪدار سطح جنهن ۾ منهن ڪوئي ڏسي سگهي
روز صبح ٿئي ٿو پر شفق جو رنگ
هن کي سون ڪين ٿو ڏئي سگهي
ستارا روز چمڪندا رهن مگر نہ عڪس ڪو -
اهو تلاءُ آ انڌو.
چنڊ پيو چڙهي اچي
تڏهن بہ هن ۾ لهر ڪانہ ٿي اٿي
جيڪا چنڊ ڏي وڌي
ٻار ڪو پٿر هڻي
واءُ ڪو تکو لڳي
۽ هي سبز رنگ سينور آهي جو
جڳن جو جهل
هڪ دفعو ڇڇي پوي
۽ تلاءُ، هي انڌو تلاءُ، صاف ٿئي
شفاف ٿئي
ان ۾ پاڇو چنڊ جو تري.

# موتي چو ٽي پائين

موتي چو ٽي پائين
موتي چو ٽي پائين
تنهنجي اکين ۾ موتين کان وڌ جرڪو
موتين کي چو ٽي شرمائين
موتي چو ٽي پائين

سرخي چو ٽي لائين
سرخيءَ کان وڌ لالي تنهنجي لبن ۾
سرخيءَ کي چو ٽي شرمائين
سرخي چو ٽي لائين

ريشم چو ٽي پائين
ريشم کان وڌ نرم سنڌ بت
ريشم کي چو ٽي شرمائين
ريشم چو ٽي پائين

# انا الحق حق

حق حق انا الحق حق انا الحق حق انا الحق حق
هٿو دوئيءَ کي ڏک ، انا الحق حق انا الحق حق

تون ٻوڙي ٻوڙي مون ڏي اچ چوان تو سچ انهي تي نچ
انهي ۾ ناهي ڪوئي شڪ ، انا الحق حق انا الحق حق

محبت جا توٰن خيما ڪوڙ ، ٻيائي ٻوڙ دلين کي جوڙ
دوئيءَ کي هڻ تون هڪئي ڏک ، انا الحق حق انا الحق حق

سيئي مشرب منهنجا آهن ، مذاهب مون آڏو ڇاهن
نہ آهي منهنجو ڪو مسلڪ ، انا الحق حق انا الحق حق

اسان وٽ پيار رڳو آ پيار اسان سي نفرت ڪان بيزار
ڪري وٽ پڪ ڪري وٽ پڪ ، انا الحق حق انا الحق حق

ٻيائيءَ جا ڏينگا ڏاهيون محبت جون ماڙيون ٺاهيون
لنگهي ويندا سين هرهڪ لڪ ، انا الحق حق انا الحق حق

◎

نہ ڪا حور گهرجي نہ ڪا ئي پري
اها ئي ڪپي جا ڪري دلبري

تجليءَ ۾ گرمي تجليءَ ۾ نور
تجليءَ سان ليڪن پئي دل ٺري

سَري ويئي ليڪن وڏي ڪرب سان
اوهان کان جدا ٿي گهڙي جا سري

ڪڏهن مينھن پئي آهي ويندي ڄمي
ڪڏهن پهڻ پئي آهي ويندو ڳري

ڏٺس تو ڀري پيار جي هڪ نظر
۽ تنوير ان ئي گهڙيءَ پيو ڪَري

# هيءَ ڌرتي

هيءَ ڌرتي آ سخي
هيءَ ڌرتي آهي بخشڻهار يي
هيءَ ڌرتي آهي پالڻهار يي
هيءَ ڌرتي آهي جڳ ڏاتار يي
هيءَ ڌرتي آهي سرجڻهار يي

هن وٽ ڪٿي مان ڪيچ ٽئي
داٿي منجهان انبار ٽئي
ڏھ دنيا ۾ ستر آخر
هيءَ تہ دنيا ۾ ٺي ستر ڪان بہ وڌ تي موٽ ڏٺي

هيءَ ڌرتي آ سخي
هيءَ ڌرتي آهي بخشڻهار يي
هيءَ ڌرتي آهي پالڻهار يي
هيءَ ڌرتي آهي جڳ ڏاتار يي
هيءَ ڌرتي آهي سرجڻهار يي
هيءَ ڌرتي تي چوي -
مون ۾ پوکيندو اوهان جيڪو بہ

ان جو مان سئوٽو ڦل اوهان کي ڏيندس
اڻ ميو موٽائيندس

پاڻ وٽ ڪجهه يي نہ رکندس
اڻ ميا انبار ڏيندس
هر منڊ ۾ هر بار ڏيندس
پر نہ مون ۾ پو ڪجو
نفرت جو ٻج
پر نہ مون ۾ پو ڪجو
نفرت جو ٻج!

سڪي وڃن نه مٿان ياد جا ڪنول نازڪ
۽ لڙڪ هاري وري اڄ پرينءَ پچار ڪيو

جو زخم ٻرجي نه سگهجي اهو ٻلي رسجي
اکين جي آب ڪي ان جي مٿان نثار ڪيو

هوا آ خشڪ فضا ۾ نه آهي ڪا سرهاڻ
غمن ڪي نشر ۽ دردن ڪي آشڪار ڪيو

چڱو ٿيو جو پيا زخم جا ٽٽي ٽاڪا
بهار ناهي ته زخمن سان ئي نڪار ڪيو

(پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾ )

◎

سڌ پڙاڏو هڪ تي ويا
اس ۽ پاڇو هڪ تي ويا

سايا سپنو هڪ تي ويا
عڪس آئينو هڪ تي ويا

مايا ڇايا ڪانه رهي ڪا
سمنڊ ۽ بوڙيو هڪ تي ويا

وچ ۾ ڪونه رهيو ڪو وسيلو
سُر ۽ سُرندو هڪ تي ويا

◎

جي آ هبالار پوءِ ب ڪاچو آ
رات ڌرتيءَ جو پنهنجو پاڇو آ

جيڪو ناهي اهو ٻلا ڇو ڪين
جيڪو جيڪو ب آ ٻلاڇو آ

ڪر سندن احترام قاضي شهر
دردوندن جو پنهنجو درجو آ

اهي سنجيدهہ ڪيئن تي سگهندا
زندگي جن جي لاءِ چرچو آ

مان چوان ان کي عڪس تو سَڏَجو
تون چوين تو اهو پڙاڏو آ

# هائڪو

ناهي ڪجهه به وڏيڪ
اڏري جيٽ پلين ويو
هيءَ دونهين جي ليڪ

حويلي نالو
يت ڪوٽ جي پٺي ڪري
پوءِ به لڳل تالو

واتون سڀ ٻسيون
ڪاري اس ڪاڙهو تتو
ڪرڙن منجهه پُسيون

مون کي هر وقت پلا ائين ڇو لڳندو آهي
پاڻ ڇڻ اصل ۾ هڪ وڻ جون ٻه شاخون آهيون
پاڻ ڇڻ پنکڙيون هڪڙي ئي گل جون آهيون
دور هوندي ٻه ڪوئي پنهنجو ڇو لڳندو آهي
مون کي هر وقت پلا ائين ڇو لڳندو آهي

ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪو دريا هئو
تون ۽ مان ان وڏي درياهه جون لهرون هئاسين ،
اوچتو اوچتو ٻئي هڪ ٻئي کان وڇڙي وياسين
لڳو طوفان ڪو اهڙو جو پتو ڪين پيو
ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪو درياهه هئو

ائين ٿو ڀانئجي ڄڻ اڳ ۾ هئاسين ٻه ڪڪر
ڪا هوا تيز لڳي ۽ ٽڙي پکڙي وياسين
نه ڪٿي ڇانو ڪئي سين نه ڪٿي برسياسين
درد جي جهنگ ۾ گم ٿي وئي ڄڻ راهگذر
ائين ٿو ڀانئجي ڄڻ اڳ ۾ هئاسين ٻه ڪڪر

اهو سيڪجھ تو لڳي دل سان مگر دل نہ مڃي
نہ وڇوڙو اهو آهي ڪو ابد تائين فراق
جلد ئي جلد ڪلڻ وارا آهن دل جا طاق
وقت بس چاڻ تو وچ وارا سيئي بنديڇي
اهو سيڪجھ تو لڳي دل سان مگر دل نہ مڃي

مون تہ چاتو اهو هر ويل - ۽ تو چا چاتو
تون بہ ائين سوچين تو جيئن مون پئي سوچيو آهي
تون بہ ائين چاهين تو جيئن مون پئي چاهيو آهي
مون سان تہ تو نينهن بہ مون جهڙو ئي آهي لاتو
مون تہ چاتو اهو هر ويل - ۽ تو چا چاتو

(موتي پرڪاش جي ڪراچي اچڻ تي)

# ڪيڏارو

(داستان پنجون)

جي مارڳ منجهه مٺا تن جو طالع چا پڇو
واريءَ منجهه ڪنول ڄڻ اوندهه منجهه ڏيئا
ٻهه ٻهه ڪري ٻريا جرڪي سارو ديس ويو

مٺا جي مارڳ تن جو طالع چا پڇو
ريٽو تن جي رت سان آزاديءَ جو دڳ
جوت سدا جڳ مڳ جهڪي ٿئي ڪينڪي

مرن مارڳ منجهه گولين سان پرڻ جٺو
نه ڪا دانهن نه ڪوڪ آ نه ڪا ڪنجهو ڪنجهه
گوليون سيني منجهه ته ٻه نعرا هٺن نينهن جا

واڍوڙڪي منهين ناهي ڪنجهو ڪنجهه
هتي صبح سنجهه نعرا لڳن نينهن جا

ها، ويريءَ ڪان وير وٺو آهي جلد ۾
سنجها ٽيندي ٽي وڃي وڃبي هاڻ نه دير
متان ٽئي اوير پير نه ويريءَ جو ليي

ويري ٿيو ڪيري اسان ساڙيو مچ ۾
ڏرو ٿيو ڏرڪي پيو ۽ ٿي پيو ڏيري
جيئن ڪائي ڦيري پکي ڪري بندوق سان

هيءُ واريءَ جو ڪوٽ ۽ هوءَ مکڻ جي ماڙي
پرندا ائين جيئن ٺهي وڃي تاڙيءَ سان آڙي
ڏيئي اماڙي ساڙيو جهوني ڪوڙ ڪي

لڪي ۽ لڙو، لڙي ۽ لڪي وڃو
سيڪنهن سان ساٿيھ آ ڪوئي ناھ چڙو
اهو ڪوٽ ڪڙو باقي ٿورا ڏينهن آ

لڪي وار ڪيو، وار ڪري وڃو لڪي
هن تي قهر ڪيو، ڪهل نہ ويريءَ تي روا

ويريءَ ساڻ وڙهي آيو جنهن جو ڪانڌ آ
سا وني گل گلاب جيئن آهي پئي ٽڙي
سرتيون سڀ مڙي ڏين مبارڪ ان کي

ويرين کي ماري جيڪو مرڪي آئيو
سرتين ساٿاري مرڪي تنهن جي ماءُ تي

ڀاڄوڪڙ جي ڀيڻ ويٺي روئي ڪنڊ ۾
مڙي ڪري سرتيون ويٺيون ڏينس ويڻ
تي نوڙائي نيڻ اکيون ڪٺي ڪينڪي

کين سڏائيندي ڪڌهن ڪا ڪاٺر جي ماءُ
پٽ تي ايندس تاءُ آلي ويندي لوڪ ۾

وڙهن ۽ وهسن آئون گهوريِ تن تان
ويهي مورچن مان ٺاٺا ٺڪ ٺڪ ڪن
دشمن کي بي درد ٿي مارن ۽ مرڪن
منهنجيون اکيون ٺرن جي آءُ ڏسان تن کي

چيله ۾ گولين جو پٽو ڪلهي تي بندوق
اکيون ٽانڊن جيئن ٻرن ۽ منهن لال سڄو
منهنجو پرين اهو، سولو سڃاڻ سيلئه

سنڌ ته سکي ٿئي آءُ ڏهاڳڻ ٿي چڱي
نياٺيون سياٺيون تن جو ونگو وار نه ٿئي
منهنجو ننڍڙو پٽ جو، ٿي آزاد جيئي
ڏولائو جو ڏيهه تي اهو شال لهي
منهنجو ڪانڌ مري ماري موذين جو هزار

مکڻ جو چاٺو آهي منهنجو سپرين
دشمن جي لاءِ آهي پر هيري جو داٿو
ڪڌهن نه ٿئي ساٿو هٿ وڙهي جو ويڙهه ۾

اسٽين گن ڪٺي ورديءَ ۾ آيو آ ڪوڙ
سچا سنج ڏٺي هٿين خالي ٻي سگها

(ٺوڙهي واري واقعي تي)

# فرينچ شاعريءَ جا ترجما

# لاٽ

آءُ اڪيلائيءَ ۾ ئي پنهنجو آکيرو ٺاهيندس
جبلن جي اوچائيءَ ۾
ٽڪرين جي اونهائيءَ ۾ ئي
مان پوڙهو ٿيندس.

منهنجي من جي باهه
آسمان ڏي اڏندي
جنهن جي لاٽ کي
ڪو به واءُ، ڪوئي به واچوڙو،
سگهندو ڪين ڏڪائي.

ايئُن نه چئُجو منهنجا رفيقو
ته آءُ اوهان کان ويس ڦِري
ايئُن نه ڀانئُجو منهنجي پيڙا
منهنجي لئه آ اوپري.

اوهان جڏهن به کڻندؤ ڪنڌ
ڏسندؤ هڪڙي لاٽ
جبل جي چوٽين تي ٻرندڙ.

اوهان سوچيندؤ
اها اوهان لئه ڪنهن ٻاري آ
نيٺ سمجهندؤ اوهان
آءُ اتي آهيان-
ترسيل-
اوهان جي پيار جي لاءِ.

— ايم-ايم- ديوي

# سرءَ جو گيت

دکها سڏڪا
سرءُ جي
وايولن جا
ڦِٽن دل کي
هڪ ڪري
ڏين سُستي
گهٽيندي ساهه
ڪن زخمي
جڏهن گهڙيال
هٿي ٺڪاءُ
اچن تا ياد
گذريل ڏينهن
مان روئان
ڪٿي مون کي
خزان جو واءُ
سرءُ مند سان
سڪل پن جان
وچان اوڏانهن!

- پال ورلئين

# وسڪارو

ڳوٺ مٿان جيئن مينهن وسي ٿيئن
منهنجي دل تي وسڪارو
سا آهي ڪهڙي ڳٽي
پيهي ويئي جا دل ۾ يارو

ڌرتيءَ تي ۽ ڇتين مٿان
او مينهن سندا مٺڙا آواز
هڪڙيءَ دڪيل دل جي خاطر
وسڪاري جو هڪڙو سازا

مينهن وسي ٿو بنان سبب جي
ان دل تي جا آهي ستايل
جنهن جو ڏک آ بنان سبب جي

درد پراڻو آهي چڱو
جيڪو آهي بنان سبب
بنان محبت ۽ ري نفرت
منهنجي دل ۾ ايڏو درد.

— پال ورلئين

# منهنجو عجيب خواب

ڏسندو آهيان اڪثر هڪڙو عجيب چنڊڙ خواب
ان چاتل عورت جو ، جا پيار ڪندي آ مون سان ،
جنهن سان پيار ڪندو آهيان مان
جيڪو هوءَ ڪندي آ ، ايئن ئي ڪاٻ ڪندي آ ڪين
مان ٻـ هن کي چاڻندو آهيان ،هوءَ ٻ سمجهندي آهي مون کي
چاڻندي آهي هوءَ سندم شفاف اندر کي
فقط اهائي آهي جنهن تي ختم ٿين ٿا سارا سوال
فقط اهائي آهي جنهن لئہ آلو ٿيندو آهي نرڙ
(پگهر سان)

هوءَ ڀوري آ ، ڪاري يا سانوري ، ان سان ناهي مطلب
هن جو نالو چاهي نہ ڄاڻان ، پر پڪ ئي مٺڙو هوندو .
هن جي نيڻ نهار جيئن ڪا نيڻ نهار بتن جي
هن جو آواز آهي ڏاڍو ماٺو ۽ گنڀير
جنهن ۾ مليل آهي ميٺاج .

- پال ورلئين

# تنهنجا ايترا خواب ڏٺم

تنهنجا ايترا خواب ڏٺم ، جو
تنهنجي سايا گم ٿي وئي آ

اجا ٻـ وقت آهي ، جو تنهنجي
حقيقي جسم کي پهچي سگهان
تنهنجي چپن ۾ چمي سگهان
مٺڙا ٻول جنم ونڻ وقت -
ٻول جي مٺڙا آهي مون لئہ.

تنهنجا ايترا خواب ڏٺم ، جو
پاڇولي کي ٻاکر پائي
پنهنجي ڇاتيءَ لائڻ ٿي ،
منهنجون ٻانهون ويون هري ،
تنهنجي جسم جي هر هک موڙ

۽ لاهيءَ چاڙهيءَ کان ويو هان
واقف ٿي.

سايا کان اڳ ۾ ئي مون کي
تنهنجو سپنو وڪوڙي ويو
مان پي ٿي ويس پاڇولو.

او جذبات جي تارازي
تنهنجا ايترا خواب ڏٺم، جو
جاڳڻ ناهي مناسب مون لئه
بيٺي بيٺي آهيان ستل
۽ منهنجو جسم آهي کُليل
حياتيءَ لاءِ، محبت لاءِ، تنهنجي لاءِ
هڪ تنهنجي ئي خاطر
جنهن جا چپ ۽ جنهن جون پروون
ڇهي سگهان ٿو آءٌ
تنهنجا ايترا خواب ڏٺم
تو سان خوابن ۾ ڳالهايم
گڏ گهميس ۽ پيار ڪيم
تنهنجي پاڇولي کي
هاڻي مون کي گهرجي
پاڻ بہ هڪ سپنو، هڪ پاڇولو بڻجي
پاڇولن ۾ پاڇولن سان
تنهنجي جيون جي
سورج گهڙيءَ تي آءٌ گهمان.

- رابرٽ ڊيسنو

# ڪپڙا لاهه

ڪپڙا لاهه
هن ڪاري پاڻيءَ ۾ وهنج
ڪاٻه ڊڄڻ جي ڳالهه نه آهي
اڳي به تو ائين آهي ڪيو
ماٺهوءَ جو بت اسفنج ناهي جيڪو چُهي وجي پاڻي
سچ سڪائيندو ڳپ ڪي
ساري مٽي ويندي ڇٽي
وهنج
وڃ اوڏانهن
ڌرتي آهي وشال
ان جان تنهنجي دل ۾ي
جنهن ۾ احتساب ڪان پوءِ ۾ي
ڪائي خامي ڪين لڌي
ان ۾ ڪڏهين ۾ي ڳپ ڪين ڳِهڙي.

- رابرٽ ڊيسنو

# رستي جو راڳ

تون - جنهن کي آءُ گهمائڻ وٺي وڃان ٿو
هيئن سمجهان ٿو،
هلڪو ۽ عالي شان
آهي سنڌ ساما‌ن
عالشان سنڌ صورت جان
-هلڪو تنهنجي عمر مثال
ڏاڍو سرَهو آهي سفر

- پال جيرالدي

# ٻيائي

مٺڙا تون مون کي سمجهاءِ
ايئن ڇو چوندو آهين
"منهنجو پيانو"  "منهنجا گلاب"
ڪئي ڀيرا توکي ايئن چوندي ٻڌو اٿم
"هيءَ شيءِ منهنجي پئسن جي آهي"
"مان هوءَ شيءِ خريد ڪرڻ ٿو چاهيان"
جيڪو منهنجو آهي سو آهي تنهنجو!
پوءِ اهي سڀ ڳالهيون ڇو
منهنجو تنهنجو، تنهنجو منهنجو؟
جي تون مون کي پيار ڪرين ٿو
چوندو ڪر: "ڪتاب، پستا
۽ گل گلاب اسان جا"

– پال جيرالدي

# ڪلهڙو

فطرت هڪڙو مندر آهي جنهن جا جيئرا ٿنڀا
ڪڏهن ڪڏهن ڪا منجهيل منجهيل ٻولي ڳالهائين ٿا
اهڃاڻن جي جهنگل مان جي ماڻهو ڪوئي لنگهي ٿو
هو ان ڏانهن سڃاتل گهورن ساڻ نهارن ٿا

ڊگهن پڙاڏن وانگر جيڪي دور ڪان رلجي ملي وڃن ٿا
ڪنهن پاڇولن واريءَ ۽ ڪنهن اونهيءَ وحدت ساڻ
جنهن جي وسعت رات جيان يا جوت مثال آهي
سُرهاڻيون ۽ رنگ جتي هڪٻئي ساڻ ڳالهائن ٿا

ڪي سرهاڻيون ٻارن جي جسمن جان آهن تڏڙيون
ماکيءَ وانگر مٺڙيون آهن، باغن وانگر سايون
۽ ٻيون آهن ڪريل، اُچيون ۽ آهن سوپاريون

سڳنڌ جنهن ڪي لاحد جي وسعت حاصل هوندي آ
انبر جان ۽ مشڪ مثال ۽ لوبان مثل سڳنڌ
ڳائيندي آهي جا راڳ حواسن جا ۽ من جا.

– چارلس بودليئر

٦

# ’هيءَ ڌرتي‘
# کان پوءِ

(١٩٨٥ع کان ١٩٨٨ع تائين)

# فهرست

عنوان | صفحو


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ١- كاله توسان جو رُسي آيس مان | ٥ |
| ٢- هائيڪو: ڏنئي ڪاله چمي | ٦ |
| ٣- هيءَ دبئي جي شام (دبئي جا هائيڪو) | ١٢ |
| ٤- آئي آ پن ڇڻ (خيرپور جا هائيڪو) | ١٤ |
| ٥- حضرت عيسيٰ | ١٦ |
| ٦- تون هجين ڪير يي | ١٧ |
| ٧- مان ملحد مان بي دينو | ١٨ |
| ٨- مذهبن جنهن جي ٻـ من ۾ يي اچي واسو ڪيو | ١٩ |
| ٩- تنهنجي درد فراق او يار | ٢٠ |
| ١٠- همہ اوست | ٢١ |
| ١١- لڳائي آئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن | ٢٢ |
| ١٢- تنوير ڪي وٺي ٿي هڪ سهٽي ڇوڪري | ٢٣ |
| ١٣- ڪاوڙياسين - ڏار ٿياسين | ٢٤ |
| ١٤- ميڻ جي ماڙي | ٢٥ |
| ١٥- بسنت جهڙو سپرين، جنهن جو | ٢٦ |
| ١٦- توسان عشق الستي يار | ٢٧ |
| ١٧- شل جيئين شل جيئين | ٢٨ |
| ١٨- ڪيڏارو (فاضل راهو) | ٣٠ |
| ١٩- ڪيڏارو (اورنگي) | ٣١ |
| ٢٠- ڪيڏارو (وائي) | ٣٢ |
| ٢١- ڪارو ڏامر روڊ جو | ٣٣ |
| ٢٢- يار نٿو ڳالهائي - يارو | ٣٤ |
| ٢٣- جيڪو وسري ڪين گهڙي پل | ٣٤٠ |

| | | |
|---|---|---|
| ٢۴- | بتي نہ ٻار اڳڻ جي | ٣۵ |
| ٢۵- | مذهب مسلک | ٣٦ |
| ٢٦- | ساجن گھونگھٽ کوليو | ٣٧ |
| ٢٧- | مون تہ گلاب لڳايا آهن | ٣٨ |
| ٢٨- | سپنا سايا تيندا | ٣٩ |
| ٢٩- | هرکو ماڻھو پيار کري ٿو. | ۴٠ |
| ٣٠- | تو نہ ڳالھايو مون نہ ڳالھايو | ۴١ |
| ٣١- | منھنجي ميرانجھي من تي کو سورج جھلکا ڏيندو | ۴٢ |

⑤

ڪالهه تو سان جو رُسي آيس مان
بس ايئن سمجهه کُسي آيس مان

هائي سوچيان ٿو تہ ڪا ڏي وڃجي
تنهنجي محفل مان اٿي آيس مان

در جي ڪڙڪي ۽ ڏسين مون کي تون
سمجهان ايئن تہ ڀُلي آيس مان

توڏي ايندس تہ مان ڄاڻي واڻي
پاڻنجان ايئن تہ ڀُلي آيس مان.

وٽ وارئي سيو ڪجهه پيار سوا
تو وٽان جيڪو کڻي آيس مان

مان تہ ڀانيان ٿو هيس تو وٽ ئي
تون چوين ٿي تہ وري آيس مان

تو وٽ آيس نہ ڪڏهن خالي هٿ
هر دفعي درد کڻي آيس مان

## هائيڪو

ڏٺي ڪاله چمي
اڄ ٻ منهنجي ڳل تي
ان جي آهي نمي

آيو اونهارو
پنکڙيون ڇڻنديون ويون
ڦٽي لڳو ميوو

پن ڇڻ جي سانجهي
دز رليل ڪرٽا هٽا
هر شي ميرانجهي

ڪوئل پئي ڪوڪيو
رڪشا جي آواز جو
ايئن وچ ۾ ڏوڪيو

بجلي تي وئي فيل
جوت ستارن جي وڌي
مهڪيا وڏ رابيل

واهه پر ترڳن ٻار
اپ تي ڳاڙهو سج آ
پرتي لال ليار

پتڙ کو کاڏو جهرڪ
۽ هن الهڙ چوڪريءَ
کيئن نه پريو چرڪ

صبح سياري جو
پيو آ تڙڪو ماڪ تي
ڏنڏلو ڪجهه چٽو

چلهه جي چوڌاري
سياري جي اڌ رات جو
مٽل چوياري

گهٽبو ناهي پيار
جيڏا وار اڇا ٿيا
اوڏو وڌندو يار

اونداهي ٻٽ هاڻ
آندي جهونٽي اوچتو
رابيلن سرهاڻ

سگريون ڪنڌيءَ منجهه
چاڻ تہ سنڌوءَ ليٽ ڪئي
پڪڙيو ٻيڙين ونجهه

ڪجين جهليا ڏنگ
اپ ۾ آ گجگوڙ ٿي
پڪڙيو ٻيڙين ونجهه

هوريان هوريان پيءُ
مينهن بہ ڦڙ ڦڙ ٿو وسي
ان جو ساٿي ٿيءُ

جڻ تہ سجاڻپ ناهه
پوءِ چو ايئن اک ٽيٽ سان
مون ڏي آهي نگاهه

ڏٺي سال ٿيام
تنهنجي جسم جا ور وڪڙ
پوءِ يي ياد رهيام

ييچ ينيءَ جي ويل
پڇي ويو هٿماڪ سان
پنيم پئي رابيل

نوريٽرو ٻوڙيو
ٽاري لڏي ٻير جي
پڪل ٻير ڪريو

ڏينهن سچو هڻ هڻ
سانجهيءَ موٽيو - گهر ۾
ٻارن جو ٽمجهڻ

اسر ڪان هڻ هڻ
منجهند نم جي ڇانو ۾
ڪرين جي ٽڻ مڻ

هر شي ميرانجهي
سوا تنهنجي مرڪ جي
روشن آ سانجهي

ڳرائيون ڳوڙها
پرتا سالن بعد ۾
ياڪر ۾ سوڙ ها

وڻ ۾ چنپا گل
تون ۽ مان ٻئي سانت ۾
هيڪارن جا هل

ساوا پن وڻن
پر جي تن جي وچ ۾
ڳاڙها گل ڇڻن

تنهنجو ڪيڏو ملھ
وارن ۾ محبوب جي
او چمپا جا گل

آهي ضروري
يارن کي پيارڻ مگر
وسڪي آ ٿوري

آءُ اڪيلي واٽ
ويل اسر جي ٿي وسي
هلڪي هلڪي ڇاٽ

تنهنجا ٿهڪ ٽڙيل
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي
ڀني مهڪ مليل

ماڪ سان آلي ڪار
سوهڻي سياري سنڌي
ڪنهن جو انتظار

تو کي خط لکيم
لکي ۽ کي ئي پنا
ور ور پٺي ڦاڙيم

ٻيڙي ۽ مانجهي
گونجيل گيت فراق جو
سرءُ جي سانجهي

هي فطرت جا رنگ
ميري پاڻيءَ جي مٿان
اڇا اجرا کنگ

ٽڙيل چمپا گل
تون ۽ مان خاموش پر
ٽهڪارن جا هل

کولاچيءَ جو ڪُن
هيءُ ڪاڏيءَ جو ڪپ آ
يا هيءُ تنهنجو دن

تنهنجا اِرهه انار
مکڻ جي نرمي منجهه
ڪٿان آئي يار

سڄاتل سُرهاڻ
منهنجي ڪمري ۾ پرينءَ
پير ڏريو آ هاڻ

# دٻئي جا هائيڪو

هيءَ دٻئيءَ جي شام
منهنجي سامهون آرسي
جڻ نارائڻ شيام

دٻئي دل جيتي
موتيءَ موهن گوپ سان
مڌ وئي پيتي

دٻئي جي هوٽل
ڳالهيون ڳوڙها ٺهڪڙا
هڪ ٻئي ۾ رلمل

دٻئي جي هوٽل
ٻاڪر سڌڪا ۽ چميون
پڙهيو شيام غزل

ٻگهه چپ بيٺو هو
هوا لڳي ڍنڍ تي
ٻگهه جو عڪس لڏيو

موڪل تان موٽيو
ڪمري ۾ هر چيز تي
دز ئي دز رڳو

ڪوئل جي ڪُو ڪُو
۽ هن ننهڻ اس ۾
گدري جي خوشبو

◎

# خيرپور جا هائيڪو

آئي آ پن ڇڻ
سِن وڻن پن ڇاڻيا
نرچو ڪجيءَ وڻ

مير واھ تي شام
سوني پاڻيءَ ڏي جهڪي
ٽالهيءَ ڄڀي هڪ لام

سانجهي سنجهيون ٽاپ
پرينءَ پر تي واھ جي
ڪافيءَ جو آلاپ

مير واھ سان پنڌ
ڪالھ هٿا جيڪي پڪي
اڄ نہ اهي ان هنڌ

پنج گلو ۽ شام
ويٺيءَ ۾ رابيل ۽
لب تي ڪنهن جو نام

بنا سبب سنسار
پوءِ بہ ڪيڏي سونهن آ
پوءِ بہ ڪيڏو پيار

تنوير چنيءَ ۵۰۸

هيءَ قدرتي ڪان پوءِ ۱۴

پرينءَ جو پاڙو
گهٽي گهٽي ڄڻ ڪاڪ آ
ءِ پاٽي ٻاڙو

ها ها او ڏاڙيل
ڪٿي وڃو سڀ سون پر
پٽيو نہ هيءَ رابيل

لتاڙيندي گپ
آئي جو مارڪيٽ مان
ڪِڪيءَ هاٿي ڏپ

لانديءَ مٿان چنڊ
ڳاٽ وارا وڃد ۾
مانڊيءَ جو ڄڻ منڊ

گرمي گهٽ مڪيون
آرايون ڪنهندي چيائين
ڪجيون ڄاڻ پڪيون

جون ۾ پچرن انگ
سنڌڙي انب ءِ ڪارڪون
هيءُ سونهري رنگ

قلفيءَ وارو نيٽ
گهلي گاڏو ٻي بجي
بيٺو وڻ جي هيٺ

◎

حضرت عيسيٰ
تو صحيح چيو
تہ ڪو ھڪ ڳل تي ٺڪ ھڻي
تہ ان کي ورائي
ٻيو ڳل ڏيو
پر جي ڪو ھڪ شھر تي ائٽم بم ھڻي
تہ ڇا ان کي ٻيو شھر بہ ڏيون
تہ ھن تي بہ ائٽم بم ھڻ

حضرت عيسيٰ
تو سچ چيو
تہ جنھن وٽ بہ ماڻيون آھن
اھو ھڪ ان کي ڏئي
جنھن وٽ ھڪ بہ ماني نہ آھي
پر جيڪو منھنجي ٻچن کان ماني کسي
ان لاءِ ڇا چيو اٿئي؟

# تون هجين ڪير پي

تون هجين ڪير پي
۽ هجين تون ڪٿان جو ٻـ
تنهنجو ڪهڙو ٻـ مذهب هجي
تنهنجو ڪهڙو ٻـ مسلڪ هجي
۽ زبان ڪابـ تنهنجي هجي
رنگ ۽ نسل ڪو پي هجي
تون هجين ڪير پي
سڏائين تو انسان جو پاڻ کي
اٿمي جنگ ڪان تون بچين
شل بچين
شال جڳ جڳ جيئن
شال جڳ جڳ جيئن

◎

مان ملحد مان بي دينو
منهنجو مڪو نہ ڪو مدينو

گنگا زمزم ڪي ٺڪرايان
پنهنجي سنڌو اکين لايان
تري تو دل ۾ جنهن جو سفينو

اڪر الله جو دل تي ناهي
۽ نہ وري شيطان جو آهي
آهي صاف پنهي ڪان سينو

مطلب لاءِ نہ مسلڪ پنهنجو
پيار جو مذهب سنهنجو سنهنجو
محبت جنهن جو آهي قرينو

تعصب مذهب مان اپجي ٿو
نفرت تي پلجي نپجي ٿو
ڪڏي چڏدل مان تون هي ڪينو

◎

مذهبن جنهن جي به من ۾ ٻي اچي واسو ڪيو
تنهن جي دل ۾ بس رهيو رب ماڻهپو نڪري ويو

يا محبت يا تعصب دل ۾ ٿا ماپي سگهن
ٻن ترارن جاءِ هڪڙي مياڻ ۾ ڪيئن دوستو

ڌرم مذهب جي وبائن ۾ ڪروڙين موت ٿيا
هن مرض کان وڌ نه ڪو انسان جو قاتل ٿيو

جنهن جي دل ۾ ناهي درد ان ۾ خدا ڪيئن ماپندو
جنهن جي من ۾ آ ٻيائي ڪيئن اهو مومن ٿيو

دين مذهب ۽ ڌرم ڪجهه عشق کان ناهي مٿي
ڳالهه مذهب جي لنوائي بات الفت جي ڪيو

ذات منهنجي لات لنوندي ڇا ته چوندي ذات ٻي
ڪلفتن جا محل ڍاهي الفتن جا گهر اڏيو

◎

تنهنجـــو درد فـــراق او يـــار
منهنجي جيءَ جو آهـي جياپـو

تنهنجي وچوڙي مون کي ولوڙي
آهـــي کيــو دک جــو هيــراک
روح کيـو کـٽ کيـن اجهـاپـو

تنهنجيون نگاهون روشن راهون
منهنجيـــون اکيـــون اوطـــاق
اڄ نــ تــ ڏيـنـدو ڏيــهـ ڏوراپـو

تنهنجيون اکڙيون مکڙيون مکڙيـون
منهنجـــا ڳـــوڙهـــا مـــاک
کـڏهين ٿيندو تـن جـو ميلاپـو

# همہ اوست

تون هڪ آهين
مان هڪ آهيان
هو هڪ آهي
سڀ هڪ آهيون

تون ۽ مان جي
ملي وڃون ٿا
هڪ ٿيون ٿا

هو ۽ مان جي
ملي وڃون ٿا
هڪ ٿيون ٿا

تون ۽ هو جي
ملي وڃو ٿا
هڪ ٿيو ٿا
پوءِ پيو ڇا ھي

تون هڪ آهين
مان هڪ آهيان
هو هڪ آهي
هڪ حق آهي
حق هڪ آهي
سڀ هڪ آهي
سڀ حق آهي
حق حق آهي.

⊚

لڳائي آئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن
جي گل تو آندا انهن جي سڳنڌ وئي ڏڪجي

مون پنهنجو درد تہ چرچي ۾ ٿي لنوائي ڇڏيو
مگر تون مون کي ڏسي چو ڀلا پئينءَ روئي

اڇڻ ڀي چاهين تڏهن ڀي سگهين ٿي ڪين اچي
ٻڌاءِ پيار کان وڌ آهي ڪهڙي مجبوري

زماني شور ڪيو پئي مگر مون ڪجهہ نہ ٻڌو
ٻڌي تہ تنهنجي اکين جي خموش ڳالهہ ٻڌي

مون تنهنجي پير تريءَ ۾ ڪئي هئي ڪتڪائي
۽ ڪن ۾ تنهنجي وڏائي سڄي وئي وگهري

ٻڌايان جڳ کي تہ بدنام ٿي وڃين شايد
جا ڳالهہ مون سان ڪندي آهي تنهنجي خاموشي

⊚

تنويرچئي ٥١٦

هيءَ قرتي ڪان ٻوءِ ٢٢

◎

تنوير کي وٽي تي هڪ سهڻي ڇوڪري
نالو نہ ٿو وٺي پر سمجهي وڃو ٻلي

سالن کان پوءِ مون کي جو پاتڻ ڳراٽڙي
پرفيوم ۽ پگهر جي خوشبو ملي وئي

ميڪ اپ کي ڇاتيو جو وٽڙيل لڳي پيو
کهڙي سبب آ بگڙي ڪپڙن جي استري

سالن کان پوءِ بہ ايئن جڻ آهين تون اڄ ملي
تنوير سان رکي آ تو کهڙي دوستي

◎

◎

ڪاوڙيا سين - ڏار ٿيا سين
پنهنجي پنهنجي گهر پهتا سين
گهر پهچي ۽ پڇتايو سين
ٿوريءَ دير پڄاڻان
ٻئي هڪ ٻئي کي پرچائڻ جي لئه نڪتا سين
۽ وچ رستي تي ٽڪريا سين
۽ هڪ ٻئي کي ڀڪ وڌا سين
ڪاوڙيا سين
۽ پرتا سين

# ميڻ جي ماڙي

پنهنجو پانيو تا جيڪو سو پنهنجو نہ آ گهر ٻار
جنهن جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف انهي جي آ سرڪار

نئين نسل جي ڪوپرين ۾ علم بجا آ پئُو سو
يونيورسٽين ۾ هرمند جهل جو فصل پچي ٿو

نئين نسل جي ذهن ۾ پيو ڪجهہ ناهي اوندهہ آهي
ڊگريون ڪوٺا ڏرڪڙ جن جو ڪوئي پي اگهہ ناهي

سرڪاري ڪامورا جڻ ڪي ڳُڏا هجن انگريزن جا
ٻاهر سادا ليڪن تن جي پيٽ ۾ سون پريل آ

پيلن ۾ سرڪاريون آهن جن جو حڪم هلي ٿو
جنهن ڪي حڪم ٿئي ويچارو ڏن پهچائي ڏئي ٿو

پير وڏيرا پنهنجي خاطر وڏي ڪرامت ڪن ٿا
سياست ۽ سرڪار ٻنهي کي پنهنجي هٿ ڪن ٿا

هر ڪنهن شهر ۾ اڏبا رهجن پيا منارا اوچا
ويچارا ماڻهو تن آڏو لڳن پيا جڻ ٻونا

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ جڻ ڪا ميڻ جي آهي ماڙي
جنهن ۾ ڪٺ پتلين جو تماشو رهندو آهي جاري

هنن وزيرن جي طاقت جي مان ڳالهہ ٻڌايان ڇا ڇا
هنن کان وڌ طاقتور آهن تاس جي راند ۾ گولا.

◎

بسنت جهڙو سپرين ، جنهن جو
گفتـــو گفتـــو گُـــل

مـورک مـاپـن تـا مـوتيـن سـان
تنهنجـــي مـــرک جـــو مُـــل

ٻُلي جي پهچين هن جي در تي
وري وري تـــون ٻُـــل

سانـت هيا سـپ ساز مگـر هئو
هـڪـــارن جـــو هُـــل

سونهن هلي اچ منهنجي گيتن
جـــي جهـــوليءَ ۾ جُهـــل

هائو بتن سان پيار ڪريون تا
ڪافـــر آهيـــون ڪـُــل

◉

تو سان عشق الستي يار
تو سان عشق الستي

تنهنجي هستي مُنهنجي مستي
مُنهنجي آهي مستي يار

عشق سوا اوچائي ڪانهي
پيار سوا سڀ پستي يار

سونهن سچائپ تنهنجي آهي
نينهن اسان جي هستي يار

ويھ اسان جي آڏو ڪجھ پل
ڳالھ ڪريون سر بستي يار

نينهن نگر آ منهنجي بستي
منهنجي آهي بستي يار

موھ جي مذ جو ملھ مهانگو
وسڪي آهي سستي يار

هتي موھ آ مُنهنجي مهڪ آ
هيءَ تنوير جي وستي يار

توکي ڏسندي تنوير
سکيو انسان پرستي يار

◎

شل جيئين شل جيئين
گل گلابيءَ جيان
تون سدائين نڙين

آءٌ آهيان جڏو
تون آن مون کان وڏو
بار ڌرتيءَ جي گولي
جو تنهنجي متان
۽ تون ان کي کڻي اگهيرو
اڄ کان
شال روشن سڀاڻي
تي پهچي سگهين
شل جيئين شل جيئين

ائٽمي دور آ
نفرتن زور آ
جنگ جهيڙو گهٽو
سڀ کٽو ۽ کٽو
شل کٽن کي گڏي
کيچ تن مان کرين
شل جيئين شل جيئين

بک بيماري آ
هن صديءَ جي سڃاڻ
تون سياڻو مٺا
تون تہ آهين سڃاڻ
شال چپن کي ٿهکن
۾ بدلي سگهين
شل جيئين شل جيئين

تون جيئين جي تہ هيءَ سنڌ
تو سان جيئي
تون مرين سنڌ جي لاءِ
تہ بہ هوءَ جيئي
تون مرين شل انهي کان
اڳي مان مران
سنڌ جي نئين ٿهيءَ
لاءِ قربان ٿيان
تون وڏين مان ٿران
تون وڏين مان ٿران
مان مران تون جيئين
مان مران تون جيئين
منهنجون سڀ خواهشون
تون ئي پوريون ڪرين
شال جڳ جڳ جيئين
شال جڳ جڳ جيئين

# ڪيڏارو

(فاضل راهو)

سڪي سيڪو شال هيءَ راهوءَ جي ريت
نيائي پريتِ سر ڏيئي ويو سنڌ کي

راهُو تنهنجي ريت سيکو ڪين سڪي سگهيو
ڏرتيءَ سان هيڏي پريتِ سيکنهن جو ڪم ڪين آ

راهُو ويو روڙي ڳاڙها گل گلاب جا
ذهنن تي زنجير هئا سي سڀ ويو ٽوڙي
سنڌ ويو جوڙي، ليڪن پاڻ ڀڄي پيو.

# اورنگي

اورنگيءَ ۾ ٻاهه ، ڇيٽون معصومن جون
دوزخ هن جهان جي ڄڻ جي آڏو ڇاهه
خلقي ڇا الله ، ماڻهوءَ کان وڌ قهر ٿيو

گلن جهڙا ٻارڙا ننڍن منجهه سڙن
سڙندڙ گهر منجهان الا اُپ جي طرف اُڏن
مُئين مائن جون رڙيون عرش نه ٿيون پهچن
جهوليون خالي ٿين ٻرجن قبرستان ٿا

گهر سڙيا ور سڙيا سڙيو سڄو کهول
ڪنور سڙيا ڪنواريون سڙيون ٻريا رنگ رتول
ڏسي هن ڏهڪاءَ کي هينئڙي اچن هول
جيڪو جهلي جهول ته پون ان ۾ رت ڦڙا

گل ته آهي گل کهڙي ٻي رنگ جو هجي
اسري جنهن ٻه منيءَ مان اَن جو وڏو ملهه

ڏڙڪو ورندو ڏڙڪو تي گار تي ورندي گار
رت ورندو رت تي پيار تي ورندو پيار
گولي ورندي گولي تي هار تي ورندو هار
پو اي منهنجا يار نفرت ڇو پوکيون هتي

# وائي

آڙاهن ۾ ڪالهه
سڙيا گل گلاب جا

لڏي ويو ماڻهپو
آيو سوڀونچال

رحم رلي ويو راهه ۾
پهتو قهر ڪمال

ماڻهوءَ ڇڏيو ماڻهپو
چليو وحشين چال

ڪارو ڏامر روڊ جو
ٿي ويو رت ۾ لال

امن ڏي تون سنڌ کي
ڀلا ڪر تون ڀال

مرڪن شل مه ورهت
نياڻيون ٿين نهال

سُکر ستائي سنڌ ۾
هو وي سدا شال

کارو ڏامر روڊ جو
تي ويو رت ۾ لال

امن ڏي تون سنڌ کي
ٻلا کر تون ٻال

مر کن شل معصوم هت
نياٺيون تين نهال

سکر سٺائي سنڌ ۾
هوي سدا شال

يار نتو ڳالهائي - يارو
مان ڳالهايان تو
هائو - مان ئي ڳالهايان تو

آءُ اگهاڙو آهيان ڇو جو
ويس دوئيءَ جا لاهيان تو

تو کي چاهيان تو ان لئه ئي
جيون کي مان چاهيان تو

منافقيءَ جا محل سيوئي
هک ئي ڌک سان ڊاهيان تو

پيار کري مان کک ۾ پن سان
تو سان نينهن نباهيان تو

خدا کي خلقي ڊاهيان تو ۽
ڊاهي، تو کي ٺاهيان تو

⊙

جيڪو وسري ڪين گھڙي پل
تنهن کي ڪيئن مان ساريان
هر دم تنهن سان گڏمان گھاريان

چوويھ ئي ڪلاڪ جو چت ۾
تنهن کي ڪيئن مان وساريان
هر دم تنهن سان گڏمان گھاريان

اگر هجي هو مون ڪان ٻاهر
پوءِ ان لاءِ مان نهاريان
هر دم تنهن سان گڏمان گھاريان

پانيان تو هو مون ۾ آهي
ان لئہ اندر اجاريان
هر دم تنهن سان گڏمان گھاريان

ويو فراق هليو تنوير
مان ورق وصال جو واريان
هر دم تنهن سان گڏمان گھاريان

◉

بتي نه ٻار اڱڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

اڄا ته رات جا پهرهن آهن
توکي لڳي آ يار وڃڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

رات جي راڻيءَ جا اوٻارا
آئي جڻ ڪا سار سڄڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

مان لهرن ۾ چنڊ ڏسان ٿو
توکي آهي پار پڄڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

ڏار ٿيون ٿا پر هيءَ ناهي
ويل اسان جي ڏار ٿيڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

# مذهب - مسلڪ

آ تنھنجي عشق جو اعلان اذان منھنجي لاءِ
۽ سنڌ سونھن جي ساراھ آ مون لاءِ درود
تنھنجي نالي جو ڪرڻ ورد وظيفو منھنجو
نرڙ مٿيءَ تي رکڻ تنھنجي آ مون لاءِ سجود

تنھنجي نقشي ڏي نھارڻ آ تلاوت منھنجي
تو سان الفت کي نباھڻ ٿيو منھنجو مذھب
نينھن تو سان لڳائڻ آھي مسلڪ منھنجو
نہ ڌرم دين ۽ مذھب سان آ منھنجو مطلب

تو سان جي عشق سلامت تہ آ قائم ايمان
تو سان جي نينھن ٽٽي پئي تہ ٿيان بي ايمان
تو سوا ٻئي کي جي چاھيان تہ وڏو مشرڪ مان
۽ جي تو کان رھان غافل تہ وڏو ڪافر ٿيان

تو مٿان ڪلمو پڙھي تو تي ئي شل ساھ ڏيان
سنڌ مان تنھنجي مٿيءَ سان ملي ھڪ ٿي وڃان
سڪ ۾ تنھنجي مران شال مان مومن ٿي مران
وات ۾ تنھنجي مران شال مان مومن ٿي مران

⊙

ساجن گهونگهٽ کوليو
مرڪي ٻهٻه ٻوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

وِرهُ وجود ۾ منهنجي
مصريءَ وانگر گهوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

ڏنڊ تي چنڊ جو چهرو
چولين پئي چاچوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

سوئي تيئڙو سائي
جنهن پئي رٽ ۾ روليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

مرڪي مهر ڪيائين
ڏوليو نيٺ تہ ڏوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

آمهون سامهون ويهي
تو تنوير سان ٻوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

(٥)

مون ته گلاب لڳايا آهن
پوپٽ پاڻهي آيا آهن

پيار جا سانگ سجايا آهن
پيا سڀ ڪم اجايا آهن

تنهنجا تهڪ گلن صورت
بسنت رت ورجايا آهن

سو مجبوريءَ جا فسانا
تنهنجي سانت ٻڌايا آهن

◎

سپنا سايا ٽيندا
ايندا ساجن ايندا

مون کي ڪين چڏيندا
مون کي ڪين چڏيندا

هو جاڏي ۾ ويندا
موٽي مون ڏي ايندا

هو ڪنهن جا ٻـ نـ ٽيندا
جي ٽيندا منهنجا ٽيندا

◎

هر ڪو ماڻهو پيار ڪري ٿو
ڪوئي ڪنهن سان ڪوئي ڪنهن سان

مان جو تو سان پيار ڪريان ٿو
نه ڀانءِ ته ڪو بيڪار ڪريان ٿو

ڇو ته حياتي هڪڙو ڦيرو
پهريون ڦيرو پويون ڦيرو
موت ڪٽي ٿو سڀ جو ڦيرو
هن کان اڳ نه حياتي هئي ڪا
هن کان پوءِ نه ملندي ٻي ڪا

پوئتي اونده اڳتي اونده
جوت رڳو آهي جتي اڄ
تون ۽ مان گڏ بيٺا آهيون

تو نہ ڳالهايو مون نہ ڳالهايو
توبہ سمجھيو ءِ مون بہ سمجهايو

ڇو پيلا ڪولي در ڏنٺ پاهر
مون تہ در تنهنجو ڪين ڪڙڪايو

مون تہ دل ۾ رکيو دٻائي درد
پوءِ پيلا ڪونج ڇو تي ڪُرلايو

پنهنجي ناڪام عشق کي ڪنهن نيٺ
ڪائنات ۽ خدا ڏي ڦهلايو

منهنجي ميرانجهي من تي ڪو سورج جهلڪا ڏيندو
ايندو ساجن ايندو

منهنجي جيون جي مقصد کي مون کان اڳتي نيندو
مون جا مڏ مڇائي آهي ان جا مَٽ ڪوليندو
ايندو ساجن ايندو

ماٺهوءَ موهه جو منهنجي من ۾ هو جڳ کي آڇيندو
ايندو ساجن ايندو

آءٌ ته ماضي آهيان سائين هو مستقبل تيندو
ايندو ساجن ايندو

لهندو مان هو پاڻ مٽيءَ جو مون کي مٽيءَ گڏيندو
ايندو ساجن ايندو

(سرمد جي وطن ورڻ جي خبر تي)